سواءِ ٻيو ڪوڏي جسم هن جاءِ تي ڪونهي. فرمايو ته چوٿس امامت ڪرائي. مون عرض ڪيو ته نماز جنازي جي نيت ۽ دعا مونکي چڱي طرح ياد نه آهي. هي نا واقفيت جو عذر به حضور ۾ پيش ڪيو ويو. فرمايائون ته جنازي جي نماز ۾ خاص نيت ۽ دعا جو شرط ڪونهي. بس توجه ۽ تڪبير ڪافي آهي. ان تي درويش ترڪيب جي تعليم جي لاءِ التماس ڪيو. فرمايائون ته چوٿ اَلصَّلٰوةُ لِلّٰهِ وَالثَّوَابُ لِلْمَيِّتِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ (يعني نماز الله واسطي ۽ ثواب واسطي ميت جي الله اڪبر) ۽ هر دفعي اڪيون بندڪر ۽ ڪول ۽ الله اڪبر چوٿ ايستائين جو چار تڪبيرون پوريون ٿي وڃن. مون اهڙي طرح حڪم جي تعميل ڪئي. جڏهن ڪين سپرد خاڪ ڪيو ويو ته رسول خدا صلعم جن سلامن جو تحفو حاضر ۽ غائب درويشن کي پهچائي تشريف وني ويا. شرف الاولياءَ جن منهنجو هٿ پڪڙيو ۽ پاڻ سان ڪني آيا جڏهن اک ڪلي ته مان هڪ معمولي جاءِ تي هئس.

مطلب ته سندن بزرگيءَ ۾ ڪنهن به شخص ڪي ڪلام جي گنجائش نه آهي. پاڻ پنهنجي پير وانگر خاندان نبوي عليه السلام جي محبت ۾ گم هئا. ربيع الاول مهيني جي پهرين ٻارهن ڏينهن ۾ محرم جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ ماتمين وانگر نئون يا ڏوتل ڪپڙو نه پائيندا هئا ۽ سوگوارن وانگر مٿو گوڏن تي ۽ هٿ مٿي تي رکي رئندا رهندا هئا. ڪاڏو يا شربت جيڪي ڪجهه ٿي سگهندو هو درويشن ۽ يتيم ٻارن کي ڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن سيد جي مقابلي ۾ شرعي دعويٰ ڪندو هو ته پاڻ منٿ سماجت ڪري اهڙي صورت پيدا ڪندا هئا ته جنهن سان سيد جي طرفداري ظاهر ٿيندي هئي. چوندا هئا ته سيد سان مروت سان پيش اچڻ گهرجي نه از راه شريعت- سندن آخري آرامگاه سلطان التارڪين حميد الاولياء جي روضي ۾ پنهنجي پير بزرگوار جي مزار جي هيٺان آهي.

شيخ عبدالوهاب رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ملتاني- بخاري ۽ سيد جلال سُرخ جي نسل مان آهن. جيڪو مخدوم جهانيان جن جو ونڊو ڏاڏو هو. چون ٿا ته سيد جلال بزرگ جا به پٽ هئا سيد احمد ۽ سيد محمود- مخدوم جهانيان سيد محمود جا فرزند آهن. ۽ پاڻ پهرين پٽ (سيد

www.maktabah.org

احمد) جي پوٽن مان آهن. کين ۾ دفعا حجاز جي سفر جي ذريعي حج جا ارکان ادا ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو هو. پهريون دفعو ملتان کان ۽ ٻيو دفعو دهليءَ کان. سلطان سڪندر لوڌيءَ جي زماني ۾ پنهنجي وطن کان اچي دهليءَ ۾ گهر بنايائون ۽ گهر واري ۾ ملين. کين هڪ پٽ هو. جنهن جو نالو ابوالغيث مجذوب هو. جيڪي ڪجهه ان جي زبان مان نڪرندو هو تقدير جا حڪم لکندڙ ان کي هٿ جي قالب ۾ آڻيندو هو. والد بزرگوار لوڌيءَ جي ترقي ۽ سلامتيءَ جي خواهش رکندو هو ۽ ان ۾ ڪوشش ڪندو هو. هڪ ڏينهن مجذوب پٽ پيءُ کي چيو ته بابا بي فائدي ڪوشش ۽ نامشڪور سعي نه ڪيو. جو ته هن سال سلطان تر جا توهان ۽ مان غرض ڪير ۾ هن جاءِ تي نه رهندو. جون ٿا ته انهيءَ سال ئي ظهيرالدين بابر بادشاهه دهليءَ جي طرف چڙهائي ڪئي. لوڌيءَ جي لشکر جي چغتائي سپاهه جي وچ ۾ وڏي لڙائي ٿي. ان ۾ سلطان سڪندر گهٽي فوج سان گڏ لڙائيءَ جي ميدان ۾ مارجي ويو. ۽ هي ٻئي ۾ الله جي حڪم سان انهيءَ سال ۾ ئي حجري سنه نو سؤ ٽيهه هو عالم صورت ڪان موڪلايائون ۽ اهڙي طرح مجذوب جو قول سچو ٿيو. خوابگاه شيخ عبدالله قريشيءَ جي مزار جي برابر ۾ اٽن جيڪا پراڻي دهليءَ جي حدن ۾ آهي.

شيخ سالار ناگوري رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ توفيق جي مدد سان تحقيق جي لاءِ جهان جو سير ڪيو ۽ انهيءَ جي ذريعي عبرت ۽ تجربو حاصل ڪيائون. ايران ۽ توران ۾ پهچي ڪتابي فنن ۽ ضروري علمن کي وقت جي بزرگن کان حاصل ڪيائون. ماڻهن کي ۾ گهڻو فيض پهچايائون. خاص ڪري جواهر علوم ۽ اسرار شيخ مبارڪ خضر رحه جن سندن خدمت مان معرفت الاهيءَ ۾ اعليٰ درجو حاصل ڪيو هو. شيخ مبارڪ پنهنجي ڪن تصنيفن ۾ سندن حالات هر موقعي تي لکيا آهن. انهن سيني حالات لاءِ هي مختصر رسالو گنجائش نه ٿو رکي.

شيخ جمال بتهري رحمة الله عليه جي ياد ۾

بتهري هڪ ڳوٺ آهي احمد ننگر دکن جو- پاڻ سيد حسيني قادري رحه جن جا فرزند آهن. سندن وڏا بزرگ غوث العرفا محي الدين جيلاني قدس سرهُ تائين پهچن ٿا. سندن والد بزرگوار هرمز جي رستي کان دکن آيو هو. ۽ بتهريءَ

www.maktabah.org

۾ پير بنجي قيام ڪيائون ۽ اتي ئي رحلت ٻه فرمايائون. ان وقت شيخ جمال نندڙو هو ۽ جيئن ته هن ڳوٺ ۾ ئي پاڻ ننڍا ٿي وڏا ٿيا هئا ان ڪري ڳوٺ جي نالي سان ئي مشهور ٿيا. سلطان بهادر گجراتي جنهن سال دکن ۾ آيو هو. انهيءَ سال هن شيخ سان ملاقات جو ٻه ارادو ڪيو هو. مگر اهو ٿي چاهيائين ته شيخ مونکي تعظيم ڏي. شيخ جو اهو حال هو جو دنيا سان دلبستگي رکڻ وارن لاءِ تعظيم خاطر اٿندا نه هئا لهذا پاڻ سلطان جي اچڻ تي ٻه ائين ئي ڪيو. دستور مطابق وينا رهيا. جڏهن سلطان سندن خدمت مان واپس ٿيو ته نديمن معلوم ڪيو ته خيال ته اهو هو ته شيخ شهنشاهي تواضع لاءِ پنهنجي جڳهه تان اٿندا ته پوءِ انهيءَ اندروني خيال جو ظهور ڇو نه ٿيو. سلطان جواب ڏنو ته ساڃي ۽ ڪاهي ٻنهي طرفن کان ٻه شينهن مون تي حملو ڪرڻ لاءِ ڏسي رهيا هئا ۽ سندن ديدار جو شعلو ٻه منهنجي ڪاوڙ کي پست ڪيو ڪري ان ڪري منهنجي دل تي اهڙي ته هيبت ڇانئجي وئي جنهن جو بيان نه ٿو ڪري سگهان. مطلب ته سلطان واپسيءَ تي کين انتهائي عاجزي ۽ انڪساريءَ سان ساڻ گجرات وٺي آيو ۽ احمد آباد ۾ گهر ۽ خانقاه ٺهرائي ڏنائين. سندن پنج پٽ مشهور هئا. امين الله- يتيم الله- صوفي- حسين ۽ بدرالدين. يتيم الله کي سيد غياث الدين جي نياڻيءَ سان نڪاح ڪرايائون. يتيم الله هڪ عالم انسان هو. درس ٻه ڏيندو هو ۽ پيءُ جو جانشين ٻه ٿيو. راقم ٻه هجري سنه هڪ هزار ٽن ۾ احمد آباد جي مقام تي سندن خدمت ۾ حاضريءَ سان مشرف ٿيو هو. اٽڪل پنجن سالن کان پوءِ بڏڻ ۾ آيو ته پاڻ عالم علويءَ ڏي ڪوچ فرمائي ويا.

سيد حسيني رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ اصل عربي آهن. جنهن زماني ۾ رانا سانڪا چنديريءَ لٺ مار ڪئي هئي. انهيءَ زماني ۾ اهل اسلام کي آفت جو ڏينهن ڏسڻ ۽ تڪليفن جي زمين تي وهڻ نصيب ٿيو هو ۽ هر هڪ ملڪ ۾ دربدر ڦرندا رهيا. انهيءَ زماني ۾ پاڻ پنهنجي وطن کان گجرات آيا هئا. چنديريءَ جو حال ٻڌي شڪسته دلين جي امداد لاءِ پاڻ چنديريءَ جي طرف روانه ٿيا. جڏهن مندسور پهتا ته هڪ جاءِ تي پاڻيءَ جي ڪناري هڪڙو راجپوت ڏنڊ ڏئي رهيو هو. انهيءَ حالت ۾ راجپوت

www.maktabah.org

جي نظر درويش تي پئي. ساڻن گڏ ٻه ٻيا همراهه ٻه هئا پاڻ راجپوت ڏي رخ نه ڪيائون. پيڪر پرست ڪاوڙ ۾ اچي اجايا لفظ بڪڻ لڳو. پاڻ ٻڌڻ جو تاب نه جهلي سگهيا. انهيءَ ئي راجپوت جي سامهون هڪ تلوار رکي هئي. فوراً پاڻ اُها تلوار کڻي ورتائون ۽ راجپوت جي سسي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائون. جڏهن هيءَ ڪيفيت راءِ گنگوبڙ گوجر کي معلوم ٿي جيڪو رانا جو امير اعظم ۽ مندسور جو جاگيردار هو تہ ڪاوڙ ۾ اچي ويو. ماڻهن کي گڏ ڪري کين ۽ سندن همراهن کي سنگسار ڪري شهيد ڪيائون. انهيءَ ئي رات متي ذڪر ڪيل گوجر سان اهو واقعو پيش آيو جو ڪيترا دفعا پنهنجي تخت تان زمين تي اونڌو ٿي ڪري پيو. جڏهن صبح ٿيو تہ ڪجهه ماڻهو ان لاءِ روانہ ڪيائين تہ مسلمانن جي مذهبي طريقي موجب شهيدن کي دفن ڪن. انجي تعميل ٿي ۽ سندن آخري آرامگاه انهيءَ بهشت نما زمين ۾ آهي.

شيخ علاؤالدين عيسيٰ دهلوي رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ حضرت فريد گنجشڪر رحہ جن جي پوٽن مان آهن قدس الله تعالىٰ سرهما- سيئي علم شيخ سماءُ الدين ڪنبوءَ جي مدرسي ۾ حاصل ڪيائون جيڪو وقت جي عالمن ۾ سڀني ۾ وڏو عالم هو. ۽ باطني علمن جي تحصيل شيخ ابوالفتح هانسوي رحہ جن جي خدمت ۾ بيعت سان ڪيائون. شيخ ابوالفتح هانسوي رحہ شيخ جمال هانسوي رحہ جن جي نسل مان مشهور آهن. جڏهن پاڻ بيان فرمائيندا هئا تہ مختلف طريقن ۽ مختلف سببن سان قرآن پاڪ جو تفسير بيان فرمائيندا هئا. مطلب تہ پاڻ ٻنهين جهانن جي ڪمالات جا حامل هئا. سندن فرزندن مان ٻه ڇڻا درويشيءَ ۾ مشهور آهن.

پهريون شيخ ڪمال الدين عجائب:- پاڻ علم جا ڪيترا عمده عمده تعارف ۽ رسالا قتلق خان جي خدمت ۾ رهي پڙهيائون. ۽ باطني علم مان ٻه مستفيض هئا. شيخ ڪمال الدين جا ٻه پٽ هئا شيخ رڪن الدين ۽ شيخ حاجي شطاري ٻئي خداشناس ۽ باطني طرح فارغ البال هئا. پنهنجي ڏاڏي مڪرم شيخ زڪريا سان گڏ شيخ ولي شطاري رحہ جن جي خدمت ۾ رهي اخروي ڪمالات حاصل ڪيا هئائون.

www.maktabah.org

ٻيو شيخ بهاءُ الدين زڪريا رحـ:- آهن- سلسلي شطاريہ جي نامور بزرگن مان آهن تحقيق جي راهہ ۾ سلوڪ ۾ گهڻيون رياضتون ۽ مجاهدا ڪيا هئائون. شيخ عبدالقدوس حنفي چشتي رحہ جن جي صحبت سان بين وقت جي مشائخن جي صحبت سان فيض ۽ فائدو حاصل ڪيو هئائون. شيخ محمد مودودلاري جي درس ۽ تصوف جا ڪتاب ۽ حقائق جا مشهور رسالا پڙهڻ ۾ پاڻ شيخ امان الله پاڻي پتيءَ جا شريڪ هئا. هجري سنہ نو سؤ تيره ۾ فاني جهان مان رخصت ٿيا. پير محمد خان شيرواني ان زماني جو وڏو عالم هو. عرش آستاني اڪبر شاهہ جي دربار ۾ بہ وڏن امين ۾ شمار ڪيو ويندو هو. ان جي باوجود جو مولوي شيرواني فقيرن ۽ درويشن جي گروه کي بيڪار سمجهندو هو. مگر زڪريا سان مخلصانہ عقيدت هئن ۽ سندن محفلون شيخ زڪريا جي تعريف کان خالي نہ هونديون هيون.

شيخ محمد ابن خواجہ تاج الدين محمد قدس سرهما رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ عالمن ۽ زماني جي دانشورن ۾ مٿاهان هئا. طريقت جي سلوڪ ۾ بہ ايترو تہ مٿاهون مرتبو هئن جو پنهنجي ڏاڏي بزرگوار گنجشڪر رحہ جي زماني جا روح روان شمار ڪيا ويندا هئا. احمد آباد ۾ سلطان مظفر گجراتي سيني علمن ۾ ڪامل دخل رکندا هئا ان جا پاڻ مصاحب هئا ڪين تاج العلماءَ جو لقب مليل هو. هجري سنہ نو سؤ ايڪٽيهہ ۾ عالم قدس ڏي ڪوچ فرمائون قبر احمد آباد ۾ اٿن.

شيخ محمد مودود لاري رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ بابا نظام ابدال رحہ جن جا مريد هئا ۽ مولانا عبدالغفور لاري رحہ جا شاگرد آهن. سندن مزار مبارڪ پاڻي پت شهر ۾ شيخ امان جي قبر سان گڏ آهي. شيخ امان علم تصوف ۾ سندن شاگرد هو قدس الله اسرارهم. تجريد ۽ تفريد جي ميدان ۾ سندن پير استحڪام سان ڄميل هئا. وحدت ۽ توحيد جي سيني قسمن جي مڪمل واقفيت هئن. وجد ۽ وجد جي اسرارن جا صحيفا سندن مطالعي مان نڪتل هئا. چون تا تہ ڪين باطني پرورش مولانا عبدالرحمٰن

www.maktabah.org

جامي رحہ جن کان ٽيل هئي. ظهير الدين بابر بادشاهہ جي زماني ۾ طاب ثراه پاڻ هندوستان ۾ آيا ۽ دارالسلطنت آگري ۾ گوشي نشيني اختيار ڪري خوشيءَ سان زندگي گذارينداهئا. پوءِ هتان پاڻ پاني پت هليا ويا. انهيءَ جنبش جا ٻہ سبب هئا (هڪ) شيخ عبدالغفور پاڻي پتيءَ جي فرزندن جي خواهش (ٻيو) خاص ڪري شيخ امان جي قبر جي محبت- فصوص ۽ فتوحات جو درس گهڻو ڏنائون. ۽ انهن ڪتابن جا مشڪلات تعليقات ۽ حاشين جي ذريعي حل فرمايائون. مطلب تہ سڄي ڄمار ظاهري ۽ باطني علمن ۾ گذاري ڇڏيائون. هجري سنہ نو سؤ ستٽيهن ۾ رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ عالم وحدت ڏي ڪوچ فرمايائون ۽ ڪثرت جي سراءِ مان خيمون اکيڙي ٻاهر وڃي لڳايائون.

خواجہ خانون علا تاج ناگوريؒ جي ياد ۾

سندن قبر گواليار ۾ آهي پاڻ ناگور مان نڪري هن شهر ڪي پنهنجو وطن بنايو هئائون. سندن مقدس روح عنصري جسم سان شامل ٽي هجري سن اٺ سؤ ٽيونجاهہ ۾ دنياوي عالم ۾ آيو هئو. اسي ۽ ست، ستاسي سال تقدير جي صورت خاني جو نظارو ڪيائون. مگر پابندي علائقي کان آزاد آهي ۽ هر هڪ حفظ مراتب ملحوظ رکندي، دل ڪي حقيقي مصور جي مشاهدي سان منور ڪيائون. هجري سنہ نو سؤ چاليهن ۾ هستيءَ جي نقش تان عنصرن جي چارديواري هٽائي قلب سليم سان حضور قدس ڏي روانا ٽيا. پاڻ شيخ اسماعيل جا خليفا آهن. جن طريقت جا سڀ مقامات ۽ سلوڪ جون سڀ منزلون طئہ ڪري پنهنجي پيءُ بزرگوار خواجہ حسن سرمست رحہ جن جي خلافت حاصل ڪئي هئي. خواجہ حسن سرمست توحيد ۽ تصوف جي مجلس ۾ پراڻا مئگسار هئا. اجازت ۽ رهنمائي پنهنجي والد ماجد شيخ سالار فاروقيءَ کان مليل هئن. شيخ سالار تحقيق جي ڪعبي جي مسافرن ۾ قافلي جا سالار هئا کين اجازت ۽ هدايت خواجہ اختيارالدين عمر کان ملي هئي. خواجہ اختيارالدين پنهنجي زماني جي گهڻن مشائخن ۾ برگزيده هئا. خلافت جو خرقو محمد سعدي رحہ جن کان مليو هئن ۽ خواجہ محمد سعدي رحہ جن شير نصيرالدين چراغ دهلويءَ جا وڏا خليفا ۽ وڏا نائب آهن قدس الله اسرارهم.

www.maktabah.org

شيخ معروف دهاروال رحہ جن پنهنجي شجري ۾ لکيو آهي تہ خواجہ خانون رحہ جن کي خلافت جو خرقو شيخ حسين ناگوري رحہ جن کان بہ مليو هو. جيکو ٽن واسطن سان سلطان التارکين شيخ حميد الدين سوالي ناگوري رحہ جن کي پهچي ٿو.

چون تہ ضعيفي تمام گهٽي ٿي پئي هئن ان کري اچڻ وارن جي تعظيم لاءِ اٿندا نہ هئا. جڏهن سبب پڇو ويو تہ فرمايائون تہ ضعيفيءَ جي سُستي تعظيم کان باز ٿي رکي. ۽ تکليف سان کن لاءِ تعظيم خاص کرڻ درويش جي مناسب حال نہ آهي.

شيخ پول رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن لقب فريدالدين احمد ۽ خطاب جهانگير آهي. غوث الاوليا جي وڏي پاءُ ۽ شيخ ظهور حاجي حميد حَصور جا خليفا آهن. کيترن ئي ماڻهن جون دليون سندن تصرف جي پنجي ۾ هيون. شاهہ کان درويش تائين ۽ وڏي کان ننڍي تائين هڪ زمانو سندن خدمت ۾ عقيدت مندیءَ سان گوڏا جهکائيندا هئا. دعوت جا گهٽا قسم ياد هئن. سندن ظاهري خواهشون ۽ باطني قوتون ٻيائيءَ جي سوراخ کان نڪتل هيون. وحدت جي ساوڪ تي خوش خوش ڦرنديون هيون. ٻنهين جهانن جا کمالات کين حاصل هئا. آخرت جا اعمال ۽ دنياوي مال هي ٻئي شيون سندن حصي ۾ آيون هيون. جنت آشياني همايون بادشاهہ سندن مريد هو. انهن ڏينهن ۾ مولانا جلال الدين تتوي رحہ وڏو عقل جو صاحب ۽ عالم هو. همايون بادشاهہ جو استاد هو ۽ همايوني سلطنت جو صدرالصدور هو ۽ کيس سهروردیہ سلسلہ مان بہ کافي حصو مليل هو ۽ انهن ڏينهن ۾ هڪ بزرگ مولانا محمد فرغلي هئا. نقشبندي سلسلي ۾ بيعت ۽ تلقين کندا هئا. هنن ٻنهين صاحبن همايون بادشاهہ جي اتباع ۾ ۽ جهانگيري اثر کي قبول کندي از سرنو ساڻن بيعت کئي هئي. انهيءَ زماني ۾ گهٽا ئي عالم ۽ فاضل سندن مريد ٿيا. هجري سن نو سؤ ستيتاليهن ۾ شير شاهہ سوريءَ فتح حاصل کئي ان وقت مٿي ذکر کيل ٻئي بزرگ ۽ وقت جا استاد قنوج جي پسگردائيءَ ۾ گمنام ٿي ويا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ شيخ فضل الله بنگالي

www.maktabah.org

منهنجو پاءُ شيخ محمد ۽ هي فقير بهول اسين ٽئي چنار جي ڪوهستان ۾ رياضت جي ارادي سان آيا هئاسين. اتان جي باشندن بيان ڪيو ته به سؤ سال ٿيا ته اسين پنهنجي بزرگن کان مسلسل ٻڌندا ٿا اچون ته هن غار ۾ هڪ درويش لڪل آهي ۽ خدا سان مشغول آهي اسان مان ڪنهن کي به اندر وڃڻ جي طاقت ناهي. جيڪو ان جي هڻڻ يا نه هڻڻ جي خبر آٿي. اُهو ٻڌي اسان ٽنهين ڇڻن انهيءَ غار ۾ قدم رکيو. جڏهن اسين بن منزلن جيترو هلياسين ته اتي اسان هڪ پير کي مراقبي ۾ ڏٺو ته هن پنهنجي نوراني پيشاني سجاده تي رکي ڇڏي آهي، اُهو پير اسان جي اُتي پهچڻ کان آگاه ٿيو. هو اُٿيو. نهايت رحم سان اڳتي وڌيو ۽ گهٽي مرحبا ۽ محبت سان پيش آيو ۽ هر هڪ کي جدا جدا خطاب سان مخاطب ٿي سرفراز فرمايائين. مونکي جهانگير، منهنجي پاءُ کي غوث ۽ فضل الله کي اهل الله چيائون. اسرار ۽ حقائق پنهنجي تقرير ۾ ظاهر فرمائي اڇڻ وارن کي آگاه ڪيائون ۽ اصل حقيقت جو اطلاع ڏنائون ان کان پوءِ جلد ئي اڪيلائيءَ ۾ هليا ويا. ٿوري دير کان پوءِ اسان واپس اڇڻ جي اجازت گهري. جواب ڪٽان اچي، هو ته واصل حق ٿي چڪو هو ۽ انهيءَ سفر جو سامان انهيءَ غار ۾ مهيا ڪري رکيو هو ۽ اسان انهيءَ سامان کي ڪم ۾ آڻيندي کين سپرد خاڪ ڪيوسين.

شيخ بهول رحـ جن جو آخري آرامگاه پيانـ قلعي جي حدن مان آهي هڪ مٽاهين جبل تي بس هڪ قبر آهي فرحت بخشيندڙ ۽ روح افزا.

سيد معظم رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ ترميذ جي سادات خاندان مان آهن. ۽ آخري آرامگاه ڪالپي اٽن. سلطان سڪندر لوڌيءَ جو زمانو هو جو سندن وڏا هندستان ۾ آيا ۽ ڪالپيءَ ۾ رهي پيا. سندن وقت ۾ ڪائنڪو ڪوبه وڏو بزرگ شهر ۾ ڪونه هو. هوش سنياڻ کان وٺي رسمي علمن سان ڪڏهن به دل نه لڳن البتـ قرآن حڪيم جي تلاوت ڏاڍي شوق سان ڪندا هئا. سندن ظاهر پرهيزگاريءَ جو نمونو هو. ۽ باطن ايزدي تجلين سان منور هو. پاڻ ڪڏهن به روزيءَ جي تلاش ۾ نه نڪتا ۽ درهم ڪڏهن به سندن هٿ جا ننهن بنجي نه رهيا. جيڪڏهن ڪنهن وقت اچي ويندا

www.maktabah.org

هئا ته پاڻ ضرورتمندن جي حوالي ڪري ڇڏيندا هئا. دل توڪل سان ۽ تن تسليم جي حوالي ڪري جا ڪجهه ضرورت پيش آئي ته **وان من شيءٍ الا عندنا خزائنه** (۽ جيترون شيون به آهن اسان وٽ سيني جا خزانا پريل آهن) جي خزاني مان ونندا هئا. جيڪي چوندا هئا سوچي چوندا هئا ۽ جيڪي ڪجهه چيائون ان تي عمل ضرور ڪندا هئا. ايتري قدر بي سببيءَ جي باوجود دولتمندانه خرچ ڪندا هئا. به فرزند ڇڏيائون سيد محمد ۽ سيد احمد. آخري جوانيءَ ۾ ڪوچ ڪري ويو ۽ اولين پيءَ جو جانشين ٿيو.

شيخ ابراهيم ابن عمر سنڌي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ابدي آرامگاه برهانپور جي حدن ۾ ٿاهي وئي آهي. ماڻهن جو ميل ميلاپ ۽ دل بهلائڻ وارين شين کان بلڪل پري رهندا هئا. ڪي چون ٿا ته قاضي قاضن سنڌيءَ جي هم نشينن مان آهن جن وحدت والوجود جي بيان سان قيمتي جواهر پنهجي زبان سان ڏاڱي ۾ پويا ۽ ان جا دليل به قائم ڪيا اٿن. ۽ ڪن جو هي قول آهي ته سيد محمد جونپوريءَ جي معتقدين مان آهن قدس سرهُ. جن کي ان جا پوئلڳ مهدي ڪري ٿا مڃن. ۽ چون ٿا ته ختم ولايت ۽ مهديت جي دعويٰ تي پير سيد محمد کافي دليل ٿا رکن. اهل شناخت کان اهڙي دعويٰ ۽ اهڙي تصديق-سُڪر جي حالت کان سواءِ صادر ٿئي! اهڙي قسم جون ڳالهيون کافي حد تائين سيد محمد صاحب جي ياداشت ۾ لکيون ويون آهن ۽ جتي به ڪا محفل ٿي آهي اتي هر جاءِ تي ازروءِ عقل و نقل ان جي بريت ڏي اشارو ڪيو ويو آهي.

شيخ مبارڪ بالادست رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ولادت باسعادت ۽ آخري آرامگاه ٻئي جهنجاڻ ۾ آهن. مير سيد علي قوام سوانه جا مريد آهن جيڪو شيخ بهاءالدين جونپوريءَ جو خليفو هو قدس الله اسرارهم. ظاهري ڪمالات ۽ معنوي فضيلت سندن استعداد ڪي لازم هئي سندن خدمت سان گهٽائي ماڻهو فيض ياب ٿيا. جيئن شاهه الله بخش گڏهه مڪتيسري جيڪو سندن وڏو خليفو هو. سندن ڪرامتن جي گرما گرميءَ جا بيان ماڻهو گهٽا ٻڌائن ٿا.

www.maktabah.org

قاضي محمود ابن چايلدهؒ جي ياد ۾

سندن نالو شيخ حامد پيدائش احمد آباد گجرات آهي. وجد ۽ عشق سوز ۽ گداز جا پاڻ مالڪ هئا. سرود ۽ سماع گويا سندن زندگي هو. جنهن وقت اولياءُ الله جي نزديڪ ڪرامت جو ظاهر ڪرڻ مناسب ۽ ضروري هوندو آهي اهڙي وقت ۾ ڪيترين ئي ڪرامتون سندن قول ۽ فعل سان ظاهر ٿينديون هيون. عشق جي غلبي جي سبب هميشہ سندن اهو حال رهندو هو جو پنهنجي حال مطابق عاشقانہ مضمون شروع ڪندا هئا. هندي عبارت ۾ ۽ هندي مقامات ۾ دلپسند طرز هوندي هئن. قوالن جي هڪ جماعت سندن روش کي ڪمانچي چوندي آهي. هي ماڻهو ڪمانچ جي نشانيءَ سان پنهنجي گاني جي خاص طرز سان هند جي سيني ارباب نشاط ۾ ممتاز آهن.

ڪجهہ سندن حالات بيان ڪجن ٿا. ڪن جي نزديڪ پاڻ پنهنجي پيءُ جا مريد آهن ۽ سندن والد بزرگوار کي خلافت جو خرقو شاهہ عالم بخاريءَ کان مليل هو. کي وري کين بہ شاهہ عالم بخاريءَ جو ئي خليفو سمجهن ٿا. ۽ چون ٿا تہ هوش سنيالڻ وقت سندن قيام احمد آباد شهر ۾ هو. هجري سنہ نو سؤ ويهہ ۾ ڳوٽ بيرپور ۾ آيا ۽ سڪونت اختيار ڪيائون هي ڳوٽ احمد آباد جي پسگردائيءَ ۾ آهي. مگر هتي ماڻهن جي رهائش گهٽ تعداد ۾ آهي. سندن عمر يارهن سال هئي ۽ الاهي طلب جو شوق دل ۾ پيدا ٿيو. پنهنجي والد کان خلوت نشينيءَ جي اجازت ونڊي هڪ جهنگل ۾ عبادت ۽ رياضت جي واسطي حجرو ناهيائون ۽ هميشہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پيءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيندا رهندا هئا. ۽ پنهنجي والد جي صحبت مان فائدو حاصل ڪري وري پنهنجي مقرر حجري ڏي هليا ويندا هئا. اهڙي طرح ڇاونجاهہ سال گذاري ڇڏيائون. جڏهن عمر ستهہ سال جي ٿي تہ تيرهن تاريخ ربيع الثاني هجري سنہ نوي سالن کان ڪجهہ مٿي جو هو جو عالم علويءَ جو عزم ڪيائون ۽ زندگانيءَ جو سامان هن فاني ملڪ مان ٻڌي هليا ويا.

روايت آهي تہ سندن وڏي ڏاڏي جو نالو قاضي محمد هو. جڏهن قاضي صاحب کي لڳاتار ڇهہ نياڻيون ٿيون تہ قاضي صاحب کي پٽ جي خواهش ٿي. جيئن نسل محفوظ رهي. قاضي صاحب جي زال انهيءَ کان اڳ جو هيءَ ڳالهہ

www.maktabah.org

ٻئي جي زبان مان ٻڌي خود پنهنجي ئي دل جي خوشيءَ سان روبرو مڙس کي اجازت ڏني ته ٻي عورت سان نڪاح ڪيو. ۽ هي به ڇيائين ته ٻي عورت سان پٽ جي نيت سان نڪاح ڪرڻ توهان لاءِ ضروري آهي ۽ مان ان ۾ راضي آهيان. قاضي صاحب جواب ڏنو ته اڄ رات مان انهيءَ ڳالهه لاءِ استخار ڪري خاتم النبوة عليه السلام جن جي حضور ۾ عرض ڪندس ۽ پوءِ جيئن حضور جن جو حڪم ٿيو ڪندس. آخرڪار حضور خاتم النبيين عليه الصلواة والسلام جن خواب ۾ فرمايو ته محمد ٿوکي مبارڪ هجي هن پاڪدامن زال مان توکي هاڻي ٻي ڪمال جا صاحب پٽ ڄمندا ڪنهن ٻي عورت سان نڪاح جي ضرورت ڪانهي ۽ حرف (حا) عليحده عليحده ٽن جاين تي قاضي صاحب جي هٿ جي ٽريءَ تي لکيائون. انهيءَ بنياد تي پهرئين پٽ جو نالو حامد ٻئي جو حماد ۽ ٽئين جو حميد رکيائون ۽ پهريون حامد قاضي محمود جو پيءُ آهي. رحمهم الله.

مولانا عبدالڪريم ابن عطاءُ الله نيم دهي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيراز جي نامياڻن عالمن مان هئا. سلطان محمود بزرگ جي زماني ۾ پاڻ احمد آباد ۾ اچڻ سان شيراز جو ڏنگ پيدا ڪري ڇڏيو. طبقات محمود شاهي سندن ئي فراهم ڪيل آهي. گهڻن ئي عمدن عمدن تاريخن کي جيئن خلڪاني ۽ يافعي آهي نظر ۾ رکي طبقات کي لکيو اٿن. ڪتاب جي شروعات حضرت آدم عليه السلام جن جي آفرينش کان ڪيو اٿن. ۽ سلطان محمود جي واپسي سفر تائين جيڪو هجري سنه نو سؤ پندرهن آهي. انبيا ڪرام- اولياءَ عظام- علماءَ- شعراءَ- سلاطين- وزراءَ ۽ امراءَ سيني جا حالات عمدي طريقي سان لکيا اٿن. اميد آهي ته جيڪي صاحب عقل ۽ فهم سان تاريخي واقعات پڙهڻ جا شوقين آهن انهن لاءِ هيءُ ڪتاب عبرت پيدا ڪندو. ڪين هڪ فرزند جو ان جو عطاءُ الله نالو هو. گذريل سلف جي اتباع ۾ پنهنجي والد بزرگوار جو پوئلڳ هو

www.maktabah.org

سيد هبتہ اللہ رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ شاهه مير جي نالي سان مشهور آهن. انهن سادات بزرگن مان آهن جيڪي حسني ۽ حسيني آهن. پاڻ شيراز جي وڏن عالمن مان آهن. امير صدرالدين محمد شيرازي جا هم نشين ۽ هم درس هئا ۽ مولانا جلال الدين محمد دواني جا هم عصر هئا. سلطان محمود بزرگ جو زمانو جو شيراز کان گجرات صوبي ۾ آيا ۽ جانپانير ۾ جيڪو هتان جي سلطانن جو پراڻو دارالخلافه آهي، قيام ڪيائون. پاڻ سيادت ۽ فضيلت جا پيڪر هئا. هن پيڪر اعظم جي اڇ سان گجرات جي زمين شرف حاصل ڪيو. ۽ طالبن جي هٿن ۾ علم جون ڪنجون آيون. کين گهڻائي پٽ هئا جيڪي فاضل ۽ عمده وصفن جا مالڪ هئا. پاڻ علم هيئت ۾ فارسي زبان ۾ شرح پٽن لاءِ لکي هئي. ان کان علاوه سندن ٻيون بـ گهڻيون ئي تصنيفون آهن جيئن (2) اسني الكواشف في شرح المواقف- (3) لوامع البرهان في قدم القرآن- (4) محاكم شرح شمسيه- علم حديث ۽ اصول حديث ۾ هڪ رسالو ڏاڍو عمدو لکيو اٿن جيڪو مشڪل ڪشا ۽ سڀني قسم جي حديثن جو جامع آهي. سندن سڀني تصنيفن کي زماني جي عالمن پسند ڪيو آهي. خدا ڪري سندن تاليفات جي صدقي هن "گلزار ابرار" کي بـ مقبوليت جي شادابي نصيب ٿئي. سندن سڀئي فرزند سعادتمند هئا انهن سڀني ۾ فرزند رشيد شاهه ڪمال الدين محمد آهن. جن کي ٻنهين جهانن جا ڪمال حاصل هئا. انهن جا بـ فرزند ۽ پائٽيا هئا. سڀني ۾ وڏو شاهه ابوتراب آهي. شاهه ابوتراب کي هجري سنه نو سؤ ٻياسيءَ ۾ شهنشاهه زمانه اڪبر بادشاه مير حاجي شاه جي خلعت عطا فرمائي هئي ۽ گهڻو سامان خيرات ڏئي حرمين شريفين ڏي روانو ڪيو هئائين شاهه ابوتراب انهيءَ اعليٰ سعادت سان مشرف ٿيا. زيارت حرمين کان واپس هندستان آيا. هجري سنه هڪ هزار پنجن تائين زنده رهيا. خوابگاه احمد آباد ۾ اٿن. شاه ابوتراب جن جو بـ هڪ پٽ هو جنهن جو نالو شاهه گدائي هو. سپاهين واري لباس ۾ سادات ۽ مشائخ جي طريقي جي رعايت هر ممكن كندا هئا ۽ ان کي غنيمت سمجهندا هئا. ان جي باوجود هنن سڀني سادات جي ابن ڏاڏن جي سيادت صحيح آهي ليڪن هي سڀ سادات سلسلئ مغربيه سان تعلق بيعت جو

www.maktabah.org

ضرور رکندا هئا. گجرات ۾ سلسلۂ مغربيہ کي رونق ڏيڻ وارو مخدوم احمد کهڙو رح جن آهن. قدس سرهم.

شيخ عبدالقدوس حنفي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ صفي الدين رح جن جي نياڻيءَ جي اولاد مان آهن. جيڪو سيني علمن جي اصول ۽ فروع جي وقت جو نشان هو. ڪن جي راءِ آهي تہ حضرت امام ابوحنيفہ ڪوفي صوفيءَ جي نسل مان آهن ۽ ڪن جو وري گمان اهو آهي تہ حنفي انهيءَ ڪري سڏبا هئا جو امام ابوحنيفہ رحمتہ اللہ عليہ جن جا پيروڪار هئا. شيخ محمد ابن شيخ عارف ابن شيخ عبدالحق جا مريد ۽ خليفا آهن. سندن تصنيفات مان هڪ ڪتاب "انوار العيون" آهي جنهن جي ترتيب جو بنياد ستن فنن تي رکيل آهي. هن ڪتاب جي اولين فن ۾ لکيو اٿن تہ ظاهري اميري بيعت شيخ مخدومي محمد سان آهي. ليڪن مون کي گهڻو فيض ۽ هدايت سندن ڏاڏي شيخ احمد قدس سرهُ کان پهتي آهي ۽ سندن تعريف بہ هن فن ۾ تمام گهڻي ڪئي اٿن. شيخ عبدالقدوس حنفي رح جن کي درويش قاسم اوڏي رح جن کان بہ خلافت ۽ اجازت هئي. جيڪي چشتي ۽ سهروردي سلسلن ۾ بزرگ آهن. ماڻهن جي صحبت کان پنهنجو دامن ڇڏائي بيابانن ۾ اڪثر ڪري بسر ڪندا هئا. ۽ غنودگيءَ کي اکين ۾ اچڻ نہ ڏيندا هئا. ڪسبي علم ۽ فن جن جي تحصيل ڪتابي صورت ۾ آهي. مدرسي ۾ گهٽ پڙهيا هئا ليڪن علم لدنيءَ جا دروازا سندن متان کلي ويا هئا صوفين جي ڪتابن جيئن فصوص الحڪم- عوارف ۽ اصطلاحات ڪاشي آهن. اهي مطالعہ جي زور تي حل ڪري هر هڪ ڪتاب تي هڪ عمدي شرح لکي اٿن.

چون ٿا تہ هجري سنہ نو سؤ ڇائيتاليهن ۾ سلطان نصيرالدين همايون شاهہ خراسان، هندستان جي عالمن ۽ عارفن جي هڪ جماعت وٽي استفاده جي ارادي سان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو رهندو هو. هن جماعت ۾ مولانا محمد فرغلي ۽ مولانا جلال تتہ جهڙا باخدا بزرگ بہ هوندا هئا. ان وقت روحاني ۽ رباني انجمن گرم ٿيندي هئي ۽ جيڪي مشڪل ڪنهن هن فن ۾ پيش ايندا هئا يا سلطان کان سواءِ جنهن کي بہ تصوف جي حقائق ۽ طريقت جي سلوڪ ۾

www.maktabah.org

دشواريون ٿيندیون هیون اُهي سڀ سندن تقرير ۽ تلقين سان صاف ٿي ويندیون هیون. انهيءَ دوران کيترين ڪرامتون به ظاهر ٿيندیون هیون.

پاڻ هجري سنہ نو سؤ پنجاهہ ۾ عالم خاڪ کان عالم قدس ڏي ڪوچ فرمايو. آخري آرامگاه ڪنڪويہ ۾ آهي جيڪا دهليءَ جي سرڪار سان متعلق آهي. ٽي پٽ ڇڏيائون سڀ کان وڏو شيخ حميدالدين هو ۽ سيني کان ننڍو شيخ عبدالمجيد هو جيڪو عالم عارف ۽ سجاده نشين ۽ رهنما ٿيو ۽ وڃون پٽ شيخ رڪن الدين محمد به وقت جي اڪابرن مان هو. ان جي باوجود جو عمر ضعيف ٿي وئي هئن مگر سماع کان سواءِ رهي نہ سگهندا هئا. مولانا عالم کابليءَ پنهنجي تذڪري ۾ لکيو آهي تہ مان سندن خدمت ۾ اهڙي وقت پهتس جو سماع جو هنگامون گرم هو جڏهن وجود جو اضطراب ٽورو گهٽ ٿيو تہ مون سماع جو روا يا ناروا هئڻ جي نسبت سوال ڪيو پاڻ هي بيت پڙهي جواب ڏنائون-

من گم شده ام مرا مجوئيد
باگم شدگان سخن مگوئيد.

سيني بڌڻ وارن ۾ خاص ڪري مون جهڙن نامڪمل ۾ به هڪ عظيم تغير پيدا ٿيو. سماع جي محفل بيهر گرم ٿي وئي. شيخ رڪن الدين رحہ جن هجري سنہ نو سؤ ٽياسيءَ ۾ جهان فانيءَ کي ترڪ ڪيو. سندن فرزند شيخ احمد هو- ايزد طلب- خداشناس ۽ رسمي علمن جو سنو عالم. چون تہ سندن قول هو تہ اسان جي سلسلي جو پراٽو قاعدو آهي تہ پهريائين پٽن کي ظاهري ڪمالات سان آراستہ ڪندا آهن ان کان پوءِ مجاهدي ۽ رياضت جو ڪورس ڪرائي قطبيت ۽ غوثيت جي درجي تي پهچائيندا آهن. شيخ احمد رحہ جن هجري سن نو سؤ ٻاهتر ۾ رحلت فرمائي سندن پٽ شيخ عبدالنبي رحہ رسمي علمن سان آراستہ هو خاص ڪري حديث جي علم ۾ عرب جي استادن کان سند مليل هئن ۽ عرش آستاني اڪبر شاهہ جي سيني لکندڙن جا صدر صدور هئا. بيهر حجاز جي سفر تي ويا ۽ هن پوئين دفعي جيئن موٽيا تہ صدارت جي درجي تان لاٿا ويا ۽ شهنشاهي عتاب ٽين ان ڪري ڪجهہ ڏينهن تنگ گذرين آخرڪار اگاري جي رات تاريخ تيرهين ربيع الاول حجري سنہ نو سؤ ايڪانوي ۾ حڪم جي تعميل ۾ رحلت فرمايائون.

www.maktabah.org

شيخ فضل الله گجراتي رحمة الله عليه جي ياد ۾

گذريل زماني ۾ وطن ترڪ ڪري سفر ڪندا جڏهن رهتڪ ۾ سندن گذر ٿيو تہ هن مقام ڪان اڳتي نہ وڌي سگهيا. لاچار رهائش اختيار ڪيائون. رهتڪ هڪ ڳوٺ آهي شهر وانگر ۽ دهليءَ کان ويهہ ڪوهہ پري آهي. پاڻ عالم- متوڪل ۽ فاني في الله هئا. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ڪجهہ بہ نہ ونندا هئا. چون ٿا تہ هڪ سوداگر سندن خاص مريدن مان هو. هڪ ڏينهن انهيءَ سوداگر پنهنجو سڀ سرمايو آڻي نذر ۾ پيش ڪيو. پاڻ عذر فرمائي ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيائون. ۽ آڻڻ واري کي دستور مطابق واپس ڪيائون. سندن رحلت ڏهين صديءَ جي اولين اڌ حصي ۾ ٿي آهي. رحلت کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن تائين اڪابر جمع جي نماز کان پوءِ سندن مزار وٽ حاضر ٿي علمي مجلس ڪندا هئا. ۽ ڪيترا ئي مشڪل مسئلا سندن روحاني فيض جي برڪت سان حل ٿي ويندا هئا. اعتقاد صحيح- انهيءَ مشڪل نما مسئلہ کي حل ڪرڻ وارو آهي.

-خوابگاهش مخزن اسراردان-

شيخ نصيرالدين تميمي انصاري رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن پيدائش جي جاءِ ملتان آهي. پاڻ سپاهي درويش يا درويش سپاهي هئا. جڏهن ان ملڪ ۾ شورش ٿي تہ اهل عيال سميت اچي آگري جي قلعي ۾ گهر ورتائون. گهڻي وقت تائين سپاهيانہ طور تي رهيا. ليڪن هميشہ رات جو غسل ڪري تهجد جي نماز پڙهندا هئا. گهڻي تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن وقت بہ ڪو دربان يا ڪوتوال سندن قلعي کان ٻاهر نڪرڻ يا واپس اندر اچڻ کان آگاه نہ ٿيو. انهيءَ دوران خدائي عنايت کين هر جنسن جي غلاميءَ کان ڪڍي خدا پرستيءَ جي شهرستان ۾ وڌي آئي. دنياوي دولتمندن جي هم نشينيءَ مان جيڪا خوشي ملندي هئن اُها ختم ٿي وئي. دلگير رهڻ لڳا. ۽ گوشي نشينيءَ جو تڪدر (پريشاني) سندن دل تي باغ و بهار ٿيڻ لڳو. ٻنهين جهانن جا ڪمالات حاصل ڪرڻ لاءِ فرصت حاصل ٿي. طلسمات ڏيکارڻ واري نفس سان گهٽائي لڙائي جا وار ڪيائون ان کان پوءِ معنوي ملڪ ۾ اچڻ

www.maktabah.org

وڃڻ لڳا. چون ٿا ته هڪ ڏينهن مراقبي ۾ سر جهڪايو وينا هئا ته هي آواز سندن ڪَنن ۾ آيو ته پنهنجي منهن کي برقعي سان ڍڪيو. پاڻ جواب ۾ چيائون ته زماني وارن جي تهمت ٻڌڻ جي مون ۾ طاقت ڪانهي. ٻيو دفعو وري آواز آيو ته جيڪڏهن برقعو پائڻ منظور نه اٿئي ته پوءِ پنهنجي گردن جي ٽٽڻ جي تڪليف گوارا ڪر. ان تي عرض ڪيائون ته مونکي پوئين ڳالهه منظور آهي. انهيءَ ئي وقت گردن جي هڏي ٽٽي پنهنجي ترتيب کان هٽي اُپري آئي ۽ سِر سيني تي وڃي پيئن. جڏهن ڏسڻ جي ضرورت ٿيندي هئي ته پاڻ کاڏيءَ جي هيٺان هٿ رکيو مٿو مٿي کڻندا هئا تڏهن ان شيءِ کي ڏسي سگهندا هئا. آخري دم تائين اهوئي حاصل رهين. جڏهن سندن زندگيءَ جو سامان اڳئين جهان ڏي روانو ٿي ويو ته سندن پٽ شيخ يعقوب درويشيءَ جي منهن تي سپاهيانه وضع جو پردو بدستور قائم رکيو ۽ انهيءَ ئي روشن نقاب ۾ طريقت جي سالڪان مرتبو اولياءَ الله جي عالي مرتبي جي برابر ڪري ڇڏيائين. شيخ يعقوب کان پوءِ سندن پٽ شيخ عبدالله جيڪو شيخ يوسف جو پيءُ ٿيو. نوڪريءَ جي دوران گهٽو علم حاصل ڪيو. چون ٿا ته هميشه بيان ڪندو رهندو هو. جيئن ته سپاهگريءَ ۾ گوشي نشيني ممڪن ناهي. جهان جي سير سان تعلق ٿي رکي ان ڪري سندن استاد هڪ سؤ کان ٻه وڌيڪ هئا. چون ٿا ته جڏهن مان علم حاصل ڪرڻ ۾ استحڪام سان مشغول رهيس ۽ جوانيءَ جا ڏينهن گذري ويا ته ماڻهن جي خدمت گذاري مونکي کوڙي لڳي. لاچار سپاهگيري ڇڏي وڃي ڪنڊ ۾ خاموش ويهي رهيس. آخر دم تائين ڪنهن غلام يا ڪنهن آقا جي سامهون آرزو پيش نه ڪيائون. متعلقين جي ضروريات جو خرچ صرف ڪتابت جي مزدوريءَ مان پورو ڪندا هئا. تاريخ ڇهين شوال هجري سنه نو سؤ ٽيتاليهه ۾ وحدت جي صحرا ڏي هليا ويا. آرام گاه آگرو.

ملڪ چاند والد ميان جموجي رحمة الله جي ياد ۾

سندن ولادت جي جاءِ احمد آباد آهي. تن شريعت جو مظهر- دل طريقت جو منبع- جان حقيقت جو آئينو ۽ سِر معرفت جو معدن هئن. پنهنجي وطن کان حجاز جي سفر لاءِ ڪوچ ڪيو هئائون. مڪي معظمه جي خاڪ سندن دامنگير ٿي. جنهن رات پاڻ فاني جهان کان رخصت ٿيا انهيءَ رات احمد آباد ۾ هڪ

www.maktabah.org

ٻيو شخص بہ مئو هو جيڪو ستر ۽ آزار رسانيءَ ۾ بدنام هو. ڪجھ بزرگن ڪجھ ڏينهن کان پوءِ انهيءَ مردم آزار کي سڻي حال ۾ ۽ بخشش ٽيل وارن وانگر خواب ۾ ڏٺو. حيران ٿي سبب دريافت ڪيائين ۽ جواب ڏنائين تہ جنهن رات مان مئو هئس اتفاق سان اُهائي رات ملڪ چاند قدس سرهُ جن جي آخري سفر جي رات هئي. عالمن کي حڪم مليو تہ جنهن کي بہ اڄ رات واپسي سفر جو حڪم ملي اُهو چاهي فرمانبردار هجي يا نافرمان ان جي ناشائسته افعال جي اعمال نامي تي هڪ مقبول بارگاه جي طفيل بخشش جو قلم ڦيري ڇڏيو. ان ۾ شڪ ناهي تہ انهيءَ تاريخ تي مرڻ وارن کي انهيءَ کان بهتر نجات جو ڪو ذريعو ان وقت ڪونہ هو.

مٿي ذڪر ڪيل واقعي جي سلسلي ۾ هڪ ٻيو گذريل واقعو بہ هتي لکجي ٿو هڪ ڏينهن سلطان محمود بزرگ گجراتيءَ بيان ڪيو تہ هڪ شخص اسان جي فوج ۾ هو هڪ لڙائي ۾ اُهو شهيد ٿي ويو. گهٽائي ماٺهو اهڙيءَ طرح دنيا مان هليا ويندا آهن ليڪن جهان وارن جو توجہ ۽ رجوع ڇئني طرفن کان جيترو هن شهيد جي مزار جي طرف آهي ايترو ڪنهن بہ شهيد جي مزار جي طرف ناهي. ان جو سبب سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. آخرڪار سوچيندي سوچيندي اها ڳالهہ خيال ۾ آئي تہ جهڙي طرح مبارڪ گهڙيءَ ۾ پيدا ٿيڻ ٻار لاءِ ڏينهون ڏينهن سعادت جو سبب هوندو آهي ساڳي طرح سعيد ساعت ۾ مرڻ بہ آخرين سفر جي مسافر کي مفيد نتيجو ٿو بخشي.

هتي راقم جي خيال ۾ هيءَ ڳالهہ آئي تہ سعيد ساعت کي انهيءَ ڳالهہ تي منحصر نہ سمجهڻ گهرجي تہ زائچو ڪنهن بدڪردار جو سڻو هو. يا ڪواڪب ڪنهن مقام جا خوب هئا. ممڪن آهي تہ ڪنهن بزرگ جو اڇو ڪنهن شخص جي وڇ سان گڏ يا ڪنهن سعادت مند جو وڇ ڪنهن شخص جي اڇ سان موافق اچي نتيجو سعادت پيدا ڪري ۽ انهيءَ عالي مرتبت شخص جي برڪت سان طفيليءَ کي بہ اصل جي شائستگيءَ جو اثر پهچي.

شيخ سليمان ابن عفان حاجي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن ولايت باسعادت جي جاءِ دهلي آهي. سندن ابن ڏاڏن جو شجرو

www.maktabah.org

حضرت سلطان ابراهيم اُدهم جن تائين پهچي ٿو قدس الله سرهم. پاڻ شيخ محمد عيسيٰ چشتي جونپوريءَ جن جا مريد آهن. ضلع لبس جي قوت کين خوب حاصل هئي. ظاهر ۽ باطن جا مالڪ هئا. نفل روح جو شغل ۽ ذڪر قربان ڇاڏندا هئا. پنجاهه سال متواتر مسجد اقصيٰ ۽ بيت الحرم ۾ اعتڪاف ۾ گذاريائون. وڏن وڏن قارين کان علم تجويد- بلڪ معاملات ۾ حضرت خاتم النبيين عليه السلام جن کان ۽ ولايت جي سرچشمه حضرت علي ڪرم الله وجه جن جي خدمت مان علم قرائت ياد ڪيو هئائون. سڀ مشائخ زماني جا جيئن شيخ عبدالقدوس حنفي رحه ۽ شيخ جلال چشتي رحه آهن، سندن تعليم سان قرائت صحيح ڪئي هئائون. پنهنجي صورت مطابق ظاهري علم به حاصل ڪيو هئائون. سيني مشهور سلسلن جي پيرن کان خلافت جا خرقا مليل هئن. پاڻ جناب خضر عليه السلام جن جي خدمت ۾ به پهتا هئا. هر هڪ جي روش تي ايتري ته ڪثرت سان رياضت ڪئي هئائون جو ولايت جي جهلڪ سندن افعالن مان ظاهر ٿيندي هئي. هڪ بزرگ جو بيان آهي ته وڏن مشائخن مان هڪ صاحب فرمائي ٿو ته مان هجري سنه نو سؤ چٽيهه ۾ خداوند تاج بدخشان ميرزا سليمان شاهه ابن ميرزا خان سان گڏ شيخ سليمان جي خدمت ۾ پهتس اهڙيون ته رازداريءَ جون ڳالهيون ٿيون جو ڪَنَ کان وٺي دل تائين بلڪ سڄي جسم ۾ معرفت جا جواهرات پرجي ويا. جڏهن ڪلام جي نوبت پنهنجي گذريل واقعات بيان ڪرڻ تي پهتي ته فرمايائون:-

"هجري سنه اٺ سؤ هڪ ۾ صاحب قرآني امير تيمور گورڪانيءَ دهلي فتح ڪئي هئي. ان وقت سڀ شهر جا باشندا هڪ طرف ڏي جلاوطن ٿيا. اسين مالوه جي طرفان آياسين ۽ مانڊو ۾ قيام ڪيوسين. ان ڪري ماڻهو اسان کي مانڊو والا چوندا آهن. مانڊوءَ مان زماني جي گردش سبب اسين وري گجرات جي طرف ڇڪجي آياسين. آخرڪار اتان تقدير جي فرمان سبب عرب ملڪ ڏي سفر جو اتفاق ٿيو. ۽ وري پنجاهه سالن کان پوءِ عرب کان واپس هندستان ورياسين. آهستي آهستي پنهنجي ولايت واري جاءِ ڏي رخ ڪيوسين. مگر اڄ تائين هن گهر جي ڏهڙ ۾ آب داڻي پير ڦاسائي رکيا آهن".

www.maktabah.org

هن بيان مان سمجهه ۾ آيو ته سندن عمر ڏيڍ سؤ سالن کان به وڌيڪ هئي. ۽ ڪن ماڻهن جي مطابق سندن عمر چار سؤ سال هئي. ۽ ڪي ماڻهو انهيءَ بيان تي کين ابوالرضا حاجي رتن رحه جن جي عمر جي مسند تي ويٺل ٿا سمجهن. چون ٿا ته هجري سنه نو سؤ پنجيتاليهه ۾ جسم جي پراڻي مسافرخاني مان روح نشاط آباد ڏي ڪوچ فرمائي ويو. سندن مزار مبارڪ جتي قطب الاولياءقدس سرهُ جن جي مرقد مبارڪ آهي انهيءَ جي پرسان شمسي حوض جي آس پاس مسافر ۽ مقيم بزرگن جي زيارت گاه بڻيل آهي.

سندن به فرزند هئا. شيخ داؤد ۽ شيخ محمود- پهرئين فرزندن کي ظاهري علم ڪامل طرح حاصل هو. انهن جوانيءَ ۾ ئي دنيا کان سفر ڪيو. پويون صاحبزادو پيءُ جو سجاده نشين هو هاڻي انهن جو هڪ فرزند آهي شيخ ڪمال- جيڪو ظاهري ۽ باطني ڪمالات سان مالا مال آهي. جوانيءَ ۾ گوشي نشينيءَ جي عادت هئي ۽ چند ڏينهن کان سپاهيانه طريقو اختيار ڪيو اٿن. ليڪن اندروني صفائي ۽ ايثار جي همٿ بدستور پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ مَا اَصَابَکَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ.

شيخ احمد مدني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

هڪ ڳوٺ نانوتہ آهي. بن نهرن جي وچ ۾. اُتي پاڻ گوشہ نشين هئا. شيخ سليمان مانڊو والا جا خاص خليفا آهن. کين جذب ۽ سلوڪ ٻئي مرتبہ حاصل هئا. مشهور سلسلن جي طريقن تي استحڪام جو قدم ڇميل هئن. پنهنجي پير کي حضرت خضر عليہ السلام وانگر زنده سمجهندا هئا. هميشہ پنهنجي رازدارن کي چوندا هئا ته اگرچہ اسان جي پير جو عنصري جسم خاڪ ۾ لکايو ويو آهي ليڪن روح مثالي بدن ۾ انهيءَ ئي زندگيءَ وانگر طالبن جو رهنما آهي.

شيخ نصير الدين هندوني رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن شهرت ڪيمياگريءَ سان آهي. شيخ سليمان مانڊو واري جا خليفا آهن. ڪيمياگريءَ ۾ انهيءَ صنعت جي ڇاڻٽ وارن ۾ اڳتي هئا. گهڻن قسمن

www.maktabah.org

جا اکسير ناهڻ جاڻندا هئا. ۽ ناهيندا به هئا. جنت آشياني نصيرالدين همايون بادشاهه انهيءَ فن ۾ پاڻ کي سندن شاگرد سمجهندو هو. شيخ فرمائيندو هو ته هڪ ڏينهن پوڙهو بيمار هڪ بيابان ۾ مونکي مليو مان پنهنجي گهر وٽي آيوسانس ۽ سندس علاج ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪيم. الله تعالي کيس شفا بخشي ۽ هنر مون ان کان حاصل ڪيو آهي. ڪن جو چوڻ هي آهي ته اُهو بيمار جناب خضر عليه السلام جن هئا. چون تا ته علم ڪيميا آسماني علم آهي. توريت ۾ هو ۽ جناب موسيٰ عليه السلام جن به جاڻندا هئا. قارون به کانئن ئي سکي اکسير جي علم ذريعي خزاني جا ڍير گڏ ڪيا هئا.

شيخ امين الدين رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ وڏا پرهيزگار عالم هئا. سماع کان باز رکڻ ۽ بدعت کي ٽوڙڻ ۾ هزارها آدمين جي برابر طاقت رکندا هئا ۽ سماع و سرود جي ممانعت ۽ حرام هجڻ جي باري ۾ ڪيترين ئي روايتون گڏ ڪري رکيون هئائون. جن کي پاڻ بيان ڪندا هئا. جڏهن پاڻ سلطان سڪندر لوڌيءَ جي مجلس ۾ پهتا ته سلطان کي انهيءَ ڳالهه تي آماده ڪرڻ ٿي گهرياٸون ته سرور ۽ سماع جي رسم کي دهليءَ مان قطعي ختم ڪجي. سلطان فرمايو ته توهان هڪ دفعو شيخ سليمان مانڊو واري جي خدمت ۾ وڃي اِهي روايتون بيان ڪيو ۽ ڪين سماع کان توبه ڪرايو پوءِ بنان ڪوشش جي شهر مان هي طريقو ختم ٿي ويندو. جڏهن پاڻ شيخ جي خدمت ۾ پهتا ته سماع جي مجلس گرم هئي ۽ پاڻ درويشن جي نعرن جي اثر سان بيهوش ٿي ويا ۽ هٿ هلائڻ لڳا. جڏهن هوش ۾ آيا ته شيخ جا مريد ٿيا ۽ باطني حالات غالب اچي وٺن ته ظاهري آئين کان خودبخود دستبردار ٿي ويا. هڪ ڏينهن ارادو ڪيائون ته ڪتب خاني ۾ باهه لڳائي ڇڏجي ليڪن پير فرمائين ته الحق في الكتاب والاسلام في الدفاتر (حق ڪتابن ۾ آهي ۽ اسلام دفترن ۾) جيڪڏهن ورق نه هوندا ته نه ولايت ظاهر ٿيندي ۽ نه نبوت جو جلوو هوندو **نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ اَنْ نَّكُوْنَ مِنَ الْجَاهِلِيْنَ** (اسين الله کان پناهه ٿا گهرون انهيءَ جي جو نادانن واريون ڳالهيون ڪيون).

مصرع: دانش آمد مايه بخش دين و دولت مردرا

www.maktabah.org

شيخ حسين رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ ملتان کان حضرت خواجہ معين الدين چشتي قدس سرهُ جن جي زيارت لاءِ اجمير آيا هئا. هتي پاڻ صرف هڪ حجري ۾ پنهنجي جسم کي ڳارڻ ۽ جان جي پرورش ڪرڻ ۾ ٻارهن سال گذاريائون فرمانرواءِ مالوه خان جهان جي پٽ سلطان محمود کي سندن اجمير ۾ هئڻ جي خبر پئي ته چشت خان کي موڪلي ماندوءَ ۾ اچڻ لاءِ التماس ڪيائين. جڏهن پاڻ تشريف فرما ٿيا ته محمود کي صرف هڪ دفعو ديدار ڪرڻ جو اتفاق ٿيو. ان کان پوءِ سندن عهدپورو هڪ سال ٻہ نہ رهيو جو هن جي پٽ غياث الدين جي نوبت آئي ۽ غياث الدين جي نالي سان سلطنت جو ڏونڪو وڄندو رهيو. سلطان غياث الدين هڪ ڏينهن چشت خان کان معلوم ڪيو ته شيخ جي رهڻ ڪرڻ جي کڻي ڪيفيت آهي ڪيئن ٿو وقت گذري. چشت خان جواب ۾ شڪر گذاري عرض ڪئي ۽ شيخ جي لاعلميءَ ۾ شيخ جي طرفان پٽر جي هڪ تسبيح سلطان جي روبرو پيش ڪئي. وقت جي سلطان ڪجهہ مال چشت خان جي هٿان موڪليو. پاڻ ان مال مان ڪجهہ آٽڻ واري کي ڏنائون ۽ باقي بچل حاجتمندن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيائون. ٻيهر وري سلطان وڃ واري شخص (چشت خان) کان پڇو ته سندن ڪائڻ پيئڻ جا اسباب ڪهڙا آهن ۽ ڪٿان آهن؟ عرض ڪيو ويو ته روزي ته آسماني آهي. ۽ اسبابن جي ڪابہ خبر ڪانهي. ڇو ته سلطان محمود ته بهشت ڏي جلد روانہ ٿي ويا ۽ وقت جي سلطان شيخ جي ڪمري ۾ قدم رکڻ نہ فرمايو آهي. جڏهن سلطان کي هي حال معلوم ٿيو ته سندن زيارت لاءِ حاضر ٿيو. ديدار سان باطن جو نور حاصل ڪري ٻہ آباد ڳوٺ سندن فرزندن جي نالي لکي سپرد ڪيائين.

چون ٿا ته نصيرالدين جي پٽ شهاب الدين گهٽي فوج گڏ ڪري پنهنجي پيءُ سان لڙائي شروع ڪئي هئي. نصيرالدين پنهنجي فوج جي ڪمي ۽ پٽ جي مخالفت ڪري وڏي فڪر ۾ هو. ۽ هميشہ اهو راڳ ڳائيندو هو تہ گذريل زماني ۾ دل جي لکل ڳالهہ سمجهڻ وارا درويش گهٽا هئا. جڏهن آسمان ڪنهن سان گهٽ وڌائي ڪندو هو ته هو ويچارا درويشن جي خدمت ۾ وڃي پنهنجي نيڪ ۽ بد جي انجام جي خبر ونندا هئا ليڪن اڃڪلهہ اهڙا روشن

www.maktabah.org

ضمير بزرگ بلڪل ئي نايابَ آهن. هي ٻڌي شمشير خان جيڪو شيخ جي عرفان ۽ وجدان کان باخبر هو. عرض ڪيائين تہ جيڪڏهن سلطان شيخ حسين جي گرامي صحبت ۾ پهچي تہ غالباً هي شڪايت جيڪا سلطان کي آهي شڪر گذاريءَ ۾ تبديل ٿي ويندي.

سلطان ڏونئري جو پيالو هٿ ۾ کڻي ٻهراڙي جي هڪ ماڻهوءَ جي صورت ۾ شيخ جي مجلس ۾ حاضر ٿيو. پاڻ اندروني راز سمجهي ويا ۽ آيت ڪريمہ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةً بِاِذْنِ اللّٰهِ. (گهڻا الله جي حڪم سان ٿوري جماعت وارا وڏي جماعت تي غالب آيا) پڙهي فتحيابيءَ جي خوشخبري ٻڌائي چنانچہ انهيءَ آسماني خوشخبريءَ موجب ظاهر بہ ٿيو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ نصيرالدين جهان فانيءَ مان رخصت ٿيو ۽ زماني هٿ پکڙي محمود کي تخت تي ويهاريو. سلطان محمود بہ شيخ جي خدمت ۾ پيءُ وانگر بيٺو رهيو. ايستائين جو ان جو عهد پورو ٿيو. چون ٿا تہ سلطان بهادر مالوه گجرات ڏي پگو ۽ جنت آشياني همايون شاهہ پويان اچي پهتو.

جڏهن همايون بادشاهہ ماندوءَ جو قلعو فتح ڪيو تہ شيخ جي ديدار لاءِ حاضر ٿيو. شيخ شاهي ڇاڪل جواهرات ۾ ويڙهيل ڏني تہ پاڻي پيارينڊ جي هٿ مان ونی جواهرات کي الڳ ڪيائون ۽ فرمايائون تہ اهڙي متقي بادشاهہ واسطي پاڻي پيئڻ جو ٽانوَ مشروع (شريعت وارو) هڻڻ گهرجي. ملا محمد فرغلي معافيءَ لاءِ اٽيو ۽ بادشاهي حڪم موجب جواهرات وارو ٽانوَ (ڇاگل) شيخ جي نذر ڪيو. شيخ آزاديءَ سان انجي نيلامي ڪري رقم حاجتمندن ۾ ورهائي ڇڏي. ٻئي ڏينهن صبح ئي سان جنت آشياني ۽ مير فرغلي امتحاني مضمون دل ۾ رکي شيخ جي ديدار لاءِ ويا. شيخ کي هر هڪ جي اندروني قرارداد جو علم ٿي ويو. اتفاق سان اڌ رات جي وقت شاهہ تاجو مجذوب پنهنجي پٽ قطب الدين بهکاريءَ جي هٿان بہ سيخ ڪباب شيخ جي واسطي موڪليا هئا. انهن ڪابن مان ٿي ٻوٽيون کڻي مير فرغليءَ کي ڏنائون ۽ کائڻ لاءِ چيائون. چنانچہ واقعي جو ظهور دلي خيال مطابق ٿيو. ان کان پوءِ شيخ جنت آشياني ۽ کي فرمايو تہ درويشن کي بازيگرن جي مثل سمجهڻ دوستيءَ جي طريقي جي خلاف آهي. اگرچ انب جي موسم نہ آهي ان جي باوجود آڻي تو سگهجي ليکن مزيدار نہ هوندو.

www.maktabah.org

پاڻ ٻارهن ئي مهينا نماز طهارت ڪبريٰ (غسل) سان پڙهندا هئا. هڪ ڏينهن غسل جي ارادي سان ٻاهر ويا هئا. چورن جي هڪ ٽولي ملين. اها ٽولي ڪين مالدار سمجهي پنهنجي مخفي جاءِ تي ونئي وئي ۽ پيرن ۾ زنجير وجهي هڪ دروازي جي ڪنڌ ۾ وهاري ڇڏيو. پاڻ فرمايائون ته گرفتار دل وارن جي پابندي زنجير سان ٿيندي آهي. ليڪن جيڪي آزاد آهن انهن کي پابند صرف محبت ڪري ٿي سگهي. چورن هن ڳالهه کي هوائي ڳالهه کان وڌيڪ وقعت نه ڏني ۽ زنجير تي پروسو ڪري هرڪو وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. شيخ انهيءَ جاءِ تان اڪ چنپ ۾ سليماني رفتار سان پنهنجي حجري ۾ اچي پهتا. چون ٿا ته شيخ جي عمر هڪ سؤ اٺويهه سال هئي. خوابگاه ماندو کان ٻارهن ڪوهن جي فاصلي تي آهي. حجري سنه نو سؤ پنجيتاليهن ۾ دنيا جي عدم آباد کان عقبيٰ جي شهر سنان ڏي رحلت فرمايائون.

شيخ علاؤالدين دهلوي رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ شيخ نورالدين المعروف فيل مست جا پٽ ۽ حضرت گنجشڪر جي نسل مان آهن قدس اسرارهم. پنهنجي ڏاڏي شيخ تاج الدين محمد ابن شيخ عبدالصمد ابن شيخ منور اجوڌني رحه جن جا مريد هئا. شيخ منور اجوڌني رحه جن کي زماني وارا گنجشڪر ۽ شيخ فريد ثاني رحه چوندا هئا. عقيدتمند مريدن کي خواب ۾ حضرت گنجشڪر- شيخ منور اجوڌني رحه جن جي شڪل ۾ نظر ايندا هئا. ڪشف جو صاحب عيسيٰ خان چئي ٿو ته جڏهن منهنجي سلوڪ جو آغاز هو ته مان انهيءَ ارادي سان ته مون کي ڪلاه خلافت خواجه قطب الاوليا کان ملي. خواجه قطب الاوليا رحه جن جي روضي مبارڪ تي اعتڪاف ڪيم. خواجه قطب الاوليا رحه جن مونکي شيخ علاؤالدين جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جي هدايت فرمائي مون گستاخي ڪئي جو انهيءَ حڪم کي قبول نه ڪيم. اهڙيءَ طرح ڪجهه دفعا وري اعتڪاف ڪيم ۽ هر دفعي اهوئي حڪم مليو. آخرڪار منهنجي ڪَنَ ۾ آواز آيو ته "علاؤالدين قطب الدين آهي". لاچار مجبور ٿيس ۽ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس. مسڪرائيندي ڪلاه منهنجي مٿي تي رکيائون ۽ فرمايائون ته "هي ڪلاه قطب الاولياءَ جن جي طرف کان آهي". خوش رهو.

www.maktabah.org

پندرهين ربيع الثاني هجري سنہ نو سؤ ستيتاليھ ۾ وصال جو فرمان مليو خوابگاه دهليءَ ۾ اٿن.

شيخ علاءالدين ابن شيخ بدرالدين سليمان رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن والد بزرگوار حضرت گنجشڪر رحہ جن جا فرزند هئا قدس اسرارهم. چون تا تہ سندن نفس جو بدن سان ميلاپ هجري سنہ اٺ سؤ ٻاهتر ۾ ٿيو هو. ننڍ پڻ کان ئي ولي ٿيڻ جا آثار سندن پيشانيءَ مان ظاهر هئا. جڏهن سندن دل وحدت جي نور سان منور ٿي تہ سڪ سالن تائين پاڻ هدايت فرمايائون. جيئن تہ سندن ذات ۾ بخشش جي صفت ڪمال درجي تي هئي ان ڪري ماڻهو کين علاءالدين جوانمرد چوندا هئا هجري سنہ نو سؤ انيتاليھ ۾ هستيءَ جي دامن کي علائق جي گرد غبار کان چنڊي ڇڏيائون ۽ لاڏاڻو فرمائي ويا. اجوڌن ۾ پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جي قريب دفن ڪيا ويا. سندن ٻہ پٽ هئا. جن کان چند ۽ سج وانگر نسب ۽ حسب جي زمين ۽ آسمان منور هئا. ممڪن ۽ واجب ۾ انهن ٻنهين پٽن جي خاص روش جو انتظام هو. مطلب تہ سلطان محمد تغلق گهٽيون تدبيرون ڪري ٻنهين صاحبزادن کي پاڻ سان مانوس ڪيو. وڏو پٽ شيخ معزالدين کي معزالملكيءَ جو خطاب ڏئي مُلڪي ۽ مالي ڪاروبار ان کان ڪرايائون ۽ آخرڪار کين گجرات صوبي جو حاڪم بنايائون. ان جي هستيءَ جي ڪشتي اتي ئي نيستيءَ جي درياه ۾ غرق ٿي. ٻيو شيخ علم الدين هو ان کي شيخ الاسلامي جو منصب ڏنائين. شيخ علم الدين دنيا ۽ آخرت ٻنهين جهانن جي ڪر کي بنائڻ ۾ مصروف رهندو هو. ۽ ڪائنن گهٽن ئي ماڻهن کي فيض پهتو. مصرع: ساغر اسرار اوپرا نے توحيد باد.

شيخ عبدالرزاق جهنجهانوي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ قادري سلسلي جي سربرآورن مان آهن. پير مشائخ حضرت سيد محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سرهُ جن جي خدمت ڪئي هئائون ۽ خدمت مان

www.maktabah.org

فائدو بہ حاصل ڪيو هئائون ليڪن هميشہ مشاهدي جي مقام تي شيخ شاهہ محمد حسن قادريءَ جي خدمت سان پهتا هئا . ۽ محمدي هدايت جي طريقي تي همٿ سان قدم رکي دانش و بينش حاصل ڪئي هئائون. شروع کان آخر تائين جسم کي گهٽائڻ ۽ روحاني جوهر کي وڌائڻ ۾ مصروف رهيا. آخر اهو نتيجو ٿيو جو عالم ارواح ۾ هلڻ گهمڻ وارن ۾ شامل ٿي ويا ۽ هميشہ نافرمان نفس سان لڙائي وڙهي آخر فتح حاصل ڪيائون. پاڻ هميشہ سوالين سان مروت سان پيش ايندا هئا ۽ ناتوانن جي خدمت ڪندا هئا. رسمي علم جي حاصل ڪرڻ کي ڪمال جي درجي تائين پهچايائون. ايتري قدر جو سخن گوئي جو ملڪو حاصل هئن. ڪلام پسنديده هوندو هئن. سيد محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سرهُ جي مڪتوبات تي هڪ عمدي شرح ۽ سنجيده ۽ مفيد حاشيہ لکيا اٿن. هجري سنہ نو سؤ اٺونجاهہ ۾ دنيا جي عالم کان رحلت فرمايائون. گهٽا ئي دهلي سرڪار جا وڏا وڏا ماڻهو ساڻن حسن عقيدت رکندا آهن. ان کان علاوه هي صاحب بہ آهن شيخ احمد مفتي سفيدوني- شيخ حسن پاڻي پتي- شيخ عمر مسواني- مير سيد علي لودياني ۽ ٻيا هي چار شخص شيخ احمد- شيخ معين الدين- شيخ طيب ۽ شيخ صابر ڪوٽ ميان دوآب جا باشندا آهن. شيخ يوسف دهلوي جن پنهنجي پير جي ڪلام کي گڏ ڪري هڪ مفيد جلد بنايو هو. شيخ حاجي جيڪي شيخ يوسف جا پيرزاده هئا ۽ شيخ چاند مجذوب جيڪو هفتي هفتي پر جا روزا رکندو هو. هي صاحب جيڪي شمار ڪيا ويا آهن سڀ جا سڀ طريقي ولايت جا رازدار- اسرار طريقت جا مشڪل ڪشا- خداشناسيءَ جي انجمن کي رونق ڏيڻ وارا ۽ هدايت جي طالبان جا رهنما هئا. قدس الله تعالىٰ اسرارهم- مصرع: رهنمايان جهان راسند عالي بود.

شاهہ تاجو ابن شيخ ڪمال قدس سرهُ رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ قريشي نسل جا هئا. سندن والدبزرگوار عرب ملڪ کان اچي هندستان جو سير ڪري عبرت حاصل ڪندو رهندو هو. اتفاق سان قلعي رنت ٻنور (آگره ۽ جيپور جي وچ ۾ هڪ قصبو آهي جنهن کي اڇڪلهہ پرت پور چوندا آهن) جي آسپاس رهي ٻيا ۽ هجري سنہ اٺ سؤ پنجاسيءَ ۾ شاهہ تاجوءَ جي روحاني

www.maktabah.org

صورت ماءُ جي پيٽ کان ٻاهر آئي. جڏهن سندن عمر پنج سال ٿي تہ يتيم ٿي ويا ۽ سندن ماءُ کين مادرزاد ديوانو سمجهي خبرگيري کرڻ ڇڏي ڏني. سمهڻ جي جاءِ ۽ کائڻ پيئڻ جي انتظام ۾ ڪابي صورت پيدا ٿي وئي. ٻاڻ هڪدم شيشي فروشن جي همراهيءَ ۾ مانڊوءَ تن تنها هليا آيا ۽ هتي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وَعَلَّمْنَاهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْماً (۽ ڪيس باطني علم عطا ڪيوسين) جي مڪتب ۾ تقديري تختي ياد ڪئي. ۽ سندن سيني تي خدائي علم لکجي ويو. وقت جو سلطان ناصرالدين خلجي هو. ان سندن خدمت پنهنجي ذمي ورتي. هڪ ڏينهن اڪيلائيءَ جي شڪايت سندن زبان تي آئي تہ وقت جي سلطان ناصرالدين ان جو انتظام هن طرح ڪيو جو هڪ ضعيف عورت هئي جيڪا سلطاني حرم ۾ پرده نشين کي شرعي تعليم ڏيندي هئي ان ضعيف عورت جي هڪ حسين جميل ڏيءَ هئي جنهن جو نالو راحتہ الحيات هو ان سان سندن نڪاح ڪرايائين. شاديءَ جي رسم ۽ سازو سامان جو ڪافي مقدار ۾ انتظام ڪيو ويو. انهيءَ دوران سلطان ناصرالدين خلجيءَ جي حياتيءَ جو وقت پورو ٿيو ۽ هاڻي حڪمرانيءَ جي نوبت سلطان ناصرالدين جي پٽ سلطان جي سپرد ٿي. بت پرستن جي هڪ جماعت هئي جن جو مذهب راجپوتن وانگر هو هي پوربيہ نالي سان مشهور هئا. هن جماعت سلطان کي قيد ڪيو ۽ خلجي حرم شريف ۾ بچڑائي پيدا ٿيڻ شروع ٿي انهيءَ دوران جو ڏهين صديءَ جي شروعات هئي راحتہ الحيات جي پيٽ مان انهيءَ ازلي مجذوب جي گهر ۾ نئين مهمان جي آمد ٿي جنهن جو نالو قطب الدين بهڪاري رکيائون ۽ ان کان پوءِ راحتہ الحيات بہ موت جي مرض ۾ مبتلا ٿي پئي ۽ مري وئي ۽ پيءُ جيئن تہ فنا في الله جي درياه ۾ غرق هو هوش ۾ اچي پٽ جي پرورش نہ ٿي ڪري سگهيو. شهر جا دربان سندن پاڙيسري هئا قضا ۽ قدر جي ڪارڪنن قطب الدين بڪاريءَ جي تربيت ان محلي وارن تي لکي ڇڏي. جڏهن هوش جو زمانو آيو تہ والد جي خدمت ۾ مشغول ٿيا. پيءُ جون ڪرامتون زماني وارن جي نزديڪ گهٽيون آهن. هجري سنہ نو سؤ پنجاهہ هو جو شاهہ تاجو پنهنجي عنصري لباس مان نڪري ويو جيڪو اڏارو پاتو هئائون. شيخ بڪاريءَ کي پنهنجو جانشين ڇڏي ويا.

شيخ بڪاري پنهنجي خدمتن ۽ پيءُ جي دعائن جي ڪري ولايت جا

www.maktabah.org

صاحب تيا. سندن خليلي دسترخوان مهمانن جي اڳيان ڪنهن ڪنهن وقت ۾ ۽ ڏينهن ويڙهبو ئي نه هو. تونگرن ۽ درويشن کي هڪ جهڙا طرح طرح جا ڪاڌا ڪارايا ويندا هئا. ان ۾ شاهه ۽ گدا جو ڪو فرق نه ڪيو ويندو هو. ڪي ماڻهو جيڪي اصل حقيقت کان واقف نه آهن چوندا آهن ته شاهه تاجو قدس سرهُ شيشه فروشن جو پٽ هو. مجذوب هو ان جو ڪو پٽ ڪونه هو. شيخ پڪاري دربان جو پٽ آهي جيڪو خوش قسمتيءَ سان اهڙي بزرگ جي خدمت ۾ پهچي وڏي مرتبي وارو ٿي ويو. اهي صرف گمان آهن جيڪي سچائي کان پري آهن.

شيخ پڪاريءَ پنج پٽ ڇڏيا سيني ۾ وڏو شيخ سعدي هو. جن جو ظاهر ۽ باطن سڏن ۽ سچن ماڻهن وانگر سنجيده افعالن وارو هو. پيءُ جي خلافت جو خرقو پاتائين ڪجهه ڏينهن وڏن وارو طريقو ۽ سلسلو رکيائين بعد ۾ هجري سنه نو سؤ چهاسيءَ ۾ معنوي ملڪ ڏي هليو ويو.

ٻيو شيخ ڪمال هو جنهن دل جي سلامتي شڪستگيءَ سان جمع ڪئي ۽ مولا جي ديدار جو شوق ڪمال درجي جو رکندو هو. ان ۾ هجري سنه هڪ هزار نو ۾ عارضي سراءِ کي ڇڏيو.

چوٿون پٽ شيخ جمال هو جيڪو حضور الاهيءَ جي صاحبن ۾ باریاب هو. هو کين قبوليت جي نظر سان ڏسندا هئا خاص ڪري شهسوار ميدان وحدت ۽ حقيقت شيخ ضياءُالدين ابن شيخ محمد غوث قدس سرهما کان پاڻ خلافت جو پيرهڻ هجري سنه نو سؤ پنجاسيءَ ۾ پاتائون ۽ سالڪ شاهراه تجريد و تفريد شيخ محمود ابن شيخ جلال شطاري عشقيءَ جي خدمت مان چند سال رهي فيض حاصل ڪري اجازت نامو ورتائون. راقم "گلزار الابرار" جو پراڻي دلي دوست- آزاد مزاج- ڪشاده پيشاني- اڪيلائي پسند ۽ محبت سان ملڻ وارو سندن جهڙو ڪونه هو. هجري سنه هڪ هزار چوڏهن جي رمضان مهيني ۾ پاڻ رحلت فرمايائون هڪ پٽ شيخ شريف نالي ڇڏيائون. الله تعالیٰ کيس به ڪمالات جو شرف عطا فرمائي.

شيخ سيد نظام ماندوي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سيد شرف جا پٽ آهن. جيڪو سيد غياث جو پٽ هو. ۽ سيد غياث حضرت سيد محمد گيسودراز رح جن جي پوٽن مان آهن. پاڻ جسم کي ڳارينداا

www.maktabah.org

۽ روح جي پرورش ڪندا هئا. نفس تي فتحياب هئا. چون ٿا تہ سندن والد بزرگوار سڪونت ترڪ ڪري گلبرگ دڪن ڪان سلطان غياث الدين خلجيءَ جي دور ۾ مالوه جي طرف آيا هئا. پوءِ رهڻ لاءِ هيءَ جاءِ پسند ڪيائون. جڏهن سيد شرف عالم علويءَ ڏي ڪوچ فرمايو تہ ان وقت سيد نظام ننڍو هو. جڏهن سندن هوش جو زمانو آيو تہ شيخ برهان چشتيءَ جا مريد ٿيا. معاش جو ذريعو بيلداريءَ سان هئن. هڪ ڏينهن نقد رقم سان پريل هڪ ٽانوءَ هڪ پٽ جي پاڙ مان نڪتو پاڻ ان کي متيءَ ۾ لڪائي گهر جي مالڪ کي سڏ ڪيائون ۽ چيائون تہ مال زمين ۾ پوريل آهي ڪڍي ڪٽي وڃ جيئن ڪوٽائيءَ جو ڪم جاري رکجي. گهر جي مالڪ جواب ڏنو تہ جيڪي ڪجهہ بہ نڪتو آهي ان جو مالڪ ڪيڙ وارو آهي. چو تہ ان جي تقدير سان ۽ انجي ٻانهن جي ڪوشش سان نڪتو آهي. هڪ ڪلاڪ تائين گفتگو ٿيندي رهي آخرڪار جڏهن سيد انهيءَ ڪشاڪش ڪان نجات حاصل ڪئي تہ انهيءَ خوف ڪان تہ مبادا ٻيهر وري ڪو اهڙو موقعو اچي ۽ حرص حرڪت ۾ اچي وڃي، ۽ دل ۾ ميلان پيدا ٿئي ۽ هٿ ان ڏي وڌي. انهيءَ پيشي کي ئي ڇڏي ڏنو ۽ ان ڪان پوءِ ڪانيون ۽ اٽو وڪڻي ان کي پنهنجو ذريعہ معاش بنايائون.

انهيءَ عرصي ۾ هڪ رهنما بزرگ سندن وٽ اچي پهتو. ڪيترا سير اٽو خريد ڪيائين ۽ انهيءَ ئي رڪيل ڪانين سان جيڪي دوڪان ۾ رڪيل هيون. ماني پچائي صرف پنهنجي چاشت جي خوراڪ ناهي. ڪين ذڪر قربان جو طريقو ياد ڪرايو ۽ فرمايو تہ خشڪ زاهدن واري رفتار ڇڏي ڏي ۽ عارف جي عاشقن جي دسترخوان جي چاشني چکُ. چون ٿا تہ انهيءَ ذڪر جي مشق کي پاڻ ايترو تہ وڌايائون جو شغل ڪرڻ وقت بدن جا عضوا الڳ ٿي ويندا هئن. ۽ جڏهن پاڻ فارغ ٿيندا هئا تہ اُهي عضوا واپس ملي ويندا هئا.

سلطان بهادر گجراتيءَ جڏهن مانڊوءَ کي فتح ڪيو هو تہ سيد جي خدمت ۾ بہ ويو هو، ۽ نذر ۾ گهٽو ئي مال پيش ڪيو هئائين. پاڻ قبول فرمائي سڄو مال عمارت ۾ لڳائي ڇڏيائون ۽ هڪ وڏو گنبذ والدبزرگوار جي قبر تي بہ تعمير ڪرايائون. ۽ پوءِ جڏهن جنت آشيانيءَ جي آمد مانڊوءَ ۾ ٿي تہ انهن بہ ديدار جو عزم ڪيو. مجلس گرم ٿي ۽ رازداريءَ جون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون ۽ گهٽيون ئي عميدون ۽ دلچسپ ڳالهيون ٿيون.

www.maktabah.org

چون تا تہ سندن 24 پٹ هئا. انهن ۾ ست ڇڙ تہ بي بها موتي هئا. سيد داؤد- سيد حميد- سيد جمن- سيد برهان الدين- سيد ڪمال- سيد سالار ۽ سيد فريد ڪجهہ فرزندن کي رسمي علم بہ حاصل هو. ۽ ڪي معرفت الاهيءَ جي عالي مرتبن کي پهچي گهٽن جا پيشوا ٿيا. نياڻن مان هي چار ممتاز هئا: پهريون سندن پير جو پوٽو شيخ نصيرالدين ابن شيخ جلال ابن شيخ برهان چشتي- ٻيو شيخ جمال ٿيون شيخ چاند چوٿون شيخ شرف الدين. انهن چئني مان هر هڪ اهل عرفان- اهل ذوق ۽ اهل وجد هئو.

سيد نظام تاريخ اٺويهين ذوالحج هجري سنہ نو سؤ پنجاهہ ۾ حج لاءِ سفر ڪيو. آخري آرامگاہ والد بزرگوار جي گمنبد ۾ اٿن، جيڪو ساگرتال جي ويجهو آهي.

مصرع: صفاد مروه اوکوئي حق شناسي بود.

سيد حسين رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد محمد جا فرزند هئا جيڪو جلال ابن زهيد جو پٽ هو. پاڻ اصل ۾ ترميذ جي سادات مان آهن. سندن انون ڏاڏو سيد جلال الدين هندستان جي طرف ترميذ کان آيو هو. ان وقت انين صديءَ جي شروعات هئي. ۽ سارن نالي ڳوٺ جيڪو جونپور سرڪار جي پسگردائي ۾ آهي گوشي نشين ٿي ويا. انهن کي بہ پٽ هئا سيد علما ۽ سيد جلال- هي سيد حسين جيڪو آهي. ٻئي پٽ جي پوٽن مان آهي. سيد حسين جي ولادت باسعادت جي جاءِ گواليار آهي سندن والد ماجد سيد محمد سلطان ابراهيم لوڌيءَ جي عهد ۾ سارن ڳوٺ کان جيڪو سندن آبائي وطن آهي گواليار آيا هئا. انهن ڏينهن ۾ قلعي جو حاڪم نثار خان سارني هو. ان ڪمال محبت ۽ تعظيم سان سندن استقبال ڪيو ۽ فوراً ضروريات جو انتظام ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ قطب الاولياءِ غوث العرفا شيخ محمد غوث قدس سرہٗ بہ شرقي ملڪ کان جيڪو سندن قيام گاه هو گواليار ۾ آيا. جڏهن جنت آشياني همايون بادشاهہ بنگال صوبي کي فتح ڪرڻ لاءِ ڪوچ فرمايو تہ دارالخلافہ آگرو مرزا هندال جي حوالي ڪيو. ناتجربيڪار خبر ڏيندڙن اها صدا مرزا کي ٻڌائي مرزا دوراندیش نہ هو ۽

www.maktabah.org

حڪومت جي هوا هن جي ڪنن ۾ پرجي وئي. انهيءَ باري ۾ دولت جي دوستن ۽ نالائقن جي مشوري سان اها ڳالهه فيصلو ٿي ته شيخ بهول اسان جي بادشاهه جو پير آهي ۽ شيخ محمد غوث پير جو پاءُ آهي جيستائين اهي ٻئي بزرگ عالم ملڪوت ڏي روانا نه ڪيا ويندا. مرزا جي آرزو پوري نه ٿيندي. شيخ بهول دارالخلافه آگري ۾ موجود هئا. ڪين اتي ئي شهيد ڪيو ويو. شيخ غوث الزمان گواليار ۾ تشريف رکندا هئا. انڪري گواليار جي حوالدار سلطان ميرڪ جي نالي حڪم جاري ڪيو ويو ته جيئن به ٿئي هر ممڪن طريقو اختيار ڪري شيخ محمد غوث کي دارالخلافه ۾ روانو ڪيو. اتفاق سان شيخ محمد غوث کي انهي معاملي جي حقيقت معلوم ٿي وئي ان ڪري راتون رات ماڻهن کان لڪي اڪيلا گواليار کان نڪري ويا ۽ مشرق جي زمين تي وڃي پهتا جتي همايون جو لشڪر هو. ليڪن گهر ٻار سڀ ڪجهه لٽجي وين ۽ ٻارن ٻچن کي نهايت تنگيءَ جي نوبت پهتي. جڏهن همايون واپس ٿيو ۽ اُها شورش به ٽڏي ٿي ۽ شيخ محمد غوث به پنهنجي وطن ۾ اچي پهتا ته اها ڳالهه ذهن نشين ڪئي وئي ته جيڪا آفت ۽ مصيبت گهر ٻار ۽ ٻچن کي پهتي هئي. اهو سڀ سيد محمد سارنيءَ جي چوڻ سان ٿيو هو ۽ پوءِ جن افواهه ڦيلايو انهن ئي ماڻهن محض گمان ئي گمان تي سيد محمد جي گهر وارن سان مڪر ڪري هي ذهن نشين ڪرايو ويو ته توهان جي اولاد جي واسطي شيخ محمد غوث جلالي تعويذ ساڙي ٿو. اها وحشتناڪ خبر ٻڌي ماءُ ان کان سواءِ نجات جو ڪو رستو نه ڏٺو جو پنهنجي وڏي پٽ سيد حسين کي جنهن جي حسين صورت ڏسي يوسفي حُسن ياد ايندو هو. خدمت ۾ موڪلي ۽ توهمي تقصير جو عذر ۽ معذرت ڪري معافيءَ لاءِ عرض ڪري.

جڏهن هي نوجوان سعادتمند قدم بوس ٿيو ته شيخ محمد غوث مهربانيءَ جي نظر سان نهارين ۽ کين ڏاڍي خوشي حاصل ٿي ۽ اهڙي طرح ڏينهون ڏينهن گنجائش ۽ رسوخ جو درجو وڌندو ويو. جڏهن سترهن سال عمر ٿين ته مريد ٿيا ۽ سلوڪ جي طريقي تي مقامات طئ ڪري خداشناسي- حق داني- ۽ حقيقت پرستيءَ سان ممتاز ٿيا. آخر ۾ وحدت الوجود جا آثار زور شور سان غالب آيا. ايتري قدر جو سلوڪ کان باز رکي ٿيهن سان جي عمر ۾ جذبي جي نوبت

www.maktabah.org

پهتي. جنهن زماني ۾ قطب الاولياءغوث الزمان، شير خان سور جي شورش جي سبب گجرات ڏي هجرت فرمائي ان زماني ۾ پاڻ ساڻن گڏ هئا. هڪ ڏينهن هڪ جاءِ تي چند بوالهوسن (نفس پرستن) جي مجلس هلي رهي هئي، ته هن مجذوب صاحب جو به اتان گذر ٿيو. مجلس ۾ اندر گهڙي ويا ۽ پاڻيءَ جو هڪ ٽانوَ ڪنيائون. مجلس وارن هن کي مجذوب نه پر چور تصور ڪيو. سمجهه ڪان ڪم نه ورتائون. ڪاوڙ ۾ اچي ويا. انهيءَ دوران هڪ مجلس مان ناعاقبت انديش اٿيو ۽ تلوار کڻي کين شهيد ڪري ڇڏيائين. خوابگاه محمود آباد اٽن جيڪا احمد آباد کان ڏهن ڪوهن جي فاصلي تي آهي.

سيد علاءالدين مجذوب المشهور به علاول بلاول رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن والد بزرگوار جو نالو سيد سليمان آهي. سندن وڏو ڏاڏو سيد حسن حسيني گذريل زماني ۾ رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم جن جي مدينه منوره کان هندستان آيو هو. جڏهن هند جي شرقي زمين تي پهتو ته ڳوٺ ردولي۽ ۾ مشيعت ايزدي۽ مطابق سير جي مسافت به انجام ڪي پهتي ۽ انهيءَ ڳوٺ جي هڪ ڪنڊ ۾ قيام ڪيائين، ۽ رب سان لو لڳايائين. ڪجهه وقت ۾ ڪيس گهر به مهيا ٿي ويو. خاندان- فرزند- تعلق رکڻ وارا ۽ درويش گهٽا ٿي ويا. جڏهن سيد سليمان جي زندگيءَ جو تخت برباد ٿيو ته پاڻ پنهنجي ڪافي ملڪيت ڇڏيائون جنهن ۾ نقد رقم- ڪپڙا- ڳوٺ- ۽ زرعي زمين وغيره به هئي. انهيءَ ڪري پٽن ۾ جهڳڙا فساد شروع ٿيا. شيخ علاول سيني ۾ ننڍو هو، ۽ سيني سان سڏو سلوڪ رکندو هو انڪري ڪجهه پائرن کين ماري ڇڏڻ جو ارادو ڪري سندن واسطي يوسفي ولايت ثابت ڪئي. سندن ماءُ به کين گهٽو پيار ڪندي هئي. جڏهن ان کي هي حال معلوم ٿيو ته هن حجاز جي سفر جو ارادو ڪري کين ساڻ ونيو ڳوٺ مان خاموشي سان نڪري آئي. ڏينهن جو بگهڙ صفت پائرن جي پويان اچڻ جي خوف کان لڪندا وتندا هئا ۽ رات جو جيترو هلي سگهندا هئا سفر ڪندا هئا. جيسين هن خوف کان امن حاصل نه ٿين اهڙيءَ طرح جنگلن بيابانن ۾ هلندا رهندا هئا. جو ته سچي نيت جو وڻ هميشه مرادن جو ڦل ڏيندو

www.maktabah.org

آهي. ان ڪري پاڻ ٻئي حرمين شريفين جي زيارت ڪان مشرف ٿيا. وري چند سالن ڪان پوءِ سندن والده ماجده پنهنجي زندگيءَ جي امانت تقدير جي لکڻ واري جي حوالي ڪئي. هڪ غريبي حال ان تي ماءُ جي فراق جو درد ويتر وڌي ويو. لاچار مشغوليت لاءِ انهيءَ علائقي ۾ هڪ عرصي تائين رسمي علم حاصل ڪندا رهيا. ۽ پوءِ دنيا جو گشت ڪيائون ۽ جيئن ته سفر جي شروعات هند کان ٿي هئي ان ڪري آخر وري انهيءَ ئي نقطي تي اچي بينا. مدت تائين دهليءَ ۾ شيخ لادن مفتيءَ جي درس ۾ ويهي تفسيرن جو مطالعو ڪيائون ۽ انهيءَ دوران هميشہ خواجہ بختيار ڪاڪي رحہ جي مزار قطب المدار تي حاضر ٿي معنوي فروغ جي استدعا ڪندا رهندا هئا. جڏهن وقت اچي ويو ته کين مطلق جذبي کٽي ورتو جيڪو حقيقي وحدت سان گهيريل هو، ۽ دارالخلافہ آگري ۾ قيام جو حڪم ٿيو. پاڻ انهيءَ شهر ۾ جمنا درياه جي ڪناري حجرو تيار ڪري ان ۾ قرآن شريف جي تلاوت ۽ تفسيرن جو مطالعو ڪري مشغول رهندا هئا. هنن ڏينهن ۾ فردوس مڪاني بابر بادشاه جي حڪومت جو زمانو هو.

سندن ڪشف ۽ ڪرامتن جي متعلق ڪجهہ حالات هي آهن- شيخ منور چشتي رحہ لکن ٿا ته پاڻ منّي ۽ گاري جي ڪم ۾ ڪاتل رهندا هئا. ۽ انڪري مونکي حيرت تي حيرت آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته منور، علاؤالدين جو ته گاري منّيءَ جو شغل ٿورا ڏينهن آهي ان کان وڌيڪ نہ آهي. ليڪن تون هن ڪم ۾ آخردم تائين ڪاتل رهندين. آخرڪار جيئن پاڻ فرمايائون تيئن ٿيو. شيخ حاتم سنبلي رحہ جن ان زماني جي باعمل عالمن مان هئا. هڪ دفعي اهو ٻڌڻ ۾ آيو ته هڪ درويش شرعي احڪامن جي دائري کان ٻاهر قدم رکي ڪرامتون ۽ مقاماتہ جي دعويٰ ٿو ڪري. جڏهن مان آگري شهر ۾ سندن حضور ۾ ويس ته سڀ شرعي حاڪمن جون پيڪڙيون جيڪي مان پنهنجي خيال ۾ سوچيندو ويس، اُهي سڀ عقيدت ۽ اخلاص مان بدلجي ويا ۽ اعتراضي مسئلن کي مان عرض بہ نہ ڪري سگهيو هئس ته پاڻ انهن جا اڳ ۾ ئي شافي جواب ڏنائون.

وقت جو داناءِ شيخ مبارڪ خضر رحہ فرمائن ٿا ته جڏهن مان گجرات ڪان دارالخلافہ آگري آيس ته پهريائين سندن خدمت ۾ حاضر ٿي بشارت جو اميدوار ٿيس، ته پاڻ اهڙي دلڪش تقرير سان مونکي خوشخبري ڏنائون ته هن ئي سعيد شهر ۾ توکي قيام ڪرڻ گهرجي. تنهنجي خاندان ۾ عالي درجي فرزند- وافر

www.maktabah.org

علم ۾ ڪثير دولت جون نعمتون جلد نصيب ٿيڻ واريون آهن. ليڪن ان سان گڏ اهو به آهي ته تنهنجي سلسلي ۾ هڪ وڏي آفت ۽ مهلڪ فتنو به پيدا ٿيندو جيڪو تهمت ۽ بدناميءَ جو سبب ٿيڻ وارو آهي. پريشان نه ٿجاءِ ڇو ته وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُولٰى وَلَسَوْفَ يُعْطِيكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى نتيجو آخرڪار خير آهي. شيخ مبارڪ فرمائي ٿو ته توهان جي دل خوش ڪندڙ فرمانن موجب آخرڪار اُهي سڀ آثار نظر اچڻ لڳا.

چون ٿا ته شيخ نظام نارنولي رحه پنهنجي وقت جا قطب هئا انهن سندن پيرهن مجذوب الاهيءَ جي خدمت ۾ موڪليو هو ۽ فرمايو هو ته جتي رهڻ لاءِ پاڻ حڪر فرمائن ان کي ئي پنهنجو وطن سمجهڻ گهرجي. جڏهن نظام العالم سندن خدمت ۾ پهتا ته پاڻ فرمايائون ته اي ثاني نظام تنهنجي ظاهر ٿيڻ جي جاءِ نارنول ئي آهي. تنهنجي ڪم جي رونق- انجو اجر انهيءَ مقام سان وابسته آهي جيڪو پنهنجي وقت تي ظاهر ٿيندو. آخرڪار وقوع ۾ به آيو. انهيءَ طرح آيو جيئن پاڻ فرمايائون.

شيخ عبدالله بخاري رحه سندن هر عصر درويش هئا. جيئن ته پاڻ وحدت جي درياه ۾ گهٽو مستغرق رهندا هئا. موجن تي موجون ايندیون هيون ۽ سڪر جي حالت بلڪل غالب رهندي هئي ان ڪري شيخ عبدالله بخاري سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ته جيئن ڪين انهن جذب جي حالتن کان هوش ۾ آڻي. انهيءَ دوران هڪ لوٽو سندن سامهون آيو پاڻ اهو بخاريءَ جي هٿ ۾ ڏنائون بخاريءَ ان کي به ٽڪر ڪري چيو ته جيڪا لذت دوئيءَ ۾ آهي اُها وحدت ۾ ناهي. پاڻ جواب ۾ معرفت توحيد ۽ ذوق فنا جي متعلق ڪجهه ڳالهيون پنهنجي زبان سان اهڙي طرح بيان ڪيون جو نصيحت ڪرڻ واري جي دل قابوءَ ۾ نه رهي. ديوانگيءَ ۽ ربودگي بخاريءَ جي حالت ۾ وحدت جو اهڙو ته مزو پيدا ڪيو جو سمجهي ويو جيڪي نه ڄاڻندو هو.

هڪ شخص شيخ علاؤالدين دهلويءَ جي خليفي جو پٽ هو. هن کي هن جي پير دارالخلافه آگري ۾ انهيءَ لاءِ موڪليو ته اسانجو سلسلو جاري ڪري. ۽ اتان جي ماڻهن کي هدايت ڏي. جڏهن خليفي جو پٽ سيد علاؤالدين مجذوب جي خدمت ۾ آگري ۾ پهتو ته پاڻ فرمايائون ته تنهنجي پير توکي هن شهر جي

www.maktabah.org

شيخيءَ لاءِ موڪليو آهي. هي امان جو گهر ۽ ماسيءَ جي گهٽي ناهي، هتي رهڻ جي معنيٰ شينهن سان پنجا ويڑهائڻ جي مثل آهي. تو جهڙي ٻڪريءَ کان اهو ڪم نه ٿي سگهندو. چون ٿا ته ٻه ٽي ڏينهن گذريا ته دستن جي بيماري اچي لڳس جيترو علاج پيو ڪري اوتري بيماري وڌي پئي آخرڪار علاج ڇڏي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ فرمايائون ته غم نه ڪر صحت اچي ويندي ۽ تنهنجي ڪم جي جاءِ ڳوٺ امروهه آهي. هڪ ڪمبل تي وينا هئا اُهو خليفي جي پٺ کي ڏنائون. خليفي جي پٺ پنهنجي مٿي تي ٻڌي امروهه وڃڻ جي اجازت گهري. اتي ان کي رونق حاصل ٿي.

شيخ راجوءَ نالي هڪ جوان بني اسرائيل گروه مان هو ان سندن حاضري پاڻ تي لازم ڪري رکي هئي. آهستي آهستي اها نوبت آئي جو سندن حالات ۽ عادتن تي شيدا ٿي پيو. سندن هڪ منٽ جي جدائي به دشوار ٿي پئي. هڪ ڏينهن پاڻ هن تي مهربان ٿي پيا. هن لاءِ هڪ گرهه زمين تي رکيائون هن ڪمال تواضع ۽ نهايت ادب سان چپن سان کنيو ۽ ڳهي ويو. بس جيڪا نعمت هو گهري پيو حاصل ٿي ويس پاڻ ان کي ڳوٺ آهار ۾ موڪليائون اتي هن جي شيخوخيت رونق حاصل ڪئي. انهيءَ جاءِ تي هڪ جادوگر جوڳي هو اُهو بحث ڪرڻ لڳو. شيخ راجوءَ موسوي ولايت جي ذريعي ان جي جادوءَ کي باطل ڪري پنهنجو عاشق بنائي ڇڏيو.

اهڙي قسم جون عمديون ڪرامتون ڪيتريون ئي بيان ٿيل آهن پر جيئن ته هي مختصر ڪتاب آهي ۽ گهٽ گنجائش ٿو رکي. لهذا نه لکيون ويون.

سيد زين العابدين نالي هڪ عالم سندن معتقدن مان آهي انهيءَ هجري سنه هڪ هزار نو ۾ هڪ رسالو لکيو آهي. جنهن ۾ سندن حالات تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن. خدا ڪري شائقين جي مطالعي ۾ اچي.

علاؤالدين مجذوب جي رحلت جي تاريخ سنه 953 هـ آهي.

شيخ ڪمال الدين قريشي رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ شاهه عبدالرزاق جهنجهانويءَ جا مريد آهن. گجرات جي وڏن بندرن مان هڪ بندر ۾ پاڻ پير جي حڪم سان قيام فرمايائون ۽ طريقت ۾ اهل

www.maktabah.org

حقيقت جي مقامات تي پهچي سلسلو ۽ رهنمائي جاري ڪئي هئائون. گهٽن ئي ماڻهن سندن هدايت جي ڪري ڪمالات ۽ حالات جو مزو حاصل ڪيو آهي.

شيخ احمد پور نعمت الله رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن ولادت باسعادت جي جاءِ چنديري آهي. قادر شاهه جي عهد ۾ مالوه جا شيخ الاسلام هئا. سندن چوٽون ڏاڏو شيخ علاؤالدين مقتول ملتان ڪان آيا هئا. ۽ ايزدي مشيئت سان گواليار ۾ قيام فرمايائون ليڪن پٽن ڪي هميشه اهو خوف ڏيارييندا رهندا هئا ته بت پرستن جو اوچتو غلبو ٿيڻ وارو آهي. مطلب ته جڏهن ذڪر ڪيل فتني جي شروعات ٿي ته گوالیار جي باشندن تي آفت آئي. شيخ الاسلام جو ٽيون ڏاڏو شيخ اسماعيل هو. شيخ اسماعيل جڙهن جي جماعت ساڻ ڪري چنديريءَ وياء ۽ اتي ئي گهر بہ ٺاهيائون. انهيءَ جاءِ تي شيخ نصيرالدين ابن شيخ اسماعيل ۽ شيخ نعمت الله ابن شيخ نصيرالدين جون علمي صورتون ظاهري وجود ۾ ظاهر ٿيون. انهيءَ ئي جاءِ تي استعداد جي ڪمال کي پهچي وجود کان عدم ڏي روانيون ٿي ويون. صوفين جي اصطلاح مطابق پهرين حالت جو نالو وجود ممڪن ۽ پوئين حالت جو نالو عدم اضافي آهي. انهن حالتن کي مبدءَ ۽ معاد بہ چوندا آهن. ان ڪان پوءِ شيخ الاسلام پنهنجي والد جا جانشين ٿيا. جڏهن راڻي چيتور چنديريءَ کي شڪست ڏني ته پاڻ پٽن ۽ عزيزن کي ساڻ ڪري ٻين ماڻهن سان گڏ چيتور ۾ هليا آيا. چيتور هڪ ڳوٺ آهي ڪالپي سرڪار جو. هتان جو حاڪم اوحد خان فيروز نيڪ انسان هو. ان اڇڻ وارن کي عزت ۽ تعظيم سان اڇڻ ڏنو. ۽ حڪم ڏنو ته هتان جي ماڻهن کي گهرجي ته چنديريءَ جي آفت زده ماڻهن سان برادرانہ سلوڪ ڪن ۽ پنهنجو سامان ۽ سرمايو اڏو اڏ ڪري تقسيم ڪن ته جيئن هنن ماڻهن جيڪا تڪليف ڏني آهي ان کي وساري ڇڏن. اهل اسلام جي خرابي جڏهن سلطان بهادر گجراتيءَ ٻڌي ته ان کي غيرت آئي ۽ هو وڏو سپاهه وٺي روانو ٿيو ۽ قلعي چيتور جو محاصرو ڪيائين جيڪو راڻي جو پراڻو وطن آهي ۽ تمام وڏي جنگ ٿي. جيئن ته جنگ جي ذريعي قلعي جي فتح ڏکي معلوم ٿي. لهذا علماءَ جمع ٿيا ۽ فتوا ڏنائون ته اسلام جو مان مٽانهون ڪرڻ لاءِ سپهه سالار

www.maktabah.org

کي عقلاً ۽ شرعاً جائز آهي تہ جيڪي اسلام جا مطيع ناهن انهن کي قسر ۽ صلح سان قبضي ۾ آڻي ماري ڇڏي ۽ فريب ۽ بهاني سان انهن تي فتحياب ٿئي. چنانچہ راڻي کي صلح جي بهاني سان پکڙي تلوار سان ماري ڇڏيائون. ان کان پوءِ سلطان شڪار کيڏندي رايسين جي قلعي ۾ پهتو. جيڪي ماڻهو چنديريءَ کان جلا وطن ٿي چتور ۾ آيا هئا انهن کي سڏائڻ لاءِ حڪم جاري کيائين اُهي ماڻهو حڪم جي تعميل ۾ رايسين ۾ آيا. سلطان ان وقت چوگان بازيءَ ۾ مشغول هو. فرمايائين جلد پيش کيا وجن ۽ جلد انهن جي اندرين زخمن جو علاج کيو وجي. اهڙي طرح کجهہ ماڻهن کي تہ سندن وئل دنياوي مال جنهن جي مقدر ۾ جيترو هو مليو ۽ کجهہ ماڻهو جتي لٽل هئا اتي پيا رهيا ۽ قناعت تي رهيا. انهن ئي ڏينهن ۾ سلطان تہ گجرات روانو ٿي ويو ۽ ملوخان جيڪو قادر شاه جي نالي سان مشهور هو خبر پهتي شيخ احمد ۽ پيا کجهہ متوڪل اڪيلائي پسند ماڻهو رايسين ۾ آهن. جن جي روزي آسمان ۾ آهي. اهو ٻڌي اسلام جي محبت جوش ۾ آئي هڪ دلسوز دانشمند کي موڪليائين ۽ اهو انهن کي نهايت عزت سان اُجين ۾ ونې آيو. پاڻ باقي عمر شيخ الاسلامیءَ جي مسند تي ويهي هدايت جاري رکي ۽ جيڪي سالڪ هئا انهن کي تيزروي سيکاري ڏهين صديءَ جو آغاز هو جو قلعي اُجين ۾ ئي آرام گاهہ اختيار کيائون. ٻہ پٽ هئن شيخ جمال ۽ شيخ عبدالقادر.

مخدوم اعظم مولانا خواجگي احمدؒ جي ياد ۾

پاڻ جلال الدين جا پٽ آهن. جيڪو دوست محمد ڪاشاني قليچيءَ جو پٽ هو ۽ دوست محمد ڪاشاني شيخ برهان الدين قليچ جي پوٽن مان آهي جيڪي صديقي نسب ۽ حنفي مذهب هئا ۽ ڪاشان فرغانہ پيدائش جي جاءِ هئن. سندن تلقين سان عقل جي آئيني ۾ صفائي پيدا ٿيندي هئي. ۽ تلقين جي آئيني ۾ حقيقتون نظر ايندیون هيون. مولانا محمد قاضيءَ جا مريد هئا. جيڪي خواجہ احرار خواجہ عبيدالله باغستانيءَ جي وڏن خليفن مان هئا. سندن وصال جي تاريخ جنهن کي عوام وفات چوندا آهن هجري سنہ نو سؤ اٺونجاهہ هئي ۽ هجران جو زمانو جنهن کي ماڻهو زندگي چوندا آهن انهتر سال ٻڌائن ٿا.

www.maktabah.org

جن ڏينهن ۾ والي ملڪ ظهيرالدين محمد بابر بادشاهه گرگاني تيموريءَ هندستان فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو انهن ڏينهن ۾ سلطان ابراهيم لوڏي ملڪ دهليءَ جو بادشاه هو ان سان تمام وڏي لڙائي لڳي. جيئن ته گرگاني فوج لڙائيءَ جي طاقت پاڻ نه ڏني ته سيڊ سالار جو بيان آهي ته مون حليه احراريه جو تصور ڪيو. هڪ سوار نظر آيو جنهن جو گهوڙو ۽ لباس ٻئي سفيد هئا ۽ هن دشمنن جي فوج سان تلوار هلائي مار ڏاڙ شروع ڪئي. ٿوري عرصي ۾ اُها لڙائي فتح ٿي وئي ۽ لوڏيءَ جي فوج ڀڄڻ کي غنيمت بلڪ زندگانيءَ جو باعث سمجهو. سيڊ سالار جو بيان آهي ته مون انهيءَ حليي کي عبارت ۾ لکي ڇڏيو. جڏهن لڙائيءَ جو شور۽ غوغا ختم ٿيو ته مون هي واقعو دانشمندن جي روبرو بيان ڪيو جيڪي مون وٽ هئا. انهيءَ مجلس ۾ ان سلسلي جي بزرگن مان به هڪ صاحب هو. انهن فرمايو ته هي حليو مبارڪ مولانا خواجگي احمد جو آهي. مون انهيءَ ئي ڏينهن مير قوزيءَ کي جيڪو منهنجي وڏن اميرن مان هو، اُهو حليه وارو ورق ۽ ان سان گڏ گهٽائي تحفا ۽ هديا ڏئي سندن خدمت ۾ روانو ڪيو ۽ ڪجهه بيت نياز نامي ۾ لکي پنهنجو ضمير سندن روبرو ظاهر ڪيو.

گهٽا ئي بيدار مغز ماڻهو ساڻن بيعت هئا. ڪنهن حد تائين سندن معرفت ۽ حالات سندن بزرگوار خليفن ۽ فرزندن جي ياداشتن کان معلوم ٿيندا. انشاءَ الله العزيز- خدا ڪري ته اهي حالات شائقين حڪايات کان مخفي نه رهن.

جيئن ته راقم تعريف ۽ پسنديده عادتن جي لکڻ ۽ قلم جي واڳ کي ڇڪي رکيو آهي ڇو ته تحرير مان معلومات جون ضروري ڳالهيون فراهم ڪرڻ تائين محدود رکڻ اصل مقصد آهي حالانڪ حق ته اهو هئو ته هنن بزرگن جي تعريف ۽ نثر ۽ نظر ۾ لاتعداد گل نثار ڪجن ها.

مولانا محمد مجدؒ جي ياد ۾

سيني علمن ۾ سندن طبيعت لڳندي هئي. سلطان محمود ابن مظفر ابن محمود جو زمانو هو جو پاڻ حجاز کان گجرات آيا هئا. سلطان سندن شاگرد ٿيو ۽ خدا جو شڪر ادا ڪيائين ۽ سندن رتبو بلند ڪرڻ ۾ حد درجي جي

www.maktabah.org

کوشش کیائون. جملته الملکي جو منصب ۽ خداوند خانيءَ جو لقب عطا فرمايائون. ساڳي طرح سلطان محمود جي پٽ سلطان بهادر به سندن تعظيم ۾ پيءُ کان کجهه وڌيڪ ئي کيو. جن ڏينهن ۾ جنت آشياني نصيرالدين همايون بادشاهه گجرات جو صوبو فتح کيو ۽ سلطان بهادر فوج کي ڇڏي دريا بار جي جزائر ۾ پهچي ويو ته ان وقت پاڻ گجرات ۾ هئا. جنت آشيانيءَ سان ملاقات کيائون. تعظيم ۽ تکريم جا مدارج ادا ٿيا. شاهي عنايت جي کشش کين لشکر سان گڏ دهليءَ ۾ وٺي آئي ۽ هن دلکش مقام سندن دل جي دامن کي پکڙي ورتو. لاچار قيام کرڻو پيو. شير شاه سوريءَ جو زمانو هو جو پاڻ دارالسرور ڈي روانا ٿي ويا. پاڻ طبقه مغربيه احمديه ۾ بيعت هئا ۽ انهيءَ ئي سلسلي جي پيرن جي روش تي طريقت جو سلوڪ به رکندا هئا.

شيخ چندن دسوري (منڊ سوري رحمة الله) جي ياد ۾

پاڻ شيخ بدها جا پٽ هئا. ۽ شيخ بدها جي پيءَ جو نالو شيخ ڇجو هو. شيخ صدرالدين خاموش چشتيءَ جا مريد هئا. سندن قبيٽو چندبو اثرائتو هو. ظاهر ۽ باطن جا کمالات به رکندا هئا. ايزدي جذبات ۽ سلوڪ جا مقامات به کين حاصل هئا. آسماني خزانن جا دروازا سندن هٿ تي کليل هئا. هميشه نقد يا جنس احتياج ۽ خواهش مطابق ضرورتمندن کي بنا دير جي ڏئي ڇڏيندا هئا. هر هڪ فن جا ڪتاب فراهم ڪري مستحق عالمن ۽ طالبن کي پهچائيندا هئا. سوالي جو محروم رهڻ پاڻ تي حرام سمجهندا هئا. سلطان بهادر گجراتي سندن معتقد ۽ ارادتمند هو. هن سلطان جي زماني ۾ پوپٽ راءِ رايسينيءَ سان سندن عزيزن ۽ درويشن جي لڙائي جاري رهندي هئي. پاڻ ڪلمئه حق کي بلند ڪرڻ لاءِ هنن ماڻهن جي مدد ۾ وڏي لڙائي ڪئي. سندن قبيلي جا گهڻا ماڻهو شهادت جي درجي تي پهتا.

چون ٿا ته شيخ منجهو اجميري حجاز جي سفر کان واپس هند آيو ته هڪ وزني زنجير پنهنجي پيرن ۾ انهيءَ شرط سان وڌي هئائين ته مشائخ جي ديدار سان هيءَ وزني زنجير جنهن جي ڏسڻ سان پيرن مان کلي پوندي ان جي بيعت جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندس. اهڙي طريقي سان منزل در منزل هلندا

www.maktabah.org

مندسور ۾ آيا. شيخ دان ۽ شيخ سلطان شيخ چندن جي وڏن خليفن مان هئا. پهريائين شيخ منجهو هنن بزرگن جي خدمت ۾ حاضري ڏني ۽ زنجير وجهڻ ۽ کولڻ جو شرط بہ بيان کيائين هنن بزرگن فرمايو تہ بيشڪ اسان جي پير بزرگوار جي مشڪل ڪشا جمال سان هي مسئلو حل ٿي ويندو. جڏهن وعدو پورو ٿيو ۽ جيئن چيو هئائين تيئن ٿيو تہ انهيءَ ئي وقت بيعت کيائين.

اهڙي قسم جون ڪرامتون ماڻهو گهڻيون بيان ڪن ٿا. ٿيوهين رمضان هجري سنہ نو سؤ ٿيونجاهہ ۾ پاڻ عالم علويءَ کان ڪوچ فرمايائون. خوابگاہ ٿودي (مندر سؤ جي ڪناري هڪ ننڍي پهاڙيءَ تي) آهي.

چون ٿا تہ سندن جدامجد شيخ ڇجو راؤڪي سڪندرہ ۾ رهندا هئا. تقدير سان وطن ترڪ ڪري سير جو ارادو ڪيو هئائون. ليڪن آخرڪار داڻي پاڻيءَ جي زنجير سندن سير ڪنڊ پيرن ۾ پئجي وئي ۽ مند سور جي ويجهو قيام فرمايائون. شيخ موسيٰ اُجيني- شيخ لال گجراتي ۽ شجاعت خان پيءُ باز بهادر خان افغان جيڪو ڪجهہ سال مالوہ جو حاڪم بہ رهيو هو. سندن مريدن مان هئا. رحمهم الله.

شيخ چندن جو پٽ شيخ محمد آهي. هجري سنہ هڪ هزار چوڏهن ۾ اسي ورهن جي عمر اٽن ۽ پاڻ ئي سجاده نشين آهن. صورت بلڪل درويشن جهڙي- تن صوفين جهڙو- دل سادي ۽ خدا دوست پير آهن الله تعاليٰ انجام بہ خير سان ڪري. مٽي جيڪي لکيو ويو آهي سڀ سندن بيان ڪيل لکيو ويو آهي.

سيد زهيد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شاهہ بڏها جا پٽ آهن. شاه بڏها جي والد جو نالو حمزه ابن قطب ابن عمر ابن جلال هو. قدس الله اسرارهم- سندن پيدائش جي جاءِ ۽ آخري آرامگاہ ٻئي سارن ڳوٺ ۾ آهن. شيخ محمد عيسيٰ جونپوريءَ جا خليفا آهن جيڪو بن واسطن سان نصيرالاوليا چراغ دهلويءَ کي پهچي ٿو. چون ٿا تہ سندن مٿو مراقبي لاءِ گوڏن کان سواءِ ڪجهہ ڇاڻندو ئي نہ هو. ۽ سندن اکيون شوق جي گرئي کان سواءِ کابہ ڳالهہ پسند نہ ڪنديون هيون. سندن سيني ۾ عشق جي شورش کانسواءِ ڪنهن بہ قسم جو خيال نہ هو. ۽ سندن ضمير ۾ مولا جي ياد

www.maktabah.org

کان سواءِ کابہ ڳالھہ نہ ايندي هئي. پاڻ زندگيءَ جو سڄو زمانو مراقبي ۾ انتظار ۾ ئي گذاري ڇڏيائون. شيخ قاضن شطاري جيکو شاھ عبدالله شطاري رحہ جنْ جو وڏو خليفو هو. سندن نياڻو هو ۽ شاھ ابوالفتح هديہ ولد شيخ قاضن شطاري ۽ پير حاجي حميدالدين حصور سندن نياڻيءَ مان آهي.

مولانا قاضي خانؒ جي ياد ۾

پاڻ يوسف ناصحيءَ جا پٽ آهن. جلال الحق سندن لقب آهي. پيدائش جي جاءِ ظفر آباد جونپور آهي. بيعت جو شجرو ۽ خلافت جو خرقو شيخ حسن طاهر جي خدمت مان حاصل کيو هئائون. قدس سرهما. کشفي ۽ لدني علمن مان کافي حصو کين مليو هو. بلند فطرت وارا جيکي دوئيءَ (ٻيائيءَ) کان بلکل علحده آهن. انهن جا اصطلاحات سمجهڻ ۾ پاڻ زماني ۾ اڪيلا هئا. سندن پير پنهنجي حياتيءَ ۾ طريقت جي سالکان کي سندن حوالي کري ڇڏيندو هو. بلڪ پنهنجي فرزند شيخ عبدالعزيز کي ہ سندن سپرد کري ڇڏيو هئائون. تہ جيئن پاڻ کين خداشناسي جي پسنديده افعالن جي تعليم ڏين. ايتري زيبائش جيکا پيرزادي جي حالات ۾ ملي ٿي، سندن ئي تربيت جي کري آهي. سندن رحلت جو سال ڏهين صديءَ جو ٻيو اڌ آهي.

شيخ محمد عينيؒ جي ياد ۾

سندن بزرگ اسوة الاولياءعين القضا همداني قدس سرہُ کي پهچن ٿا. همدان کان پاڻ هرمز کان ٽيندا گجرات ۾ آيا ۽ احمد شاھ ۾ رهائش اختيار کيائون. هتي کين فرزند ٽيو. جيکو عقلمند ۽ خداشناس هو. سيني ۾ وڏو شيخ شهاب الدين هو جيکو دينداري- طلب علم ۽ تعليم ڏيڻ ۾ پوري دسترس رکندڙ هئو. ۽ اهوئي پيءُ کان پوءِ جانشين ٽيو ۽ شيخ شهاب الدين جا ہ کيترائي پٽ آهن. جن مان هڪ شيخ حسن کي سجاده نشين جو درجو مليو. ٻنهين جهانن جا کمالات سندن چوگرد گشت کندا رهندا هئا. ان کان پوءِ سندن پٽ شيخ خان خاندان جي رونق وڌائي. سندن جمال ۽ حال- صلاحيت ۽ پرهيزگاريءَ سان آراستہ هو. هنن مٽين چئني شخصن جي خوابگاه احمد آباد آهي.

www.maktabah.org

شاھ منصورؒ جي ياد ۾

پاڻ شاھ بھکاري رحہ جا مريد آھن. جن جي آرامگاہ برھانپور دارالخلافہ صوبہ خانديس ۾ آھي. الاھي جذب ۾ بيخود ھئا. ۽ توحيد جي درياہ ۾ ٻڏل ھئا. جوانيءَ جي علم ۾ سپاھيانہ رنگ اختيار ڪيو ھئائون. ۽ ذريعو معاش راھہ زني ھئن. ھڪ ڏينھن پير جي خانقاہ ۾ عام دعوت ھئي پاڻ ڪلھي تي تلوار لڙڪائي پھتا ۽ زور سان ڪاڏو گھريائون. پير فرمايو تہ ڇا درويشن جي ڪاڏي ڪائڻ جي تو ۾ طاقت آھي. جواب ڏنائون تہ ھائو. اھو ٻڌي پير پنھنجي ھٿ سان ھڪ گرھ وات ۾ وڌس. گرہ اجان نڙيءَ کان پوري طرح لٽو بہ نہ ھو جو بيھوش ٿي ويا. ڪيتري دير تائين ائين ئي منڊيءَ ۾ پيا ھئا. ان کان پوءِ گھٽين ۽ بازارن ۾ اگھاڙا گھمندا رھيا. جڏھن ڪجھہ سکون ملين تہ قلعي جي دربار جي سامھون ويھي رھيا. صبح کان شام تائين سندن گرد ماٹھن جو ھجوم رھندو ھو. پاڻ جو ڪجھہ چئي ڇڏيندا ھئا آخرڪار اُھو ئي ٿيندو ھو. گجرات کان لنگھندي جنت آشياني ھمايون بادشاھہ بہ سندن ديدار لاءِ حاضر ٿيو ھو ۽ سندن حڪم موجب خانديس صوبو سابق والي ۽ حاڪمن جي سپرد ڪري روانا ٿيا. شيخ عثمان ابن لادن جيڪو راقم جو پاڙيسري آھي انھيءَ ميڙ ۾ حاضر ھو. فرمائيندا ھئا، پھريائين پاڻ جنت آشياني جي تير ڪمان مان ھڪ تير ڪڍيائون. ۽ ان جا ٻي پَرَ اُکيڙي جڏھن ھڪڙو پر رھجي ويو تہ ان تير کي وري تير ڪمان ۾ رکيائون ۽ خاص ابريق کي آبدار جي ھٿ مان غصي سان ورتائون ۽ انجو پاڻي زمين تي ڪيرايائون. جڏھن ان ۾ ٿورو پاڻي بچو تہ ابريق کي وري آبدار جي حوالي ڪيائون. ان وقت ڪجھہ رمز شناس بزرگ موجود ھئا. انھن فرمايو تہ تير جو ھڪ پَرُ باقي ڇڏي ڏيڻ انھيءَ ڳالھہ جي نشاني آھي تہ بادشاھہ جي پٽن مان ھڪ پٽ عالمگير ٿيندو. ۽ ابريق ۾ ٿورو پاڻي رکڻ جي خبر ٿو ڏئي تہ بادشاھہ جي عمر ٿوري رھجي وئي آھي. آخرڪار جيڪو تعبير ڏنو ويو اھوئي تقدير جي موافق ٿيو.

ملڪ زين الدين بنباني فرمان رواءِ گجرات جو وزير ھو. ان جي علم جي ڪنوار عمل جي زيور سان آراستہ ھئي. بيان ڪندا ھئا تہ بابا منصور فرمائيندو ھو تہ جوانيءَ ۾ مون وٽ دنياوي زر ۽ زيور وغيرہ گھٽو ڪجھہ ھو.

www.maktabah.org

هڪ رات هڪ مجذوب جي نظر مون تي پئي جنهن اثر ڪيو. يعني انهيءَ نظر سان مٿي ۾ شورش پيدا ٿي. جڏهن گهر آيس تہ پنهنجي رازدار زال کي چيم تہ منهنجي دل دنيا جي خيالات کان ڏڍي ٿي وئي آهي. مان چاهيان ٿو تہ سياڻي جيڪي ڪجهہ مون وٽ منهنجي گهر ۾ منهنجي ملڪيت آهي سڀ حاجتمندن ۽ فقير پاڙيسرين کي ڏئي ڇڏيان ۽ جيتري قدر خوراڪ ۽ لباس جي معاملي ۾ ڪفايت ڪري ٿي سگهجي صرف ان تي قناعت ڪيون. زال وڏي بلند همٽ ۽ وقت جي رابعہ هئي. جواب ڏنائين تہ اهڙي نيڪ خيال تي عمل ڪرڻ لاءِ صبح تائين دير ڪرڻ جوانمردي ۽ مروت جي ڀَالهہ نہ آهي. هي پاڪ خيال جيڪو دل ۾ پيدا ٿيو آهي. ان تي هن وقت عمل ڪرڻ گهرجي ۽ بنا دير جي پنهنجا زيور بدن تان لاهي ۽ پٽر سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري محتاج پاڙيسرين کي ڏنائين سواءِ انهيءَ لباس جي جيڪو جسم کي ڍڪي رهيو هو. گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ رکيو ويو. آهستي آهستي منهنجي ديوانگي وڌندي رهي ۽ ايتري قدر جو گوڏ جي بہ خبر نہ رهي.

ملڪ زين الدين اهو بہ فرمائيندا هئا تہ هڪ ڏينهن چند بزرگانءِ دين نماز لاءِ تيار هئا. ايتري ۾ بابا منصور پري کان ايندو نظر آيو ۽ اچي امام جي جاءِ تي بيهي رهيو ۽ لفظ اِيَّاكَ نَعبُدُ بار بار چوڻ لڳا منهنجي حالت عجيب ٿي وئي يعني الاحسان ان تعبد كانك تراه (يعني خوبيءَ جي ڀَالهہ اها آهي تہ تون الله تعاليٰ جي عبادت اهڙيءَ طرح ڪرين جو ڄڻ تہ تون هن کي ڏسين رهيو آهين). اهڙو تہ اثر ٿيو جو دل جون اکيون روشن ٿي ويون. ايتري ۾ بابا منهن ڦيرائي مون ڏي ڏنو ۽ فرمايو تہ ائين ئي هئڻ گهرجي ۽ نهايت تيزيءَ سان صف مان نڪري هليا ويا. ان وقت ان گهڙيءَ جي ۽ هڪ رڪعت نماز لذت دل مان نہ ٿي نڪري ۽ مون پنهنجي عبادت ۾ اهڙي ڪيفيت وري نہ ڏٺي.

شيخ عبدالملڪ قاري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن والد شيخ عبدالله ابن شيخ صالح ابن محمود غزنوي خالدي هئا. هوش سنياڻو ڪان پوءِ علم حاصل ڪرڻ جو شوق ٿين. جنهن ڪين مسافر بنايو. پاڻ پنهنجي شهر ڪان هلي هريءَ پهتا. جتي هاڻي زيارت گاه آهي. اُتي رهڻ

www.maktabah.org

اختيار كيائون. سڀ كان پهريائين اهو كم كيائون جو حافظ محمود تابادگانيءَ جي خدمت ۾ كلام رباني ياد كيائون. هڪ صاحب حافظ عثمان هردي ولايت جو صاحب هو ۽ سيني علمن جا جامع هئا. هميشه فرمائيندا هئا ته مون عالم مثال ۾ حضور خاتم النبيين عليه افضل التحيته جن جي تعليم سان كسبي ۽ وهبي علمن جا مشكل حل كيا آهن ۽ چاليهه سال پورا خواجه خضر عليه السلام جي خدمت سان كمالات حاصل كيا آهن. پاڻ قرآن پاڪ حفظ كرڻ كان پوءِ انهيءَ ئي حافظ صاحب جي شاگرديءَ ۾ رهيا ۽ فضيلتن كان مشرف ٿيا. پاڻ شيخ زين الدين خوانيءَ جا مريد ۽ خليفا آهن. سندن هن قسم جا بزرگيءَ جا اسباب گهٽا آهن. جڏهن سلطان سڪندر لوڌيءَ متواتر درخواستون موكليون ۽ انهن ۾ سندن تشريف آوريءَ جي خواهش ظاهر كئي ته جيئن ته التماس جو قبول نه كرڻ مروت جي خلاف آهي لهذا پاڻ سلطاني التماس قبول كري دارالخلافه آگري ۾ تشريف وٺي آيا ۽ هتي بي انتها ماڻهن سندن خدمت مان فيض حاصل كيو. هڪ سؤ ٽيهه سال سندن عمر ٿي. انهيءَ سڃي عمر ۾ آسماني روزي رهي. كنهن حاكم يا كنهن فرمان روا كان كجهه به نه ورتائون. رجب جي مهيني ۾ هجري سنه نو سؤ ڇويهه ۾ معنوي ملك ڏي رخصت ٿي ويا. خوابگاه آگرو.

شيخ عبدالحكيم ابن شاهه باجن رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي والد جا مريد به آهن ۽ خليفا به سندن خوابگاه به سندن روضي ۾ آهي قدس سرهما. شيخ احمد رئيس ۽ ملك شيرخلوتي ولد ملك مشائخ هي ٻئي شخص سندن وڏن خليفن مان آهن. هنن ٻنهين بزرگوارن جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن سندن خدمت ۾ اهڙي قسم جي ڳالهه نكتي ته باوجود ضعيفي- لاغري ۽ رياضت جي حد درجي جي وڌيل آهي ليكن مخدوم كي جوش و خروش سماع وقت ايترو ته ڏسڻ ۾ ٿو اچي جو كنهن ٻئي شخص كي جوانيءَ ۾ به ميسر نه هوندو. فرمايائون اٽكل ست سال عمر هئي جو ماتا جي مرض ۾ مبتلا ٿي پيو هئس ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ بدن مان ڇڻ ته جان ئي نكري وئي هئي. والد بزرگوار جي خدمت ۾ خبر پهتي ته فرمايائون ته جيترو جلد ٿي

www.maktabah.org

سگهي هتي آڻيوس. جڏهن مون کي حاضر ڪيو ويو تہ پاڻ رحمت الاهي جي گودڙي ۾ مسعودي خرقي ۾ ويڙهي ڇڏيائون. ۽ هيءَ ڳالهہ زبان تي آندائون تہ هن بيماريءَ جو موت ۽ زندگي ٻئي مون هنن ٻنهين بزرگن جي باطن جي سپرد ڪري ڇڏيون آهن ۽ پاڻ بہ عاجزي ۽ نيازيءَ سان پنهنجو مٿو مراقبي ۾ جهڪائي ڇڏيائون. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ منهنجي بدن ۾ جان آئي ۽ صحت و تندرستيءَ جو چشمو نڪتو. اڄ جيڪا طاقت توهان درويش جي سماع ۾ ڏسو ٿا ان کي بلڪل انجو پاڇو سمجهڻ گهرجي ورنہ مون کي عاجزي ۽ ڪمزوريءَ بلڪل ٽوڙي رکيو آهي.

پاڻ هي بہ فرمائيندا هئا تہ سندن والد ۽ مرشد شاهہ باجن رحہ رحلت واري ڏينهن مسعودي جبو درويش کي عنايت فرمايو هو ۽ ٽورو پرهيزي شوروو مون بہ پيتو هو ۽ مختلف قسمن جون مهربانيون فرمائي هيءَ خوشخبري ٻڌائي هئائون تہ جيترو فيض ۽ فضيلت بزرگان دين کان باجن کي مليا آهن اڄ عبدالحڪيم جي حوالي ڪيا ويا.

شيخ حسن خطاط رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ محمود انصاري شيرازيءَ جا فرزند آهن. درسي ڪتابن جي تحصيل پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪري ڪاتب بنجڻ ۾ ناموري حاصل ڪئي هئائون. چون ٿا تہ جن ڏينهن ۾ فارس جو ملڪ- شاهہ طهماسپ ابن شاهہ اسماعيل صفوي شاه خراسان جي قلمرو ۾ شامل ٿيو تہ هُن شاعرن جي گروه جي ذريعي شيعہ مذهب تي ماڻهن کي ايارڻ لڳو. پاڻ سيني گهر جي پاتين کي ڇڏي والده کي ساڻ ڪري خشڪيءَ جي رستي کان حرمين شريفين جو قصد ڪيائون ۽ هنن ٻنهين مقدس بافيض مقامات ۾ هڪ عرصي تائين قيام ڪري حديث جي سند اُتان جي عالمن کان حاصل ڪيائون. ۽ پوءِ دريا پار جي رستي کان گجرات ۾ آيا. ان وقت سلطان مظفر گجراتيءَ جو دور هو. هتي ڪجهہ بزرگن جي صحبت ۾ رهي فيض حاصل ڪيائون جڏهن سلطان سڪندر لوڌيءَ جو زمانو شروع ٿيو تہ پاڻ گجرات کان آگري جي طرف روانہ ٿيا. لوڌيءَ سندن خدمت گذاري- دل جوئي ۽ تعظيم ڪئي ۽ آگري ۾ قيام لاءِ گذارش ڪيائين.

www.maktabah.org

جيئن تہ کنهن جي گذارش کي قبول کرڻ عمده عادتن جي خاصيتن ۾ شامل آهي. لهذا پنهنجي کلهي تان کمبل لاهي گهر ناهڻ جي ارادي سان زمين تي وڇائي ڇڏيائون ۽ سلطان جي خواهش کي قبول فرمايائون. ان کان پوءِ بيو جيکو بہ فرمان روا ٿيو. اُهو سندن خدمت ضرور کندو هو ۽ هميشہ سندن خلوت ۽ انجمن جي حاضريءَ جو طالب رهندو هو. روايت آهي تہ اکثر گهر واريون خوش خطي- صحيفن جي سر ورق جي صفائي ۽ طلائي رنگ آميزيءَ جي ڪم ۾ ڪامل مهارت رکنديون هيون. ماڻهو هن پيشي جو هن درجي تي هجڻ سندن ڪرامت سمجهندا هئا. شيخ زين جيکو جنت آشياني همايون شاهہ جو صدر هو. پنهنجي شعرن ۾ سندن تعريف فرمائي آهي. جامع المعقول ۽ المنقول مولانا حسن تاريخ چوٽين رجب هجري سنہ نو سؤ چاونجاهہ تي دنيا جي صفحي تي لکيل هستيءَ کي مٽائي قلم سان آخري خط لکڻ شروع ڪري لکڻ کي ختم ڪيائون.

شيخ امان الله پاڻي پتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن نالو عبدالملک ابن عبدالغفور آهي قدس سرهما- شيخ محمد حسين قادريءَ سان پاڻ بيعت بہ آهن ۽ خلافت بہ مليل اٿن ۽ رسمي علم خاص ڪري علم تصوف جي تحصيل ۾ شيخ محمود مودود لاريءَ جا شاگرد آهن. جن جا ڪجهہ حالات لکيا ويا آهن. وحدت الوجود جي باري ۾ سندن تحقيقات مان شيخ محي الدين عربيءَ جو زمانو ياد ايندو هو. فصوص ۽ فتوحات وغيره صوفين جي ڪتابن جا سپ مشڪل آسانيءَ سان بيان فرمائيندا هئا. هميشہ همرازن کي چوندا هئا تہ جيڪڏهن زماني وارا خودداريءَ جي عادت ڇڏي انصاف کان ڪم وٺن تہ وحدت الوجود جا مقدمات جيڪر- عقلي ۽ نقلي دليلن سان ادنيٰ واعليٰ جي ذهن نشين ڪرائي ڇڏجن. ۽ وڌيڪ فرمائيندا هئا تہ مون سلوڪ جي بدولت رسمي علم جي تنگ ۽ تاريڪ ڪوچي مان نڪري الاهي معرفت جي ميدان ۾ قدم رکيو آهي ۽ ڪشف و ڪرامات جي باري ۾ بہ ٽي ميدان سيني کان اڳتي ئي وڌي رهيو آهيان. وحدت الوجود جي مقام کي اهل تصوف عقل جي طاقت کان ٻاهر سمجهي ڪشف صحيح جي حوالي ڪري

www.maktabah.org

ڇڏيندا آهن. پاڻ ايزدي عنايت جي مدد سان عقل کي انهيءَ مٿاهين مقام جي سرحد تائين پهچائي سورهن معقول دليل ان تي قائم ڪيا آهن. مولانا جامي قدس سرهُ جو ڪتاب لوائح تي هڪ شرح لکي آهي جيڪا تصوف جي علم جي سڀني ضرورتن تي حاوي آهي ۽ مٿين سورهن معقول دليلن مان کي دليل انهيءَ شرح ۾ بہ لکيا اٿن. جيڪو شخص تلاش ڪندو اُهو انهن ڪليات تصوف جي مطالعي مان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو. تاريخ ٻارهين ربيع الاخر هجري سنہ نو سؤ ستونجاهہ ۾ عنصري عالم کان رخصت ٿي دائمي خوابگاہ انهيءَ شهر ۾ ئي اختيار ڪيائون جنهن ۾ حياتيءَ جي زماني ۾ قيام هئن.

قاضي مينا رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن والد بزرگوار جو نالو يوسف ابن حامد ابن ابوالمفاخر ابن يسين ماندوءَ وارو هو. پاڻ نقلي ۽ عقلي ٻنهين علمن ۾ زماني ۾ اڪيلا هئا. سندن حالات ڪجهہ هن طرح آهن. الله تعاليٰ جي مشيئت سان پائرن جي مخالفت ڪين ننڍي عمر ۾ ئي وطن کان ڪڍي چنديريءَ جو مسافر بنايو. هيءَ سرگرداني ۽ پريشاني سندن ڪمال حاصل ڪرڻ جو سبب بني. هي بلڪل سچ آهي تہ جيڪي يوسف منش هوندا آهن اُهي ئي هنن حالتن مان گذري مصر جي حڪومت کي پهچندا آهن. جنهن سال چيتور جي راڻي فتح حاصل ڪري چنديريءَ کي شڪست ڏني تہ چنديريءَ جا باشندا دربدر ٿيا. پاڻ بہ انهيءَ حادثي ۾ ٻين بزرگن سان هجرت ڪري هڪ عرصي تائين جٽره ۾ گذاريائون. جڏهن پاڻ ملوخان جي درويش دوستي ۾ اچڻ وارن سان عزت ۽ حرمت سان پيش اچڻ جي شهرت ٻڌي تہ جٽره کان ماندوءَ ۾ آيا. ملو خان جي وزير سيف خان وقت جي ضروريات ۾ سندن مدد ڪئي، پر سندن اچڻ جي ملوخان کي خبر نہ ڏنائين. انهيءَ سبب جي ڪري پاڻ گهڻو پريشان ۽ غمگين رهندا هئا. اتفاق سان ڪنهن موقعي تي هڪ ٻئي وزير ملوخان جي روبرو سندن اچڻ جي خبر ڏني ۽ عرض ڪيو تہ اهڙو عالم شخص جٽره کان آيو آهي ۽ سيف خان توهان کان لڪائي ان کي پنهنجي واسطي پسند ڪيو آهي. شاهہ اها خبر ٻڌي ٻنهين کي خاص مجلس ۾ سڏايو ۽ سندن صحبت سان ڏاڍو خوش ٿيو. سندن خاندان

www.maktabah.org

۾ سندن بزرگن جا حالات معلوم ڪيائين. معلوم ٿيو تہ سندن ٽيون ڏاڏو شيخ يسين سلطان محمود خلجيءَ جي زماني ۾ ماندوءَ جو قاضي هو. اهو ٻڌي شاهہ قضا جي منصب جي خلعت کين عطا ڪئي ۽ پنهنجو هم نشين بنايائين.

شيخ چڪن ڪهندوتي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن باطن اخلاص ۽ اخلاق سان آراستہ هو ۽ سندن ظاهر زهد ۽ اصلاح سان سينگاريل هو. ڳوٺ ڪندوت جلال پور سرڪار ڪالهيءَ ۾ آهي. اهوئي سندن وطن- پيدائش جي جاءِ ۽ آخري آرامگاہ آهي. پاڻ دولت مندن جي سامهون تونگرن وانگر پيش ايندا هئا. وقت جي حاڪمن جي سامهون پنهنجو احتياج ظاهر نہ ڪندا هئا. يوسفي ولايت بہ هئن. اڇڻ وارا واقعا مثالي صورت ۾ سندن سامهون ظاهر ٿيندا هئا. جنهن سال جنت آشياني همايون بادشاهہ شير خان سوري تي چڙهائي ڪئي هئي. جيئن تہ ڪتابت جي ذريعي شيخ جي بادشاهہ سان ملاقات هئي. ان ڪري خط لکيائين تہ هنن ڏينهن ۾ درويش ڪي عالم مثال ۾ ظاهر ٿيو آهي تہ هڪ پکيءَ جو ٻچو باز جي ٻانهن تي وينو آهي ۽ باز جي مٿي تي ٽونگا پيو هڻي. منهنجي نزديڪ اهو بهتر آهي تہ لشڪر ڪشي ڪنهن ٻئي وقت تي رکي وڃي. هن پيغام ڪي قبوليت جو درجو نہ مليو ۽ جيڪي نامناسب حالات آسماني ڪاغذ ۾ لکيل هئا اُهي ظاهر ٿيا. هجري سنہ نو سؤ ايڪهٺ ۾ عنصري جسم کي ڇڏي مثالي عالم ڏي روانہ ٿيا.

شيخ جلال رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ عبدالله جا پٽ ۽ شيخ يوسف جا ٻاڻ آهن قدس سرهم. عبارت آرائي معنيٰ جي ادائگي ۽ ڪاغذي حرفن کي سمجهڻ ۾ پنهنجي زماني ۾ منفرد هئا. پاڻ هجري سنہ نو سؤ ٽيويهہ ۾ عالم غيب کان عالم دنيا ۾ ظاهر ٿيا. ستن ورهن جي عمر هئي جو ڪلام الاهي حفظ ڪري ورتائون. جڏهن ٻارهن سالن جا ٿيا تہ ڪتابن جي علم جي تحصيل حاصل ڪري ويهين سال ۾ پيءُ جي مدرسي ۾ هڪ تازي رونق پيدا ڪيائون ۽ مختلف خطن ڪاتبن جي

www.maktabah.org

گروه جا سربراه ٿيا. اٽيتاليهه سالن جي زندگي هئن پوءِ هجري سنه نو سؤ ايڪهٺ ۾ انهيءَ ئي عمده آراستگي ۽ پيراستگيءَ سان جيئن بيان ڪيو ويو آهي. الاهي ديدار جي جلوي گاه ڏي هليا ويا. هن حيرت انگيز واقعي جو بيان هن طرح تي آهي جو مٿي ذڪر ڪيل سال ۾ جڏهن سليم خان پٽ شير خان سوري آنجهاني ٿيو جيڪو وقت جو حاڪم هو. ته چوڏهين تاريخ ذي القعد تي دولت خان ولد غازي خان دارالخلاف آگري ۾ اچي پهتو. پندرهين تاريخ محلات جي سير لاءِ قلعي ۾ ويو. جن ڪوٺين جا دروازا بند هئا انهن کي خزاني جا گهر سمجهائون. تالا ٽوڙيا ويا. هي توپخانو جيڪو باروت سان پريل هئو- اتفاقاً يا توپچين مان ڪنهن توپچيءَ چنگاري ڪيرائي. جنهن جي ڪري فوراً بهشت نما عمارتون دوزخ وانگر پڙڪي اُٿيون. ايتري قدر جو مضبوط ديوارون هوائي پکين وانگر اڏامي ويون. انهن اڏامڻ وارين شين مان هڪ شي چٽي جي برابر آسمان مان اچي شيخ جلال جي مٿي ۾ لڳي. ان کان پوءِ هڪ رات ۽ هڪ ڏينهن زنده رهيا ليڪن ڳالهائي نه پيا سگهن. آخرڪار سورهين تاريخ تي پوئين ڏينهن اعليٰ عليين ڏي هليا ويا.

مبارڪ خان هروي رحمة الله جي ياد ۾

پاڻ هند مان هرات ڪان آيا هئا. ۽ مهويه ڳوٺ ۾ جيڪو سرڪار ڪالپيءَ ۾ آهي حڪر الاهيءَ جي مطابق گوشي نشين ٿيا. گهر ناهيائون ۽ خانقاه به ناهيائون هميشه حجري ۾ رهندا هئا ۽ قرآن پڙهندا رهندا هئا. ليڪن نماز جماعت سان نه پڙهندا هئا ۽ ڪنهن به شخص جي اچڻ جي تعظيم لاءِ نه اٺندا هئا. انهيءَ ڪري قاضي ابراهيم ابن محمد پنواري ڪين برائيءَ سان ياد ڪندو هو. هڪ ٻيو شخص هو. آزاد مزاج قاضي حسين نالو هئس. اتفاق سان ان سان گڏ قاضي ابراهيم مهويه ۾ اچي نڪتو ۽ ساڻي هئڻ سبب مبارڪ خان وٽ به ويا. پاڻ فرمايائون ته ڪي ماڻهو مون کي ٻن ڳالهين جي ڪري معيوب ٿا سمجهن ۽ جيئن ته برائي انهن جي دل ۾ آهي ۽ انهيءَ سبب جي ڪري جواب پنهنجي دل ۾ سوچي مونکي معذور نه ٿا سمجهن. وري فرمايائون ته درويش کي ڏسڻ قبر جي زيارت جي مثل آهي ۽ خاڪ جي ڏير جي نه اٺڻ سان ڪو

www.maktabah.org

عيب نہ ٿو پيدا ٿئي ۽ جنهن شخص پنهنجو سڄو وقت قرآن پڙهڻ ۾ لڳائي ڇڏيا هجن. ان کي تلاوت جي درميان کنهن غير جي تعظيم ضروري نہ آهي ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون تہ:

"مون ہڏو آهي تہ عرفان ۽ وجدان جو صاحب شيخ شرف يحيٰ منيري رحہ جماعت سان نماز پڙهڻ نہ ايندا هئا. هڪ ڏينهن شهر قاضيءَ جي کوشش سان مسجد ۾ ويا. امام جي گهر جي اڳڻ ۾ هڪ کوه هو ۽ هڪ گهوڙيءَ جو ٻچو بہ پاليو هئائون جيکو کليل رهندو هو. انهيءَ خوف کان تہ کاٿي کوه ۾ نہ کري پوي. نماز ۾ انهيءَ گهوڙيءَ جي ٻچڙي کي ہڏڻ جي طرف خيال ويو. اها حالت ڏسي شرف اوليا نماز جي نيت ٽوڙي ۽ چيائين تہ امام تہ ٻچڙي جي انتظام لاءِ هليو ويو. مون ۾ ان جي همراهيءَ جي طاقت کانهي. سواءِ انهيءَ جي جيکو غائب آهي اُهو پاڻ اقتدا جي لائق نہ آهي. لاچار نماز ٻيهر پڙهيائون. امام بہ سندن انهيءَ لکل ڳالهہ جو اقرار کيو".

وري فرمايائون تہ اگرچہ کنوار جو ناز ماڻ جي حسن تي زيب نہ ٿو ڏئي ليکن وري بہ ان جي ئي ڏيءَ آهي ۽ اکثر امام خانہ خدا (دل) کي تہ ڏيکيءَ ۽ گڏهہ جو چراگاہ تا بنائن ۽ ظاهري منهن جو خانہ خليل (خانہ مکہ) ڏي تا کن.

چون تا تہ هر روز سندن دروازي تي اعلان ۽ طلب جو نقارو وڄندو هو ۽ نقاري جو آواز ہڏي غريب مسڪين ايندا هئا ۽ پاڻ هر کنهن کي هر روز خرچ جيتري نقد رقم ڏيندا هئا. اهڙي طرح جڏهن واپسي سفر جو وقت آيو يعني هجري سنہ نو سؤ ٽيهہ تہ هر منٽ ۾ بيخود ٿي ويندا هئا ۽ نقاري وڃائڻ فقيرن جي گڏ ٽيڻ ۽ رقم تقسيم کرڻ جو حال دريافت کندا هئا. دريا نالي هڪ خادم هو اُهو جواب ڏيندو هو. جڏهن خادم چيو تہ اجان مون کجهہ بہ نہ ڏنو آهي. تہ فرمايائون انهيءَ ڏانو مان ڏي جيکو تخت جي هيٺان پيو آهي. جيئن تہ ڏانو ۾ پئسا گهٽ ۽ حاجتمند گهڻا هئا. تہ خادم حيران ٿيو تہ هاڻي ڇا کيان. وري پاڻ پڇائون تہ خادم عرض کيو تہ هر هڪ شخص کي کيترو ڏيان. فرمايائون پنج پنج سِکَا ڏي خادم ڏنو تہ پئسا ايترا تہ گهٽ آهن جو

www.maktabah.org

چئن ماڻهن ۾ به پورا نه ٿيندا. لهذا انهيءَ حڪم جي تعميل ۾ دير ڪيائين پوءِ پاڻ فرمايائون جلدي ڪيو ڏيو. خادم وري عرض ڪيو ڪيترو ڏيان. فرمايائون هر هڪ شخص کي مُٺ پري ڏي. اهو ٻڌي اڃان به وڌيڪ حيران ٿيو. فرمايائون ته ٻڌ دريا ڏيڻ وارو معمار جي مثل هوندو آهي جيڪو ديوار ۾ سرن جي اوساري ڪندو آهي. معمار جيترو تيز رفتار هوندو عمارت جو صاحب اهتمام ۾ ايترو ئي گهٽو سرگرم هوندو ۽ مزدور به گارو ۽ سرون پهچائڻ ۾ اوتروئي چالاڪ هوندا. جڏهن خادم کي هي تازيانو لڳو ته دلير ٿيو ۽ پير جي اثرائتي ساهه جي برڪت سان سيني کي هڪ هڪ مُٺ پهچي وئي ۽ هيڏانهن ٽانوڻ به خالي نه ٿيو. جڏهن ڪين معلوم ٿيو ته سيني کي ملي ويو آهي ته منهن تي چادر وڌائون ۽ مٽاهين عالم ڏي هليا ويا. ڪائنس پوءِ دريا جانشين ٿيو. ويهه ورهه هُنَ به پير جو طريقو قائم رکيو ۽ جڏهن وقت آيو ته پير جي خوابگاه جي هيٺان سمهي پيو.

سيد محمد ابن سيد معظم رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ پنهنجي پيءُ جا مريد هئا ۽ قاضي محمد ابن ڪدن جا شاگرد هئا. خوابگاه ڪالپي اٽن. سندن عادت اهڙي سني هئي جهڙو سندن چهرو مبارڪ ۽ سندن طبيعت اهڙي عمدي هئي جهڙي سندن سني تقدير- خط عمدو لکندا هئا. فنا جي چادر کلهن تي هئن ۽ استاد سان اعتقاد سنو رکندا هئا. چوندا هئا ته جيڪڏهن فرض ڪيو ته قاضي پهرياڻ جي هيٺان مخفي طريقي سان زنار ٻڌي ته محمد ظاهر ظهور زنار ٻڌندو. زنار سان گڏ پيشانيءَ تي ٽڪو به لڳائيندو. برهمڻ وانگر ناقوس به ڦوڪيندو. پيءُ ۽ استاد جي طريقي جي پيرويءَ ۾ **ڪانه هُوَ** (بلڪل ان جهڙا) هئا.

شيخ دانشمند رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن نالو بياره ۽ والد جو نالو ڪبير ابن محمود چشتي هو. شاهه فخرالدين ابن حامد چشتيءَ جا مريد هئا. ڇمڻ جي جاءِ لکنو ۽ آخري آرام گاه مانڊو اٽن. پاڻ رسمي علم جو خزانو ۽ سهڻي ڪردار جي ڪاڻ هئا. زماني جي ماڻهن کي سندن ذات سان رونق هئي. ست دفعا حجاز جي سفر سان مشرف ٿيا

www.maktabah.org

هئا. ستين دفعي پنهنجي والده ماجده کي کلهن تي کٹي ويا هئا. پوءِ مکي معظمہ کان گجرات آيا. اگرچہ نهروالہ ۾ جيکو اڃڪلهہ پٽن جي نالي سان آهي وطن بنائڻ جي پير کان اجازت ورتي هئائون. ليکن منڊو جي خاڪ دامنگير ٿي ۽ هتان جي ماڻهن جي محبت ۽ ربط ضبط ۽ جنبش ڪرڻ نہ ڏني. لهذا اتي گهر ناهيائون. سلطان ناصرالدين خلجيءَ جي زماني کان سجاول خان افغان جي عهد تائين تقريباً پنجاهہ سال مانڊو ۾ رهي هر قسم جا علم پڙهايائون. گهڻا ئي ماڻهو فيضياب ٿيا. هڪ سؤ ويهن سالن جي عمر هئن ۽ بنا لٹ جي رات جو ۽ رستو هلي سگهندا هئا ساٹين ۾ ويهي چوندا هئا تہ جنهن چاليهن سالن کان پوءِ ۽ لٹ نہ کنئي ڇڻ تہ ان گناهہ کيو. ۽ اهوبہ فرمائيندا هئا تہ چاليهن سالن کان پوءِ اکثر ڪمزوري اچي ويندي آهي. يعني تجاوز کي ناتواني لازم آهي. ڪن کي ايزدي عنايت طاقتور رکندي آهي. جيکڏهن عصا هٹ ۾ نہ کٹي تہ تعجب نہ ڪرڻ گهرجي. هجري سنہ نو سؤ ٽيهتر جي رمضان جي مهيني ۾ واپس دم آگاهيءَ سان عنصري چادر جيکا جان جيٰ کلهن تي پئي هوندي هئن خاڪ تي رکي ڇڏيائون. سندن هڪ پٹ هو شيخ عثمان نالو هئس. ڪجهہ علم ۽ ڪمالات پنهنجي پيءُ کان حاصل ڪيا هئائون سندن رحلت کان پوءِ شيخ عثمان جانشين ٿيو. راقم گلزار جا دوست يڪ رنگ با اخلاص هئا. چوندا هئا تہ مون سيد محمد جونپوريءَ کي جيکي ڪن جي خيال ۾ مهدي هئا. مانڊوءَ ۾ ڏنو مهدويت جي باري ۾ پڇا ڪيم تہ سيد محمد جواب ڏنو هو تہ اها ڳالهہ مون کان ڇئي آهي ۽ نہ مان چوان ٿو بلڪ هي جاهل معتقدين جو بهتان آهي.

شيخ آدهو حصاري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سهروردي ۽ چشتي سلسلي جي پيرن سان وابستہ هجڻ جو دم پريندا هئا. ذڪر ۽ شغل- توڪل ۽ تسليم- همٹ ۽ ايثار هي سڀ صفتون سندن ذات ۾ موجود هيون. چون ٿا تہ دعوت ۽ تسخير سبب هڪ جِنُ سندن فرمانبرداري ۽ خدمت گذاريءَ ۾ رهندو هو. جڏهن پاڻ ڪنهن ڪم کي ناهڻ لاءِ ان کي سڏيندا هئا تہ ٻن ٽن شخصن جو ۽ ٻن ٽن ڏينهن جو ڪم اُهو جِنُ ٿوري دير ۾

www.maktabah.org

پورو ڪري ڇڏيندو هو ماڻهو جنَ جي محنت ڏسي تعجب ڪندا هئا. جنَ ڪي ڏسي شيخ جي سليماني ولايت جا قائل ٿيندا هئا. سندن وصال ڏهين صديءَ جو آخري اڌ حصو آهي. خوابگاه قلعي فيروزه ۾ اٿن.

شيخ ابراهيم ڪلهوڙو سنڌي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شاهه منصور مجذوب جا هم عصر آهن. تصرفات ۽ ڪرامتون به ظاهر ٿيندیون هئن. هر روز پنج سؤ سڪ مظفري وفي السماءِ رزقكم (تنهنجو رزق آسمان ۾ آهي) جي خزاني مان کين پهچندا هئا ۽ پاڻ انهن کي محتاجن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ ڏينهن وقت جي فرمان روا ميران شاهه مبارڪ هڪ وڏو نذرانو ڪٽي آيو. پاڻ قبول نه ڪيائون ۽ فرمايائون ته هي مال مغلن جو آهي. اسان جي تقدير جو نه آهي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جنت آشيانيءَ جي لشکر گجرات کان خانديس جي طرف رخ ڪيو. چون ٿا ته ان وقت جو ذڪر آهي. ڪجهه ماڻهو اهل زمانه جون شڪايتون ڪٽي آيا ته اسان جي زماني کان اڳ ڪجهه اهڙا بزرگ هئا جن جو چوڻ هڻ ته تقدير الاهيءَ جو لکيل هوندو هو. انهن جو چوڻ بنادير جي واقعات جي موافق ٿي پوندو هو. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن گذريل زماني جا بزرگ هن پٿر کي چون ها ته سون ٿي پؤ ته ڇا ان وقت هي پٿر سون ٿي پوي ها ڳالهه ايجان پوري ئي نه ٿي هئي ته پٿر سون جو رنگ پکڙڻ لڳو. پاڻ مسڪرايائون ۽ چيائون ته اي پٿر مان توکي سون ٿيڻ لاءِ ڪونه ٿو چوان. مان ته ڪل پوڳ ۾ هتي وينلن سان ڳالهه ڪري رهيو آهيان.

سيد ابوسعيد ابن سيد راجو رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ متوڪل- عالم- عارف- عاشق ۽ شاعر هئا. جڏهن رانا جو واقعو پيش آيو هو ته ان وقت سندن والد بزرگوار چنديريءَ کان ڪالپيءَ ڏي هليا ويا. ۽ اتي ئي گهر بنايو هئائون. اڳين جي غزلن جا ديوان کين برزبان ياد هئا. ڪڏهن ڪڏهن قصيده به چوندا هئا. پاڻ آزاد هئا ليڪن گڏوگڏ عيالداريءَ جو بار به ڪنڌن تي رکيو هئائون. ليڪن ڪڏهن به تنگ دل نه ٿيا. پنجاهه سالن

www.maktabah.org

تائين فرمان رواءِ وقت ڏي احتياج کٽي نہ ويا. جوانيءَ ۾ سيد جلال نامي هڪ يوسفي جمال رکندڙ سان تعلق پيدا ٿين. مگر حقيقي محبوب جي غيرت انهيءَ عنصري آئيني کي ٽوڙي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن غلام هٿ تي پاڻي وجهي رهيو هو تہ ان تي بجلي ڪري حالاتڪ بجلي ڪڙ جو ڪو سامان نہ هو. سيد بہ بجليءَ جي چمڪ سان ئي ڏينهن بغير جان واري جسم وانگر پيو رهيو. بس هٿ جي هڪ آگر ۾ ڪنهن حد تائين جنبش هئي. ان کان پوءِ زندگي ازسرنو ٿي. پوءِ پاڻ رسمي علم جو درس شروع ڪيائون. هجري سنہ نو سؤ چاهٺ ۾ حقيقي معشوق وٽ حاضر ٿيڻ لاءِ هليا ويا. سندن خوابگاه ۽ پيدائش جي جاءِ ٻئي ڪالپي آهن.

خطيب ابوالفضل شيرازيؒ جي ياد ۾

پاڻ معقولي ۽ منقولي علم گهڻي قدر ڄاڻندا هئا. فروع و اصول جا ڪيترائي ڪتاب پڙهيل هئن. سلطان محمود جي عهد ۾ شيراز کان گجرات ۾ آيا هئا. تفسير بيضاويءَ تي سندن هڪ حاشيو آهي. جنهن ۾ شان نزول جي متعلق مختلف قسمن جا لطيفا ۽ تفسير جي متعلق گهڻا دقيقا لکيل آهن. جيڪي علم وارا دقيقہ شناس آهن اُهي ان جي خوبيءَ کي سڃاڻن ٿا. جيستائين زنده رهيا تيستائين دولتمندن سان اهڙو سلوڪ ۽ برتاؤ رکيائون جو بين علمن وارن جي عظمت ۽ آبروءَ ۾ واڌارو ئي ٿيندو رهيو.

مولانا لطف اللهؒ جي ياد ۾

پاڻ مولانا خواجگي ڪاشانيءَ جا مريد آهن. رياضت ۽ مجاهدي جون منزلون ۽ مراقبي جا مرحلا پاڻ طئ ڪري چڪا هئا. مولانا محمد قاضيءَ جي تلقين ۽ خدمت سان گهڻو ڪجهہ ڪمال ۽ تڪميل جو حصو ڪين مليو هو. چون ٿا تہ جڏهن سعيد خان جو زمانو هو تہ دارالاسلام سمرقند ۾ سندن ۽ شيخ حسين خوارزميءَ جي وچ ۾ ڪجهہ عرصي تائين مناظرو جاري رهيو. هي مناظرو سلسلي جي حمايت ۾ هو. جيئن تہ مولانا نهايت شيرين زبان ۽ فصيح

www.maktabah.org

البيان هئا. لهذا مناظري ۾ كاميابي كين ٿي. مگر وقت جي حاكم كي عقيدت شيخ خوارزميءَ سان هئي. ان كري غصي ۾ آيو. جنهن سان هن جون اكيون بند ٿي ويون. انڌيرو ڇانئجي ويو انهيءَ كاوڙ ۾ اچي مولانا جي زبان كي كاٽڻ جو حكم ڏنو ويو. الله تعالىٰ انهن ماڻهن كي جيكي بظاهر اسبابن ۾ ناتوان آهن. ناگهاني آفت سان ۽ انهن ماڻهن كي جيكي توانا آهن. دنيا جي نشي كان محفوظ ركي.

خواجه بهاءُ الدين محمد رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ مولانا خواجگي كاشانيءَ جا پٽ آهن. جيئن ته اولياءَ الله جي فهرست ۾ سندن نالو لكيل هو لهذا جڏهن كين هن عالم ۾ اچڻ جي اجازت ٿي ان وقت ان تحرير جي موجب فرمان تقدير- آفرينش جي قلم سان پيشانيءَ جي تختيءَ تي لكيو ويو. توحيد ۽ تحقيق جي مُهر سان مزين كيو ويو ۽ هي فرمان سندن سپرد ٿيو ته جيئن هن فرمان جي مطابق عالم شهادت (دنيا) ۾ تقدير جو لكيل كرامتن جو نقد ۽ مقامات جي جنس سندن اقوال ۽ افعال جي كارخاني ۾ جيكي كار پرداز آهن انهن كي سپرد كري چڏي. چون ٿا ته پاڻ پنهنجي پيءُ بزرگوار جا مريد هئا ۽ هدايت ۾ انهن كان ئي حاصل كئي هئائون. ۽ پنهنجي وڏي پاءُ خواجه كلان كان ۾ كجهه كمالات جو حصو حاصل كيائون.

مولانا ولي ميان كابي رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ مولانا خواجگي كاشانيءَ جا مريد آهن. بخارا ۾ هك مقام تي كنهن جاءِ تي زمين هيٺاهينءَ ۾ آهي ۽ اتي هك مسجد ۾ آهي. جيكا مسجد مغاك جي نالي سان مشهور آهي. ان مسجد جي هك كنڊ ۾ سندن قيام هو. پاس انفاس ضمائر ۾ پاڻ مستغرق رهندا هئا. جنهن وقت پاڻ ناطقه نفس كي كم ۾ آڻيندا هئا ۽ كلام جو دروازو كوليندا هئا ته ٻڌندڙن جو عقل ۽ هوش ۽ خودداري هوا ٿي ويندي هئي ۽ مولوي معنويءَ جي مثنويءَ ۾ عارفاڻا نكتا بيان كندا هئا. كرامت ۽ تمكين جو مقام كين حاصل هو.

www.maktabah.org

مولانا عماد طارمي رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ منقولي علمن ۾ زماني وارن جا استاد ۽ زماني جي عالمن ۾ سڀ کان وڏيڪ عالم هئا. جڏهن سلطان محمود ۽ سلطان مظفر جو زمانو هو تہ گجرات ۾ سندن درس باڪمال ۽ بارونق هو. شيخ وجيہ الدين علوي ۽ قاضي علاءُالدين عيسيٰ احمد آبادي جهڙا باعمل شخصن بہ سندن سامهون ڪتاب ڪوليو هو. ۽ سندن درس مان استفادو ڪري مدرسي ۽ اعلم العلمائي جي درجي تي پهتا هئا قدس الله اسرارهم.

مولانا يونس لاکو رحمه الله جي ياد ۾

لاکا هڪ قبيلي جو نالو آهي. کين علم جي تعليم ڏيڻ ۽ بصيرت جي حاصل ڪرڻ ۾ شيخ وجيہ الدين علوي ۽ قاضي عيسيٰ احمد آبادي جهڙي مهارت هئي. قاضي عبدالغني- سيد ابراهيم بکري- شيخ نظام الدين ابن ڪبير- ملا طيب سنڌي ۽ قاضي اسحاق آسيري جن جا ڪجهہ حالات هر هڪ جي ياداشت ۾ لکيا ويا آهن، سندن شاگرد هئا. رحمهم الله.

قاضي قاضن سنڌي رحمه الله جي ياد ۾ (2)

پاڻ رسمي علمن کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ دل برداشتہ ٿي پيا ۽ اخلاق جي تبديليءَ سان دنيا جو معمو حل ڪرڻ جي تلاش جو خيال ٿين. نفس جي لڙائيءَ جي ذريعي هن معمي کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ۽ شين جون حقيقتون سندن مشاهدي ۾ آيون. هي چند ڪلمات سندن ڳالهين جو نچوڙ آهن جن کي سنڌي زبان ۾ پاڻ پنهنجي ملک جي طرز تي نظر ڪيو اٿن. (1) پاڻ فرمايو اٿن تہ ڪنز ۽ قدوري پڙهڻ سان معرفت جي خوشبوءِ ذري جيتري بہ منهنجي دماغ ۾ نہ آئي. مطلب جيڪو حاصل ٿيو تہ هن عالم کان پري ٿيو. (2) سيني زبانن ۾ "لا" جي لفظ سان تنهنجي نفي ڪئي وئي آهي ۽ تون اجان پنهنجي اثبات جي پويان آهين (3) "لا" کنهن جي نفي ٿو ڪري جڏهن ماسويٰ حق هستي ئي نہ ٿو رکي. (4) اسين جنهن جا مشتاق آهيون. اگر غور سان ڏٺو وجي تہ اُهي

www.maktabah.org

اسين ئي آهيون. انهيءَ قسم جون سندن ڳالهيون ان کان بہ زياده آهن، جو لکڻ سان ختم نہ ٿين ۽ هر ڳالهہ جي لطافت انهيءَ زبان جي طرز سان مخصوص هوندي آهي. جنهن زبان جي اُها ڳالهہ هوندي آهي. ترجمي جي قالب ۾ اُها لطافت قائم نہ ٿي رهي سگهي. شيخ ابراهيم ابن عمر سنڌي جنهن جو مقبرو برهانپور ۾ اتر طرف آهي، سندن عقيدتمند دوستن مان هئا.

سيد عبدالاول دولت آبادي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ وڏا عالم ۽ وڏا صاحب دل هئا. سيني فنن ۾ سپ کان وڏي عالم هئڻ جي دعويٰ هئن. شيخ محي الدين عربيءَ جي فتوحات ۾ خطبي کان وٺي خاتمي تائين جيڪي بہ دشواريون هيون انهن کي مطالعي جي زور سان حل کيو هئائون. ۽ حاشيہ وغيره لکي استعداد رکندڙن واسطي آسان ڪري ڇڏيو هئائون. صحيح بخاريءَ تي هڪ وڏي شرح لکي فيض الباري نالو رکيو اٿن. هي نالو ڇڻ تہ آسمان کان نازل ٿيو آهي. محقق تفتازانيءَ جي معنيٰ تي هڪ وڏو حاشيو لکيو اٿن. اهڙي طرح منطق ۽ حڪمت ڪلام جا گهڻا ڪتاب متداول تي مفيد حاشيہ لکيا اٿن. طريقت ۾ قادريہ ۽ مغربيہ سلسلي سا تعلق رکندا هئا. بلڪ مختلف ۽ گهڻن مشائخن جي تلقين سان مستفيد ۽ روشن ضمير هئا. هجري سنہ نو سؤ ستيتاليهہ هو جو غوث الاولياءَ گواليار کان گجرات ڏي هجرت فرمائي هئي. انهن ڏينهن ۾ مير بہ گجرات ۾ ئي تشريف رکندو هو. غوث الاوليا ڪليد مخازن جيڪا انهن جي ئي تصنيف مان آهي مير جي خدمت ۾ اصلاح جي بهاني پيش ڪئي. شيخ صدرالدين ذاڪر فرمائيندا هئا تہ مير هڪ ڏينهن غوث الاولياءجي مجلس اقدس ۾ ذڪر ڪيو تہ حڪمت جا مشڪل مسئلا جيڪي سلف جي ڪيترن عالمن ۽ حڪيمن پنهنجي تقريرن ۽ ترجمي سان حل نہ ڪري ڪليد مخازن جي مطالعي مان انهن جي حل ڪرڻ واسطي هڪ ڪنجي هٿ اچي وئي. هڪ عجيب نامون آهي جنهن سان حقيقتون نظر ٿيون اچن. انهيءَ جو سمجهڻ خدا ڪري دوستن لاءِ آسان ٿئي. چون تا تہ ڪجهہ سالن کان پوءِ دکن جي طرف هليا ويا. خوابگاه دولت آباد دکن آهي. جنهن جو پراڻو نالو ديو گڙهہ هو.

www.maktabah.org

شيخ شاهه محمد رحمه الله جي ياد ۾

پاڻ حسن طاهر قادريءَ جا پٽ آهن. جيڪو عالي سلسلي جي بزرگن مان هو. ڪشف الهام جا صاحب هئا ۽ سيني قسمن جا علم ۽ فن ڄاڻندا هئا. سندن شعرن جو هڪ ديوان به آهي. گهڻن سالن تائين حرمين شريفين ۾ مجاور رهيا هئا. انهيءَ دوران هڪ ڏينهن سيد عبدالوهاب بخاري جيڪو حضرت مخدوم جهانيان جي نسل مان آهي قدس سرهما. کين خوشخبري ٻڌائي ته حضرت خاتم النبوة صلي الله عليه وسلم جن مون کي فرمايو ته هن هندي شيخ زادي مسافرت جي تڪليفن ۾ گهڻون صبر ڪيو آهي لهذا پاڻ سان گڏ هن کي هندستان وڃي وڃ. پاڻ جواب ڏنائون ته جيستائين مان پنهنجي ڪنن سان اهو خاص پيغام حضور صلي الله عليه وسلم جي زبان مبارڪ سان نه ٻڌندس تيستائين هندستان ڏي واپس نه ويندس. جڏهن پاڻ پنهجي آرزوءَ ۾ ڪامياب ٿيا ته جيڪي ڪجهه پاڻ فرمايائو تعميل ڪرڻي پئي ۽ هندستان ۾ ئي آخري سفر ۾ اختيار ڪيائون. چون ٿا ته سندن پيءُ بزرگوار چشتيه سلسلي ۾ مريد هئا. جڏهن پاڻ قادريه خوانوادي ۾ داخل ٿيا ته امان الله ابن شيخ عبدالغفور پاڻي پتي ۽ ۾ين انهيءَ صوبي جي مشائخن سندن پيروي ڪئي. شيخ امان الله هندستان جي صوفي عالمن ۾ پيشوا آهن.

پير باجر مندو والا مجذوب رحمه الله جي ياد ۾

کين الاهي ڪشش پاڻ ڏي ڇڪي ورتو هو. عمديون عمديون ڪرامتون ڪائنڊ ظاهر ٿيندیون هيون. گهڻو ڪري اڳهاڙا گهمندا هئا. هڪ ڏينهن راقم گلزار الابرار جي مامي سان رستي هلندي اُلجهي پيا ته جيئن مامي کان ڪجهه وٺن. مامي چيو ته مون وٽ ڪجهه به ڪونهي. مجذوب مامي جي چيلهه ۾ هٿ وڌو ۽ هميائي ڪولي ان مان به مظفري سڪا ڪڍي ورتا پوءِ هڪ ماما کي واپس ڪيائين ته هي هميائيءَ ۾ واپس رک. مامي ٻڌايو ته جڏهن مون اُهي ڳڻيا ته پورا نڪتا.

هڪ ٽاٽ وڪڻڻ وارو هندو هو. جيڪو ساڻن انس رکندو هو. اُهو اهڙو ته

www.maktabah.org

بيمار ٿيو جو طبيبن کي علاج کان ۽ عزيزن کي زندگيءَ کان مايوسي ٿي پئي. لاچار مرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. باجر کي خبر پئي ته پاڻ رڙيون ڪندا آهي بيمار وٽ آيا جيڪو مرڻ لاءِ تيار هو ۽ چيائون ته تنهنجي پٽيءَ ۾ پنج پٽ آهن جيڪي سلامتيءَ سان پيدا ٿيندا. لهذا اجا مرڻ جو خيال نه ڪر چون ٿا ته انهيءَ وقت تندرستيءَ جي علامت شروع ٿي ۽ اهو شخص ڪونه مئو. جيستائين پنج پٽ نه ٿيس.

اهڙيءَ طرح هي واقعو به آهي ته باز بهادر ولد سجاول خان شير خان جي پٽ سليم خان جو سپهه سالار هو هجري سنه تقريباً نو سؤ چاهٺ ۾ ان جي مٿي ۾ اِها مالي خوليا پيدا ٿي ته خطبو ۽ سڪو منهنجي نالي سان شروع ڪيو وڃي. انهيءَ خيال سان پير باجر وٽ آيو ۽ خوشخبري ٻڌڻ جو منتظر هو. پاڻ هٿ تي هٿ هنيائون ۽ چيائون ڏاڍو ٻٽو ناهي هن کي هٿ نه لاءِ ٿئي پوندو. چنانچه سندن فرمان موجب آسماني گردش ٿي.

اهڙي قسم جون عجيب عجيب ڳالهيون سندن گهٽن ماڻهن جي زبان تي آهن. هن مختصر رسالي ۾ ان جي گنجائش ناهي. مانڊوءَ جي شمالي دروازي وٽ سندن آرام گاه آهي. نعلجه جي رستي تي انهيءَ دالان سان مليل آهي جيڪو زندگيءَ جي دوران سندن رهڻ جي جاءِ هو. هن جاءِ تي هڪ ڪڏو ٿڏي پاڻيءَ جو ٻارهن مهينا پريل رهندو آهي. سندن قبر جو مجاور اچڻ وڃڻ وارن کي هن پاڻيءَ سان سيراب ڪندو آهي.

شيخ حسن بدلہ مجذوبؒ جي ياد ۾

پاڻ دهليءَ جي بزرگ زادن مان آهن. ماءُ جي پيٽ مان ئي مجذوب پيدا ٿيا. جيڪڏهن ڪو شخص مجبور ڪري ڪپڙا ڏيندو هئن ته جلدي لاهي قوالن کي ڏئي ڇڏيندا هئا. حسن صورت تي ۽ سهڻي آواز تي عاشق هئا. ڪن ماڻهن کين خواب ۾ ڏٺو ته حضور خاتم پيغمبران عليه السلام جي خدمت ۾ پاڻ بينا هٿ مبارڪن تي پاڻي وجهي رهيا آهن. ڪجهه ماڻهن کين حرم ۾ طواف ڪندي ڏٺو. هڪ ڏينهن سليم خان سور کين پنهنجي اچڻ لاءِ عرض ڪيو. پر پاڻ سر هلايو ۽ چيائين ته جلدي تنهنجو تڏو ويڙهجي ويندو. چوندا

www.maktabah.org

آهن تہ پاڻ جيڏانهن وڃڻ جو عزم ڪندا آهن تہ ان طرف وارن جو دماغ معطر ٿي ويندو آهي. انهيءَ خوشبو جي علامت سان سندس اچڻ جو اطلاع ملي ويندو آهي، هجري سن ۽ ان کان ڪجهہ مٿي نو سو سٺ هئو، جو پاڻ عنصري لباس لاهي مثالي خلعت پاتي، سندن خوابگاه دهلي جي بازار ۾ خواص خان جي قبر وٽ آهي. خواص خان شير خان سور جي پرستارن مان ان زماني جي عطيات ونڻ وارن مان هئا. شير شاهہ جي پٽ سليم خان ڪيس هجري سن نو سو اڻونجاهہ ۾ شهيد ڪيو.

شيخ جلال ابن طيب جانپانيري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سندن اتقا جو پلڙو سلوڪ کان وڌيڪ ڳرو هو. سندن دور ۾ خداشناسي جو پيمانو پريل هو. سندن روزي حرير فروشيءَ ۾ هئي. جنهن سال ۽ مهيني ۾ غوث اولیا گوالیار کان گجرات هجرت ڪئي. انهن ئي ايامن ۾ اپڻ بنهنجي پٽ شيخ محمود کي آغاز هوش ۾ غوث الاليا جو مريد ڪرائي ڇڏيو هو. پاڻ به پيو خدمت ۽ حاضري ڏيندو هو ۽ گهٽو ڪجهہ سعادت ۽ عرفان مان حصو ورتائين، چون ٿا تہ هڪڙي ئي ڪپڙي ۾ ڪئي سال ائين گذاري ڇڏيائين جو جيڪڏهن آستين پاڻي پئي تہ نئين آستين ان ۾ ئي لڳائي ڇڏيائين. اگر پهراڻ سيني يا بغل وٽان بوسيده ٿي ويو تہ نئين ڪپڙي جي چتي لڳائي وئي. غرض جيڪو ٽڪر بيڪار ٿيو تہ اتي نئين چتي لڳائي وئي، پوءِ جيستائين هيات هئا، انهي ئي وڳي ۾ سير ڪيائون، ڪو نئون وڳو نہ سبايائون.

شيخ محمود چشتي رنتپوري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ مراتب وجود جا حافظ ۽ ڪشف و شهود جا مالڪ هئا، پنهنجي والد بزرگوار ۽ شيخ الله داد چشتي جا خليفہ هئا، شيخ الله داد کي خرقہ خلافت پنهنجي والد ماجد شيخ سدوهہ گنج روان کان مليو. شيخ سدوهہ معرفت ۽ خداشناسي جي جواهر تي ڪامل تصرف رکندڙ هئا. سندن سلسلو شيخ محمد سعدي تائين وڃي رسي ٿو. جيڪي چراغ دهلي جا وڏا خليفہ آهن. پاڻ

www.maktabah.org

حڪومت قادر شاھ جي دور ۾ جنھن جو نالو ملو خان ھئو، پنھنجي وطن کان دارالسلام منڊو ۾ آيا ھئا. نربدا درياھ جي ڪناري ڪجاون موضع ۾ قيام فرمايائون. موضع ڪجاون منڊو کان ڏکڻ ۾ ٽن ڪوھن تي آھي. اُتي ھڪ ڏڙي تي حجري ۾ ڪافي عرصو رھيا. جيڪو پاڻ خلوت ۽ رياضت واسطي تجويز ڪيو ھئائون، ھميشہ پنھنجي ناھنجار نفس سان وڙھندا رھيا. آخر فتحياب ٿيا. سالن تائين توڪل، گوشہ نشيني ۽ خاموشيءَ سان انھيءَ جھوپڙيءَ ۾ بسر ڪيائون. جيترو ٿي سگھندو ھئن روزمرہ جي خرچ لاءِ روزگار ۽ اوقاف طور ڪجھ قبول نہ ڪيائون. جڏھن عيال داري وڌين، تہ ان دؤر جي حاڪمن زمين جا ڪجھ ٽڪر پيش ڪيا ھئا، جنھن خدمت جي عيوض پنھنجي مٿان احسان مجيو ھئائون. ان ڪان پوءِ ڪجاون ۾ گھر ناھيائون. مسجد بہ جوڙيائون، ۽ مرقد بہ ناھيائون، مسجد جي اڳڻ ۾ فقرا ۽ اچڻ وڃڻ وارن سان خدائي صحبت رکندا ھئا، درويشاٽو دسترخوان وڇائي دعوت خليلي جون رسمون پوريون ڪندا ھئا، مھمانن سان گڏ پاڻ بہ شامل ٿيندا ھئا، جڏھن پاڻ ھجري سن نو سؤ ۽ ست ڪان پوءِ عالم دنيا مان روانا ٿيا تہ پنھنجي فرزند رشيد شيخ ميان ڪي پنھنجو جاءِ نشين چڏيائون. شيخ ميان بہ فقر جي طريقي ۾ درويشي رستي تي ھلندا رھيا، پنھنجي والد ماجد جون رسمون جاري رکيائون. ھجري سن نو سو پنجاسي ۾ عالم صورت ڪان معنوي جھان ڏي روانہ ٿيا، خوابگاھہ ڪجاون ۾ والد جي تربت سان لڳ آھي. شيخ ميان ٽي فرزند چڏيا. ھڪ شيخ ميران جي، ٻيو شيخ منجھن، ٽيون شيخ مبارڪ، وڏو پٽ پرڳٽي حاصل پور منڊو ۾ وڃي رھيو، فقر فاقي جا عادي ۽ رب سان دل لڳل اٽن. ٻيا پٽ جي "بي عبادتگاھہ ۾ مشغول بحق آھن، اللہ ڪري عبادت جا ثمر ۽ معرفت سيني ڪي نصيب ٿئي آمين.

امير سيد جلال رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ سيد صدرالدين حسني متوڪل جا فرزند آھن، ڪئي سال اسباب شڪيني ۽ حصول فقر جي مشق ڪري گھٽو ڪجھ حاصل ڪيو ھئائون. سندن وڏا ڪرمز مان ھند آيا ھئا، اوڏھ جي آب وھوا وٽي وئن ان ڪري ان کي پنھنجو وطن بڻايائون، سڪندر لوڌي جي دور ۾ پاڻ عالم غيب کان عالم شھادت ۾

www.maktabah.org

نزول فرمايائون. جڏهن هوش جو زمانو آيو تہ الهڻي معرفت جي هوا لڳن. شيخ راجبي سيد نور جا مريد ٿيا، ان سان گڏ پيءُ وانگر سپاهيانہ زندگي ۾ بسر ڪندا هئا. جڏهن سلطان ابراهيم لوڌي پاڻي پٽ ۾ بابر بادشاهہ جي جنگ ۾ ماريو ويو. انهيءَ جنگ ۾ سندن پيءُ ۽ گذاري ويو، ڪيس ۾ زخم آيا پر مرهم پٽي سان صحيح ٿي ويا. ان کان پوءِ جونپور جي علاقي سرهرپور ۾ اچي رهيو. اتي شيخ الله داد احمد شريف جونپوري المعروف شيخ وتين جي خدمت ۾ معرفت جي تحصيل ڪيائون. جيئن تہ سندن ٻار آگرہ ۾ هئا، انڪري ڪين مرشد اتي وڃن لاءِ چيو، درويشي ۽ بک تي رهڻ جي عادت هئن انڪري ڪين متوڪل جو خطاب ملیو، هڪ دفعي خانقاهہ جي در تي ۽ قلندر آيا ۽ خادم کي چيائون تہ اندر اطلاع ڪر، هن نالو پچيو تہ وراڻيائون ڪيس خبر آهي. خادم اندر اچي اطلاع ڏنو پاڻ سر جهڪائي تامل کان پوءِ فرمايائون وڃ ڪين جمال ۽ حسين چئي سڏي اچ، قلندر پنهنجا نالا ٻڌي حيران ٿيا، جڏهن حاضر ٿي هٿ چمي چڪا تہ بيعت جي واسطي عرض ڪيائون. پاڻ عرض قبوليندي فرمايائون، درويشن کي آزمائڻ جو ڪڏهن خيال ۾ دل ۾ اچڻ نہ ڏجو. چو تہ هر وقت ساڳيو حال نہ ٿو رهي. هجري سن نو سو اٺهتر ربيع الاول ۾ وڏي پٽ سيد بدرالدين کي خلافت ڏنائون ۽ ٻين پٽن لاءِ فرمايائون تہ الله تعاليٰ کين عطا ڪندو، انهيءَ سال وصال ڪيائون، سندن تاريخ رحلت شيخ جهان ۾ آهي، خوابگاهہ آگرو اٽن.

سيد شاهہ ميرؒ جي ياد ۾

پاڻ سيد شريف جرجاني جي نسل مان آهن، قدس سرهما طريقت مان حصو کين شيخ امان پاڻي پتي جي خدمت مان مليو، رسمي ۽ ذوقي علمن سان سينگاريل هئا، ڏهين صدي جي اواخر ۾ عارضي جهان ڇڏيائون، خوابگاهہ آگرہ ۾اٽن.

شيخ فخرالدينؒ جي ياد ۾

سندن والد بزرگوار شيخ داؤد ابن شيخ شاهہ صديقي آهن. آگري ۾ آخري آرام گاه اٽن. اگرچہ شيخ الهدي صالح سرهنديءَ جا مريد آهن ليڪن اڪثر

www.maktabah.org

علوم حسام الاولياء شيخ حسام الدين متقيءَ جي درس مان تحصيل ڪيائون. چون ٿا تہ جنهن زماني ۾ پاڻ سپاهيانہ صورت ۾ رهندا هئا ان زماني جو ذڪر آهي تہ پاڻ هڪ ڏينهن ملڪ پورب ۾ هڪ حوض جي ڪناري تي وضو ڪري رهيا هئا تہ ايتري ۾ ڪارو نقاب منهن تي وڏل هڪ سوار ڊوڙندو آيو جنهن جو گهوڙو مشڪي هو ۽ سندن پٺيءَ تي هڪ تازيانو هنيائين ۽ سامهون اردليءَ وانگر رکيائين. چند قدم هليا تہ سوار تہ نظر کان غائب ٿي ويو ۽ کين اهڙو تہ جذبي جو سيلاب آيو جنهن ۾ هوش گم ٿي وين. اهڙي تہ حيرت پيدا ٿين جو زبان بند ٿي وئن. ايتري قدر جو پورا ٻارهن سال سندن زبان حرف بہ ڳالهائڻ تي قادر نہ ٿي. هڪ ڏينهن وري اهوئي سوار رستي ۾ ملين ۽ تازيانو ڏيکاري ڊيڄاريائين ۽ چيائين تہ ڳالهائيندا ڪيو. اهو ٻڌي انهيءَ وقت ڳالهائڻ جي طاقت ۽ خيال دل ۾ آين. ليڪن زبان ۾ ڪنهن حد تائين گرفت باقي هئن. ان کان پوءِ پاڻ ڳوٺ چند لوس ۾ جيڪو بهار ۾ آهي. شيخ الهداد ابن ضياءُ الدين جي خدمت ۾ ويا. هنن ٻنهين بزرگن جي صحبت گرم ٿيڻ لڳي. چو تہ ٻئي سهروردي سلسلي ۾ هئا. اٽڪل نو سال هڪ ٻئي جا رازدار رهيا ۽ پاڻ علمي درس بہ ڏيندا رهيا.

انهيءَ دوران سيد آدم ولد سيد جمن پنهنجي والد جي اجازت سان هيلسا کان فاتحہ لاءِ شيخ الله داد وٽ آيا. سيد آدم ڏاڍهي ڪوڙائيندو هو جنهن جي ڪري سندن ڳل صاف رهندا هئا. پاڻ سيد آدم کي فرمايائون تہ سيدن کي سنت ڇڏي ڏيڻ نهايت نامناسب آهي. سيد آدم کي جوانيءَ جو غرور هو. جنهن ڪري غصو آين ۽ هيلسا وجي والد بزرگوار جي خدمت ۾ عرض ڪيائون تہ هڪ درويش شيخ الهداد سان گڏ هر راز آهي ۽ مون سان هن طرح سختيءَ سان پيش آيو ۽ مداريہ سلسلي جي معتقدن جي نسبت نامناسب انديشو ظاهر ڪيو. شيخ جمن فرمايو تہ انهيءَ درويش جو چوڻ صحيح ۽ سچي نصيحت آهي ۽ عمل ڪرڻ جي لائق آهي. نوجوان سيد آدم پيءُ جي تصديق کان پوءِ سندن هدايت جو گرويده ٿيو. ان کان پوءِ سيد جمن هڪ خادم کي ڪجهہ تحفا ڏئي سندن ڏي موڪليو ۽ ملاقات جي آرزو ڏيکارينديِ معذرت ڪئي تہ مون کي اچڻ کان پيري رڪاوٽ آهي. خادم جڏهن پهتو تہ درس جاري هو تبرڪ ۽ پيغام ٻئي پيش ڪيائين تہ پاڻ فوراً اٿي بينا جڏهن سيد جمن کي اطلاع مليو

www.maktabah.org

تہ ڳوٺ جي ڪناري تي توهان پهچي ويا آهيو. تہ انهيءَ پنهنجي پٽ ڪي استقبال لاءِ موڪلي پنهنجي خدمت ۾ گهرايائين. پهريون ديدار جو تصرف اهو ٿيو تہ ڪاغذي نقش سندن خيالات مان بلڪل صاف ٿي ويا. پوءِ سيد جمن چيو تہ خانقاهہ جي اندر هڪ حجرو ڪين ڏنو وڃي چنانچہ ڏنو ويو. ڪجهہ ڏينهن پاڻ اُتي رهيا ۽ پوءِ التماس ڪيائين تہ مان چاهيان ٿو تہ باقاعدي عقيدتمند غلامن ۾ شامل ٿي وڃان سيد جمن فرمايو تہ فخرِعالم، جمن جاهل جو مريد ٿئي اها ڳ''ہ زيب نہ ٿي ڏئي. جڏهن پاڻ بار بار التماس گهٽو عاجزيءَ سان ڪيو تہ سيد جمن پنهنجي وات مان پان ڪڍي ڪين ڏنو. علمي چراغ جيڪو اجهامي ويو هو ٻيهر روشن ٿيو. ان کان پوءِ فرمايائون بهار ۾ شيخ شرف الدين جي روضي تي ڪجهہ ڏينهن اعتڪاف ڪيو. ۽ انهن جي روح کان هدايت گهرو. چنانچہ حڪم جي تعميل ڪيائون. خواب ۾ روضي ڏٺيءَ کان ٻڌائون تہ تنهنجي هدايت سيد جمن جي رهنمائيءَ تي ٻڌل آهي. انهيءَ جي ئي خانقاهہ ڏي موٽي وڃ. چنانچہ پاڻ واپس سيد جمن وٽ آيا ۽ خواب جو احوال عرض ڪيو سيد جمن ٻڌل ڳالهہ تہ قبول ڪئي ليڪن سندن رخ آگري جي طرف موڙي ڇڏيائون. ان سان گڏ اها هدايت بہ ڪيائونس تہ چاهي ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ ۾ اچي رستي تان واپس نہ اچجانءِ ۽ جڏهن خوابگاه بديع الدين شاه مدار جي آستاني تي پهچين تہ آگري جي اجازت گهرجانءِ. سيد جمن هيءَ ڳالهہ چئي جونپور هليا ويا. شيخ فخرالدين کي خبر پئي تہ سيد صاحب دنيا جي تماش گاه کان رخصت ٿي ويا. جيئن تہ اڳ ئي کين نصيحت ٿي چڪي هئي ان ڪري واپسيءَ جو خيال ڪيائون.

جڏهن پاڻ ڳوٺ بانگر مئو ۾ حوض جي ڪناري پهتا ۽ رات رهيا تہ خواب ۾ مدارالاقطاب آگري ۾ رهڻ جي اجازت ڏني ۽ فرمايائون تہ ذريعہ معاش لاءِ ڪجهہ بہ نہ ونجانءِ ۽ جيڪو درويش ان جاءِ جو بزرگ هجي ان جي رضامنديءَ سان گهر ناهجان، اهڙي طرح پاڻ آگري ۾ آيا ۽ ان وقت ۾ شيخ جليل زماني جو زاهد هو ان جي ديدار لاءِ ويا. اتي سندن دل نہ لڳي. ان کان پوءِ پاڻ شيخ علاؤالدين مجذوب جي خدمت ۾ ويا تہ ان فرمايو تہ تنهنجي جاءِ سرهند آهي. پاڻ کو جواب نہ ڏنائون. پوءِ شيخ مجذوب هڪ مانيءَ جو ٽڪرو ڪچڪول مان ڪڍي کين ڏنو ۽ فرمايو تہ پنجاب هليو وڃ. اُتي ڪٽڪ سستي آهي، هن دفعي بہ پاڻ خاموش رهيا. پوءِ شيخ مجذوب ٽئين دفعي فرمايو تہ

www.maktabah.org

هڪ سير آهي اڏ تنهنجو اڏ منهنجو ليڪن پاڻ بلڪل خاموش رهيا. وري چوٽين دفعي شيخ مجذوب فرمايو ته هن وقت تائين مان هتي هئس هاڻي تون هتي رهه. پاڻ جواب ڏنائون ته جيڪڏهن تنهنجي اها راءِ آهي ته پوءِ توهان هيءَ جاءِ منهنجي لاءِ ڇڏي ڏيو. ۽ خود ڪنهن ٻي جاءِ تي هليا وجو. شيخ مجذوب ائين ئي ڪيو. ۽ هاڻي جنهن جاءِ تي قبر آهي اُتي پنهنجو حجرو ناهيائون.

چون ٿا ته شيخ فخرالدين کي جڏهن بيماري لڳندي هئي ته سڻي آواز وارن قوالن کي گهرائي اها محفل ٻڌندا هئا. انهيءَ قوالي ۾ مزاج جي بدمزگي تندرستيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي هئي. آخرڪار جمع جي ڏينهن تاريخ اٺويهه جمادي الثاني هجري سن نو سؤ ستر 970 هه تي هڪ سؤ پنجهتر سال زندهه رهي هن فاني دنيا کي ڇڏيائون. قاسم هنديءَ سندن رحلت جي تاريخ جي الفاظن کي فخرالدين ۾ لڌائون.

شيخ سعد ابن بڌن خيرآباديءَ رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ دانشمند هئا. طريقت ۾ شيخ محمد قطب المعروف شيخ مينا لکنوي جي خدمت سان عقيدت ۽ خلافت حاصل ڪيائون. ۽ ظاهري علمن ۾ مولانا اعظم جا شاگرد هئا قدس سرهم چون ٿا ته سندن پير ڪتاب عوارف سندن استاد کان پڙهندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ پير جي خدمت ۾ عرض ڪيائون ته هن ڪتاب جي عبارت صحيح ڪرڻ واسطي ته منهنجي طبيعت ڪافي آهي پر هن جي معنيٰ ۽ لطائف جو ادراڪ جناب مخدوم جي ضمير کان ممڪن آهي جيڪي ڪشف جا صاحب آهن. پوءِ خبر ناهي ته ٻئي ڪنهن جي درس ۾ وڃڻ چو ٿو گوارہ ڪيو وجي. پير فرمايو ته سعد تو جيڪي ڪجهه چيو سچ آهي ليڪن عالمن جي هوندي تعليم جي رستي ۾ پير ڇڪڻ ۽ پنهنجي ادراڪ ۽ عرفان تي پروسو ڪرڻ ارباب ديانت ۽ اصحابِ هوش جو شيوو نه آهي.

شيخ بدها رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن نالو عبدالوهاب هو. شيخ ابوالفتح مڪي جا وڏا فرزند آهن. عمده صورت ۽ سيرت سان گڏ دانش و بينش جا به صاحب هئا. درسي علمن جي تحصيل ڪمال درجي تي پهچائي هئائون. خاص ڪري حديث ۽ تفسير ڪامل ياد هئن.

www.maktabah.org

واعظ ۽ تلقين کان گريز ڪندا هئا. ليڪن درس ۾ سندن مجلس ۾ خدا جي ياد ۽ بندگانِ خدا جي حالات کان سواءِ ٻيون ڳالهيون گهٽ ٿيندينون هيون. علم، سير ۽ تاريخ جا گهٽا عبرت افزا واقعات ياد هئن. جوانمردي ۽ سخاوت سندن خمير ۾ داخل هئي. اگرچ ڪجهه ڪونه هئن ۽ اهڙي وقت ۾ ڪو حاجتمند اچي ويندو هو ته گهر جي سامان مان جيڪي هٿ لڳندو هئن گهر وارن کان لڪائي ان کي ڏيندا هئا. چون ٿا ته هڪ سال سندن همٽ جو امتحان ونڊ لاءِ شهر جي حاڪم ماڻهن کي روڪي ڇڏيو ته هن درويش کي ڪير به قرض ۾ هڪ ڪوڏي به نه ڏئي. ان جي باوجود سندن مهمان خاني جو دسترخوان هر روز وانگر بلڪ اڳي کان وڌيڪ ۽ بهتر وڃايو ويندو هو ۽ ڪوبه سائل پنهنجي مطلب کان ناڪام سندن خدمت مان واپس نه آيو. شاهه محمد خياليءَ سندن دوستيءَ سبب ان محلي ۾ هڪ حجرو ناهي ڇڏيو هو. ۽ ان ۾ ئي آخر وقت تائين رهيا. هجري سن هڪ هزار سورهن تائين اُهو گهر قائم هو. شيخ عبدالوهاب کي ذڪر ۽ شغل جي تلقين ۽ حقائق ۽ تصوف جي تعليم انهيءَ شاهه صاحب کان حاصل ٿي هئي. شعبان جي چند جي رات جو ڏينهن هجري سن نو سؤ ستر هو جو پاڻ هن فاني دنيا کي ڇڏيائون. خوابگاه آگري ۾ اٿن.

انجمن اصحاب شهود و ارباب حضور سلسلہ عشقيہ شطاريہ

تاريخ نگار پيرن ۽ معرفت جي صاحب هادين اهو لکيو آهي ته هن خانواده جا سربراه راس الواصلين، رئيس المحققين، شيخ عهد، قطب عصر، مرشد زمان، عارف جهان، ابويزيد طيفور ابن عيسيٰ ابن آدم سروشان بسطامي آهن ۽ جيڪي اصحاب مشرب عشقيہ تا رکن، هي ٻين مشهور مشربن جي بنسبت فنا ۽ بقا جي درجات، صدق و صفا جون منزلون، مبدء ۽ معاد جي ابتدائي مقامات تي نظر ڪري السابقون السابقون اولئڪ المقربون جي نعري ۾ داخل آهن. چنانچ تلوين ۽ تمڪين، احتجاب ۽ انڪشاف، قبض ۽ بسط، منع و عطا، هست و نيست، اڪيلائي يا همراهي، ڪنج و ميدان، خاموشي يا گويائي، غرض ته سيني معاملات، حالات ۽ اوصاف جيڪي پاڻ ۾ مدمقابل

www.maktabah.org

آهن يا هڪ ٻئي جو ضد آهن. انهن کي پهچڻ اسماءَ جي ڪمال ۾ داخل آهي. جنهن کي ذاتي ڪمال چوڻ ناموزون نہ آهي. هي حالات ۽ وصفون هن گروه جي موحدانہ نظر ۾ هڪجهڙا معلوم ٿا ٿين ۽ هن طريقي جي سالڪ ۽ حلقي سان شمار ڪرڻ کان گهٽا ٿا معلوم ٿين. ڪجهہ بہ حال ۾ ۽ ڪنهن بہ مقام ۾ بہ گهڙيون بہ علي الاتصال پابند ٿي نہ ٿا رهن بلڪ هر لمحي ۽ هر دم جديد شان سان وقت جو زنده رکڻ ۽ ان سان زندگيءَ جي شهر کي آرائش ڏيڻ اهو خاص هن طريقي جي پيرن جو آهي. عراق، عرب، عجم، ايران ۽ توران ۾ جيڪو فروغ محمدي پهتو آهي اهو هن سلسلي جي مشائخ جي برڪتن سان پهتو آهي. خاص ڪري هجري سن نو سؤ ٽيهہ ۾ هن گروه جي سربرآورده محمد صادق شيخ ماوراءالنهر جي شهر ۾ هدايت جو جهنڊو نصب ڪيو هو. ان علائقي ۾ سڀ مشائخ ۽ فاضلن جا قبلہ گاه بنجي ويا هئا. سڀ استعداد وارا معتقد انهن جي خدمت سان ولايت ۽ ڪمال حاصل ڪندا هئا. انهن بزرگن عزيزن مان جنهن شخص پنهنجي هدايت سان هندستان جي تاريڪ مڪان کي الله نُور السَمٰوات والارض جو نورآباد بنايو اهو شاهہ عبدالله شطاري ولد حسام الدين عبدالله ابن رشيد الدين ابن ضياءالدين ابن نجم الدين ابن جمال الدين حماد ابن عمر المعروف شيخ الشيوخ شهاب الحق والدين سهروردي جي ذات خورشيد صفات آهي جنهن نائين صديءَ جي آخر ۾ ايران کان هندستان جي ماٺهن جي رهنمائيءَ لاءِ نزول فرمايو ۽ عالم قدس ڏي روانہ ٿيڻ جي وقت تائين هر طرح جي اذڪار و اشغال، اعمال ابرار اخيار ۽ اورادعيہ ماثوره وغيره جي دعوت جي طريقي سان عموماً ۽ خصوصاً طالبن ۽ انهن جي استعداد جي موافق تلقين فرمائي.

شطار جي وجہ تسميہ جي متعلق ڪنهن قلم ڪا صريح حرف نہ لکيو آهي. ليڪن هڪ رسالي لطيفہ غيبيہ نالي جيڪو سندن قلم تصنيف جو نتيجو آهي. انهيءَ رسالي جي ٻئي فصل ۾ ڪنهن طرح تسميہ جي نسبت آگاهي ڏني وئي آهي. خلاصو ان جو اهو آهي تہ خداشناس امت محمدي ۽ پيروان مذهب احمدي علي صاحبهامن الصلواة افضلها و من التحيات اکملها- سلوڪ ۾ ٽن مشربن تي تقسيم آهن. (1) اخيار (2) ابرار (3) ۽ شطار، ۽ هنن ٽنهين گروهن مان هر هڪ گروه ورد، ذڪر، شغل، فڪر، ڪشف ۽ قرب جدا جدا ٽو رکي ۽ پنهنجي پنهنجي خاص طريقي موجب صاحب استعداد ڪامل آهي. لهٰذا

www.maktabah.org

مناسب هي آهي تہ عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَاءِ بَنِيْ اِسْرَآئِيْلَ جي مضمون تي نظر ڪري فرق ۽ عدم فرق جي رعايت هن گروه جي باري ۾ بہ اهڙي موافق ڪئي وڃي جيئن انبياءِ عليهم السلام جي باري ۾ فرق ۽ عدم فرق جي نسبت قرآن حڪيم جي اندر ارشاد آهي تہ انهن جي نسبت اعتقاد ۽ ولايت جي اقرار ۾ تفاوت ۽ اختلاف ڪي دخل نہ ڏنو وڃي ۽ جيڪو حڪم رسولن جي ايمان جي نسبت لاتفرق بين احد من رسله آهي ان تي قياس ڪيو وڃي تہ جيئن شريعت جو اهڙو ايمان حاصل ٿئي جيڪو طريقت جي وصف سان موصوف هجي. ۽ جهڙي طرح انبياءِ عليهم السلام جي زمره ۾ قرب، وحي، ڪتاب، معجزات نسخ، عدم نسخ، الوالعزمي، امت جي ڪثرت ۽ قلت ۽ انهن معاملن ڪان سواءِ بين معاملن ۾ فرق سمجهيو ٿو وڃي. اهڙي طرح هي گروه مشابهہ بانبياءِ بني اسرائيل آهي لهٰذا انهيءَ طرح هن گروه جي اندر بہ افضليت، سرعت سير، رياضت، عبادت جي اعتبار ڪان سلوڪ ۾ عالم آخرت جي طرف ڪان سمجهيو وڃي ۽ احوال، درجات، مقامات، ۽ خطابات جي اعتبار سان اعيان ثابتہ (صور علميہ) جي موجب منجانب مبداءُ سمجهيو وڃي. آيت ڪريمہ تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ جي اشاري سان جيڪا معنيٰ ذهن ۾ اچي ٿي. انهيءَ موافق انهيءَ مقام ڪان هيءَ ڳالهہ خيال ۾ اچي ٿي تہ هن لقب جي خصوصيت طريقت جون منزلون طئہ ڪرڻ ۾ تيزيءَ جي اعتبار سان آهي. اَلْعِلْمُ عِنْدَاللّٰهِ. ۽ هن سلسلي جي ڪن اصحابن ۽ بين ماڻهن لغت جي وضع تي مذڪوره طريقي سان انهيءَ لقب جو سبب پيدا ڪيو. هي اقرب بہ صواب آهي. نيزهن مشرب جا ڪي اڪابر هي بہ فرمائن ٿا تہ هي جيڪو اولياءُ الله جسم جي بار ڪان سبڪدوش ٿي ويا آهن انهن جي ارواح ڪان هي گروه فيض حاصل ٿو ڪري ۽ پرورش ٿو حاصل ڪري بجاءِ ان جي جو جسماني ملازمت ۽ مصاحبت ڪري. پوءِ جيئن تہ هي گروه عالم مرڪبات کي طئہ ڪري مجردات جي عالم ۾ معنوي سرعت سان ٿو وڃي. انهيءَ سبب جي ڪري هن گروه کي شطار لقب ڏنو ويو آهي. اهو بہ هڪ سبب آهي. مطلب تہ سيني شطار مشائخن کي هند ۾ شاهہ عبدالله شطاريءَ جي خدمت سان هن مشرب جو حصو مليو آهي. انهن مان هڪ شيخ حافظ جونپوري آهن. جيڪي سلوڪ ۽ تصوف جي مراتب طئہ ڪرڻ ۾ مثل قمر سريع السير هئا. ۽ سندن نامور خليفا بہ هر ملڪ ۾ آهن. جونپور

www.maktabah.org

۾ شيخ بدهن آهن. انهن جي قبر پاڻي پت ۾ آهي. شيخ بدهن جا به هڪ خليفا هئا قصبہ بدولي ۽ ۾ شيخ ولي شطاري، ظاهري ۽ باطني سڀ فضيلتون، امكاني ۽ الاهي جملہ معرفتين سندن ذات ۾ جمع هيون. پاڻ هجري سن نو سؤ چاونجاهه ۾ عالم بقا ڏي كوچ كيائون. پاڻ گهٽا خليفا دنيا ۾ ڇڏيائون. انهن مان هڪ شيخ فدن هو. وڏو پرهيزگار هو ۽ حقائق ۽ معارف بيان كندا هئا. پنهنجي زماني ۾ پنهنجو مثل نہ ركندا هئا. امير سيد علي قوام جا اهي ئي پير آهن. شيخ ولي شطاري ۽ جا ٻيا خليفا شيخ بهاءالدين زكريا هئا. جيكي خواجہ گنجشكر جي نسل مان آهن. ٽيون خليفو شيخ حاجي ابن شيخ علم الدين عجائب برادرزاد شيخ زكريا هئا هي سلسلو شيخ حافظ تائين پورو ٿو ٿئي.

جڏهن شاهہ عبدالله شطاري ۽ عالم قدس ڏي كوچ فرمايو تہ چند سالن ۽ چند واسطن كان پوءِ خرقو خلافت درجہ بدرجہ شيخ محمد غوث كي پهتو. اگرچہ واسطن جي ترتيب هن خانواده جي شجري ۾ تفصيل سان ذكر ٿيل آهي ۽ شجره جو وصف خاص هي آهي تہ **اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّفَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ** ليكن مختصر طور تي هتي بہ تحرير ٿو كجي. يعني شاهہ عبدالله شطاري كان اول خلافت جو خرقو شيخ محمد علا كي عنايت ٿيو جيكو شيخ قاضن جي نالي مشهور آهي. شيخ محمد علا كان سندن پٽ شيخ ابوالفتح هدايت الله سرمست كي پهتو. ۽ انهن كان شيخ ظهور حاجي حميد حصور جي خدمت ۾ منتقل ٿي آيو ۽ ان جي تفصيل هر هڪ صاحب جي ياداشت ۾ وقت جي تقاضا مطابق لكي وئي آهي. ۽ وڌيڪ لكي ويندي. حاجي حصور جي خدمت سان منصب هدايت و اجازت ۽ قطب الاقطابي وحدت مآب حضرت شيخ محمد غوث كي پهتي جن هن بهشت نما انجمن كي طرح طرح جون معرفتون ۽ حقيقتون بيان كري نئي وضع جي انجمن ناهيائون. شطاري كير پئندڙ هارن كي اُپاري مشائخ جي باطني پرورش جي ذريعي سان نوجوان كيو. توحيد و ايمان جي وڻ كي تقليد ۽ استدلال جي خزان كان بذريعہ نوبهار تحقيق رهائي ڏئي دائمي سرسبزي بخشي تہ جيئن ذكر كيل وڻ انساني باغ ۾ ازلي توفيق جو پاڻي پي بارآور ٿئي. هن ۾ شك نہ آهي تہ جنهن سندن خدمت ۾ كجهہ ڏينهن منافقانہ عمر گذاري اهو بہ محبوب حقيقي جو جلوه گاه ۾ پهچي ويو تہ پوءِ مخلص جو تہ ذكر ئي چا كجي. هيءَ مدعا هيٺ ذكر كيل كرامت جي شهادت سان ثبوت كي پهچي ٿي.

www.maktabah.org

جيئن ته گجرات جا ڪ نظر ماڻهو پنهنجي اعتباري حسن تي عاشق هئا. ان ڪري حسد جي رستي سان غوث الاولياءسان دشمني ڪرڻ لڳا. انهن مان هڪ شيخ عبدالمقتدر بنبائيءَ پنهنجي ننڍي پاءُ ڪي غوثيہ خانقاہ ۾ معتقدانہ طور انهيءَ لاءِ موڪليو ته هميشہ غوث الاولياءجي حاضر حضور رهي سندن اهڙا قول ۽ فعل اخذ ڪري جن تي اعتراض جي آگر رکي سگهجي ۽ اهي معاملات پنهنجي بزرگن کي پهچائي ته جيئن هن جماعت کي نڪته چينيءَ جو سرمايو فراهم ٿئي. چون ٿا ته انهيءَ متجسس هڪ ڏينهن عرض ڪيو ته هي ڪمترين مريد مدت کان تلقين جو اميدوار آهي. جواب مليو ته مقصود سلوڪ جي ترقي آهي انشاءَ الله لنگر جو ڪاڏو جيڪو فقيرن جي لنگر مان ڪائين ٿو اهوئي تلقين جو اثر پيدا ڪندو. آخرڪار هن کي ڪجهہ ڏينهن بعد قوي جذب پيدا ٿيو ۽ هن جي اک حقيقت بين ٿي وئي. چنانچہ سيني حالات ۽ مقامات ۾ هيءَ ڳالهہ هن جي زبان تي ورد هئي ته جڏهن منافق جو هي حال آهي ته ان شخص جو ڇا چئجي جيڪو اخلاص سان مٿو هن ڪامل بزرگوار جي آستاني تي رکي.

پاڻ جنهن کي قبول ڪيائون ان جي مٿي جي ۽ دل جي اکين کي مشاهدي ۽ معائني جو نور حاصل ٿي ويو ۽ ان ۾ حقيقت بينيءَ جي قوت اچي وئي. ايتري قدر جو سندن بي انتها فيض پهتو. هند ۽ سنڌ ۾ سندن عارف ۽ ڪامل اولاد ۽ رهنما خليفا وڃي پهتا ۽ انهن جي قدمن جي برڪت سان خلا پُر ٿي ويا. جن جي فهرست هي آهي:-

گواليار: جتي سندن مرقد مبارڪ آهي. جانشين ۽ سجادگيءَ جا مراسم سندن مسند نشين پٽ شيخ عبدالله المعروف شيخ بدها عمده طريقي سان انجام ڏئي ٿو ۽ شيخ مبارڪ عالم جيڪو پڻ اتي موجود هو علمن جو جامع هو ۽ ظاهري باطني صفائي ۾ رکي ٿو. تقريباً چاليهن سالن کان خانقاهہ جي اصحابن کي ڪتابي علم جو درس ڏنائين ۽ شيخ بديع الدين جيلاني سمرقندي غوث الاولياءَ جا وڏا خليفا آهن. اُهي ۾ گواليار ۾ هئا. انهن کليد مخازن ۽ ڪنزالوحدت تي جيڪي غوث الرحمن جا تصنيف ڪيل ڪتاب آهن عمده حاشيہ لکيا آهن ۽ تعليقات لڳايون آهن.

دارالسلطنت آگري ۾ شيخ نورالدين ضياءُ الدين زنگي بخش پنهنجي بزرگوار جي رهڻ سهڻ جي جاءِ سنيالي هئي ۽ شيخ عبدالله صوفي مريد غوث

www.maktabah.org

الاولياءبہ هتي ئي هئا. روشن ضمير پير کان کامل طرح عرفاني ۽ وجداني مقامات حاصل کيا اٽن.

برهانپور: خانديس ۾ شيخ اڪمل الدين برهان هو. ان جي والدبزرگوار جا ظاهري ۽ باطني فرزند بہ اُهي ئي هئا. ليکن والدبزرگوار کان هدايت سان نور حاصل ڪرڻ ۾ هي معنوي فرزند سيني کان اڳتي هو. آخر عمر ۾ بلڪل استغراق تي ويو هئن. سندن زبان ۾ موحدانہ ڪلام ۽ تقرير کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڳالهائيندا هئا. شيخ لشڪر محمد بہ هتي برهانپور ۾ هدايت جو سلسلو جاري ڪيو هو. انهيءَ ئي شهر ۾ قاضي سراج محمد بنياني هو. معرفت جو چراغ ۽ علمي شمع انهن سان ئي روشن هئي. شيخ نظامي گنجوي جو هڪ ڪتاب مخزن الاسرار آهي ان جون مشڪل مشڪل عبارتون ۽ مضمون پاڻ حل ڪري جهان وارن کي فيض پهچايو آهي.

برودره (بڙوده): گجرات ۾ شيخ صدرالدين محمد شمس ذاڪر هئا. تلقين جا سج هئا ۽ شيخ حبيب شطاري بہ انهيءَ ئي شهر ۾ سلوڪ جي اندر پنهنجي مريدن کي تعليم ڏيندا هئا.

احمدآباد: گجرات ۾ سندن فرزندن مان شيخ اويس ۽ شيخ اسماعيل آهن مدظلهما. انهن جو نانو سلامي سادات مان هو ۽ ابوتراب جا ڏاڏا آهن. هنن ٻنهين قيمتي گوهرن مان پهريون شيخ اويس اوراد- دعوات- اذڪار- اشغال ۽ جواهر خمسہ جي رمزن جا عالم آهن. ٻيو نمبر بہ مشائخ طريقت جي عادتن ۾ صفتن سان ظاهر ۽ باطن ٻنهين ۾ ڪامل رهن تا. خدا ڪري حال ۾- ڪمال ۾ ۽ آل ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿئين. هتي احمدآباد ۾ سندن خليفن مان بہ صاحب آهن هڪڙو شيخ وجيهہ الدين احمد علوي جن جي فيض سان علم ۽ عرفان جي طالبن جون دليون زنده ۽ زبانون ڳالهائڻ واريون ٿيون آهن. ٻيو شيخ علي شير بنگالي آهي انهن جواهر خمسہ جو انتخاب ڪيو ۽ عمل ۾ آندائون گهڻن علمن ۾ ماهر هئا. خاص ڪري علم هيئت- نجوم- حڪمت وغيره ڇگي طرح ڄاڻندا هئا. علم جي مسئلن جي مغز کي پهتا هئا. پاڻ جام جهان نام جي هڪ شرح مفيد لکي ان کي معرفت جي شراب سان پريو اٽن. سوانح امام غزالي تي بہ غوث الاولياءجي حڪم سان هڪ محققانہ شرح لکي اٽن.

سنيل: ۾ شيخ محمد عاشق حق جي طالبان جي رهنمائي ڪن تا.

www.maktabah.org

اجمير: ۾ مولانا عبدالفتاح ناگوري، ماڻهن جا مشڪل حل ڪندا هئا.

سرهند: ۾ شيخ محمد جمال ارشاد جي مسند ڪي حسن بخشيو آهي.

ڪالپيءَ: ۾ شيخ جلال واصل، سلوڪ جي راه وارن ڪي منزل مقصود تي پهچائيندا هئا.

بدولي: شيخ جيو عبدالحي نالو هئن. هي هڪ عرصي تائين گواليار ۾ بہ خداپرستيءَ جو طريقو عمل آڻي چڪا آهن.

بيجاپور: دڪن ۾ شيخ شمس الدين شيرازيءَ دانش مندیءَ ڪي رونق بخشي.

اجين مالوه: ۾ شيخ احمد متوڪل ۽ شيخ عالم پنهنجو پاڻ ڪي خدا جي سپرد ڪري ڇڏيو آهي.

سارنگپور مالوه ۾ شيخ منجهن هو ڪتابي علم ۽ قلبي وجدان جو بنياد شهر وارن جي دل ۾ پهريائين انهن ئي رکيو هو ٻيو شيخ عمر آهي. علم- عرفان- توحيد ۽ طريقت جي جواهرن جي گويا ڪاڻ سمجهڻ گهرجي. پنهنجي وقت جا استاد ۽ مرشد هئا. سلمہ الله تعاليٰ.

شيخ ابوالمؤيد محمد المقلب من عندا لله بالغوث رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

پاڻ خطيرالدين جا فرزند هئا جيڪو شيخ فريدالدين نيشاپوريءَ جي نسل مان آهي. انهيءَ ترتيب سان خطير الدين ابن عبداللطيف ابن معين الدين قتال ابن خطيرالدين ابن بايزيد- ۽ بايزيد شيخ عطار جا وڏا پٽ آهن. قدسناالله بااسرارهم. پاڻ ولايت محمديءَ جا جانشين آهن. انوار صمديءَ جو نزول ۽ اسرار رباني جو ظهور سندن بابرڪت ذات تي هو. ٻنهين قسمن جا يزداني ڪمال انهن ۾ ملن ٿا. ظاهري ۽ باطني ٻنهين سلسلن جي پيرن جي خلافت ۽ شهادت ۽ غيب، ٻنهين جهانن جي مشائخن جي اجازت نين حاصل هئي. هڪ رسالو جواهر خمسہ سندن تصنيف مان آهي. ان جي ديباچي ۾ پاڻ پنهنجا ڪجهہ حالات ۽ گذريل واقعات هيئن لکيا آهن:

www.maktabah.org

"هوش جي زماني جي شروعات هئي ۽ مونکي خدا طلبيءَ جو درد پيدا ٿيو ۽ اهو منهنجي سڄي دل تي حاوي ٿي ويو. هن آيت ڪريمہ وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا جي مفهوم سان اميد ٿي پوءِ مون رياضت شروع ڪئي. انهيءَ رياضت جي بدولت ڪائنات جي جواهرن جي ڄاڻ ٿي. مگر ايتري نہ ٿي جيتري خواهش هئي. ڪنهن جي بہ ڪوشش بيڪار نہ ويندي آهي. بحڪم آيت اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى يُثْرَيٰ ڪيترا دفعا مونکي خواب جي حالت ۾ آگاه ڪيو ويو تہ توکي سلطان الموحدين شيخ ظهور حاجي حميد حضور جي ملازمت سان پنهنجي ڪاميابي گهرڻ گهرجي ۽ تہ تنهجي مقصدن جا تالا حاجي حميد جي تلقين سان ئي کلندا. هن غيبي خوشخبريءَ تي پروسو ڪري مون جسم ۽ جان حقيقي رهنما حاجي حميد جي تلاش ۾ وقف ڪيا. الله جلشانہ جو شڪر ۽ احسان آهي جو مونکي نگرانيءَ جو رنج نہ ڪٽڻو پيو ۽ منهنجي ڪوشش جو وڻ وجدان جي ثمر سان بارآور ٿيو. ۽ حاجي حميد جي پاڇي ۾ نقصان جي اثرات ڪان آزادي ملي وئي. انهيءَ وقت خواجہ احمد جي خدمت ۾ جيڪو حاجي صاحب جو خاص محرم ۽ مخلص رفيق هو. حاجي صاحب فرمايو تہ هي شخص جيڪو هوشياريءَ جي باغ جو نئون سياح- طلب جي باغيچي جو نونهال ۽ شوق جي جنگل جو نئون مسافر آهي. اُهو باڪمال نوجوان آهي جنهن جي نسبت حضرت خاتم النبوت عليہ الصلواة والسلام جن هن سلسلي جو فرزند ٻنائي احسان ڪيو آهي ۽ هن تقرير جي آخر ۾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ پڙهي پنهنجي بيعت ۽ عقيدت جي شرف سان مونکي سرفراز فرمايو ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ باطني علمن جا جواهر منهنجي دل ۾ لاهي ڇڏيا ۽ ظاهري عنايات جا موتي منهنجي حوصلي جي ڪاڻ تي ايثار ڪيا تيرهن سال ۽

www.maktabah.org

چند مهينا ڪوهستان چنار ۾ گوشي نشيني ۽ چلہ ڪشي ڪرڻ لاءِ اجازت ڏنائون. مون قبول ڪري ازلي توفيق جي مدد سان مقرر مدت کي انهيءَ طريقي تي جيئن جواهر پنجگانہ ۾ مذڪور آهي عمل ڪري پورا ڪيم اڪثر باطني اسرار ۽ ظاهري اطوارن کي تحرير ۾ آڻي ان جو نالو جواهر خمسہ رکي فهرست ۽ فوائد سان مرتب ۽ مڪمل بنايم. ان وقت فقير جي عمر ٻاويهہ سال هئي جو ظاهري مرشد ۽ معنوي پيءُ جو پاڇو مون تي پيو. مون انهيءَ پنج گوهرن جي ڪاغذي دٻي کي دست آويز بنائي پنهنجي خلوت جي زماني جي ڪيفيت عرض ڪئي. پير حد ڪان وڌيڪ عنايت ۽ التفات فرمائي پنهنجو خاص پيراهڻ کي درويش جي خلافت جو خلعت بنايو ۽ بيان ڪيو. هي رسالو اهڙو خزانو آهي جو جنهن ڏينهن لمن الملڪ اليوم جي ندا ٿيندي ان ڏينهن تائين سيني اهل ولايت کي وجدان ۽ عرفان جو سرمايو حاصل ڪرڻ لاءِ دستور العمل بنجي مددگار رهندو".

چون ٿا تہ هجري سن نو سؤ ستيتاليهہ ۾ افغانان سور جو غلبو ٿي ويو هو. جيڪي شير خان سور جي سردارن مان هئا. ۽ انهيءَ سبب ڪري نصيرالدين همايون شاهہ تيموريءَ صوبي دهليءَ ۾ يڪسوئي اختيار ڪئي هئي. ان وقت غوث الاوليا بہ گجرات ڏي هجرت ڪري ويا هئا. هتي گهٽا استعداد جا صاحب سندن خدمت سان انساني ڪمالات تي پهچي ويا هئا. جيڪي فنا في الله ۽ بقا بالله آهن. وڏو گهر ۽ وڏي خانقاه تيار ٿي وئي. هي مقام اڃڪلهہ دولت خانہ جي نالي سان مشهور آهي.

شيخ محمود جلال فرمائيندا هئا تہ جڏهن غوث الاولياءگجرات ۾ اچي پهتا تہ بادشاه وقت جي طرف کان هي صحيفو پهتو:

"هٽن چمڙ جي آداب کان پوءِ عرض هي آهي تہ قديرلم يزل جي عنايت سان تقديري مشڪلات کان حضور جن جي ۽ سيني درويشن جي توجہ ۽ دعا جي صدقي آسانيءَ سان ڪيي ورتو ۽ فتني سان پريل زماني جي واقعات سان جيڪي ڪجهہ پيش

www.maktabah.org

آيو انهن مان کجهه به آزار دل ۽ دماغ تي اثر نه ڪيو. سواءِ توهانجي خدمت ۾ حاضر نه ٿيڻ جي ۽ هر قدم تي انديشو هو ته ڏسجي ته اهي ديوزاد ماڻهو حضور جي ذات ملوڪ صفات سان کهڙو برتاءُ ڪن. جڏهن معلوم ٿيو ته حضور به ملڪ گجرات کان هجرت فرمائي ويا ته پوءِ انهيءَ فکر کان به دل آزاد ٿي وئي ۽ هميشه سچي اعتقاد سان اميدوار آهيان ته جهڙي طرح الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان آفت جي مصيبت کان ڪڍي آزاد ڪيو اهڙي طرح ظاهري تڪليف کان به ڇوٽڪارو بخشيندو.

سبحان الله- انهيءَ حقيقي رهنما جي دلنشين تلقين جو شڪر کهڙي طرح ادا ڪيان جو پريشانيءَ جي ڪثرت جنهن جسم کي چٹني پاسن کان جکڑيو آهي ان جي باوجود قلب جي جميعت ۽ وحدت ۾ ذري جيترو به فتور پيدا نه ٿيو آهي. دعاءِ خير جي قافلي جي آمدورفت ۽ رستو اڇڻ وڃڻ جو هميشه جاري رهڻ گهرجي".

جواب:

"سلطاني خط ۽ همايوني صحيفو پهتو. هتان جي مخلصن کي زندگانيءَ جي مبارکباد ڏني. ۽ جيڪي اصحاب ملازم آهن انهن جي به خيروعافيت معلوم ٿي. جيڪي کجهه اوهان لکيو آهي حقيقت ۾ ائين ئي آهي. ان ۾ ڪنهن قسر جو تڪلف ڪونهي. خلاصو ڪلام هي آهي ته الله تعاليٰ غم جي واقعات وقت شال پريشان نه ڪري. جڏهن الله تعاليٰ کي منظور هوندو آهي ته ڪنهن پنهنجي سعادتمند بندي کي ڪمال جي درجي تي پهچائي ته پوءِ جمالي ۽ جلالي بنهين قسمن جي نالن سان ان جي پرورش فرمائيندو آهي. هي جمالي دور گذري ويو هاڻي جلالي وجود جو وارو آهي. وري جلد جمال جي نوبت اچي ويندي. انشاءَ الله تعاليٰ عنقريب مراد جي صورت ظاهر ٿيندي. اول ۽ آخر الله تعاليٰ جو شڪر آهي".

www.maktabah.org

هجري سن نو سؤ ڇويهه هو. ڪجهه سمجهدار خلفا ۽ مخلص اصحابن جواهر خمسه(۵) جي انهن مقامات جي متعلق جيڪي تفصيل ۽ تفتيح جا محتاج هئا عرض ڪيا. جيڪڏهن هن عبارت کي تفصيل سان بيان ڪجي ته استفاده ڪندڙ کي مراد حاصل ڪرڻ ۾ سهوليت ڏني ويندي. پاڻ عرض ڪرڻ وارن جي درخواست قبول فرمائي جهڙي طرح هو چاهن پيا ان کان وڌيڪ واضع ۽ روشن عبارت ترتيب ڏني:

پهريون جوهر- عبادتن جي قسم جي بيان ۾ آهي. نماز- روزو- دعائون ۽ ان کان سواءِ جو ڪجهه هر مهيني ۽ هر ڇنڇر جي ڏينهن ۽ ان جي راتين سان تعلق ٿو رکي اهي سڀ هن جوهر ۾ ذڪر ٿيل آهن. انهن تي عمل ڪرڻ سيني طالبن کي اولياءِ ڪرام جي مرتبي تي پهچائي ظاهر ۾ صفائي ٿا بخشن ۽ باطن کي فيض طريقت جي واسطي مهيا ٿا ڪن. انهن شين جي عاملن کي ابرار چئبو آهي.

ٻيو جوهر- زهد ۽ پرهيزگاري جي طور طريقن جي بيان ۾ آهي. انهن تي عمل ڪرڻ سان عابد ڪامل کي پنجن ئي خطرن جي سڃاڻپ ۽ خطرن جي دور ٿيڻ جي ڄاڻ پيدا ٿي ويندي آهي. خطرن کي سڃاڻڻ مرشد جي ٻڌائڻ سان تعلق رکي ٿو. ۽ انهيءَ جوهر تي عمل ڪرڻ سان بہ خطران جي سڃاڻپ ٿي ويندي آهي. ليڪن خطرن جي رفع ٿيڻ جي علامت هيءَ آهي ته خطرا جيڪڏهن شيطاني آهن ته ڪلمي تمجيد کي ڪثرت سان پڙهڻ سان زائل ٿي ٿا وڃن ۽ جيڪڏهن خطرا نفساني آهن ته گهٽو استغفار پڙهڻ سان دور ٿي ٿا وڃن ۽ جيڪڏهن ملڪي آهن ته تسبيح سبحان ذي الملک والملکوت آخر تائين يارهن دفعا مسلسل پڙهڻ سان دور ٿي وڃن ٿا. اگر روحي آهن ته ڪلمہ طيب گهٽو پڙهڻ سان دور ٿي ٿا وڃن. اگر پوءِ بہ رفع نہ ٿين ته سمجهڻ گهرجي ته خطرا رحماني آهن ته پوءِ خدا جو شڪر ڪثرت سان ڪرڻ گهرجي ته جيئن خطرا مذڪور سالڪ جي دل ۾ ثابت ۽ قائم ٿي وڃن. انهن کي اخيار چوندا آهن.

ٽيون جوهر- هن ۾ اسماءِ اعظم- ادعيہ ماثوره ۽ احزاب شهوره جي دعوت جا اعمال ۽ ان جا شرط مذڪور آهن. جڏهن سالڪ پنهنجي افعال کي مذڪوره بالاجوهرن سان مزين ٿو ڪري ته هي ٽيون جوهر بہ ان تي اضافو ٿو

www.maktabah.org

ڪري ٿ جيئن عالم الاهي جا ۽ ٻيا عظيم الشان حالات سالڪ تي منڪشف ٿين ۽ ان جي دل جي اک ۾ بصيرت جو نور پيدا ڪن ٿ جيئن صوري ۽ معنوي تصرف جي قوت ۽ ظاهري و باطني دولت ان کي حاصل ٿئي. هي جوهر پندرهن فصلن تي ورڊل آهي: (1) دعوت حروف تهجي (2) مقطعات (3) حرفي (4) لفظي (5) ڪليات جزئيات (6) سفير الادم (7) صراط المستقيم (8) حقي (9) اويسيہ (10) مجموعہ (11) خمسہ (12) ڪبيرہ (13) صغيرہ (14) دعوت سيفي- چوڏهين فصل ۾ رد دعوت ۽ دفع سحر جو بيان آهي ۽ پندرهين فصل ۾ چلہ ڪشيءَ جا طور طريقا بيان ڪيل آهن.

دنيا ۽ آخرت جي اعتبار سان انهن دعوتن جا فائدا ۽ ثمر هر هڪ فصل ۾ لکيل آهن. هن فن جو جيڪو طالب هجي اتان معلوم ڪري ٿو سگهي. مطلب ٿ هي جوهر حقيقت جي طلبگار صوفيءَ جي حالت جي تڪميل واسطي گهڻي بي بهاشيءِ آهي. اڪثر الاهي حقائق جا اسرار هن جوهر ۾ اهڙي طرح لکل آهن جيئن سج ڪرن ۾ لکل هوندو آهي. يعني دعوت جو شغل ڪرڻ ڪثرت امڪاني جي بادل کي هواءِ نفسانيءَ جي گروهہ کان بلڪل پري ڪري ٿو ڇڏي ۽ وحدت الوجود جو علم اليقين عين اليقين جي درجي کي پهچائي ٿو ڇڏي.

چوٿين جوهر- ۾ مشرب شطار جو بيان آهي. جڏهن صوفي انهن مٿي ذڪر ڪيل ٽن جوهرن جُي عمل ۽ ڪسب تي قادر ٿو ٿي وڃي ٿ پوءِ ان وقت ان ۾ شطاري مشرب جي چاشني چکڻ جي قابليت پيدا ٿي وڃي ٿي ۽ هن خاص سلسلي جي محرميت جي واسطي مهيا ٿي ٿو وڃي. چو ٿ هي مشرب بين مشربن جي بنسبت بن ممتاز سببن جي ڪري اعليٰ ۽ اخص آهي (اول) هي ٿ هن طريقي وارن جي واسطي نہ فنا آهي نہ فناءِ الفنا. بلڪ هي ماڻهو هر هڪ مرتبي ۾ غير کان گم پنهنجي ذات سان مشهود ۽ بقاءِ البقا سان باقي هوندا آهن (ثانياً) هن مشرب جي تلقين اولاد نبي عليہ السلام والصلواة جي واسطي خاص آهي. جڏهن امام جعفر صادق رضي الله عنہ تائين نوبت پهتي ٿ جيستائين پاڻ جسماني ترڪيب ۾ رهيا، تيستائين پنهنجي عاليشان فرزندن کان سواءِ ڪنهن کي بہ تلقين نہ فرمائيندا هئا ليڪن جڏهن پاڻ ناسوتي سراءِ مان انتقال فرمائي ويا ٿ سلطان العارفين ابويزيد بسطامي سان روحاني فرزندي جي مناسبت هئي. ان ڪري پاڻ روحاني عالم ۾ هن مشرب شطاريءَ

www.maktabah.org

جو اضافو سلطان العارفين کي فرمايو ان کان پوءِ پير بسطام جي هن مشرب جو ارشاد مشائخ طريقت جي سلسلي ۾ آيو.

واضع هجي ته هن جوهر جو مقدمو اذڪار آهن ۽ اذڪار جون ٻہ جنسون اعليٰ آهن. جهر- خفي، پهرين جنس ذڪر جهر جون ڇهہ نوعيتون آهن (1) نفي اثبات جو ذڪر آهي ۽ نفي اثبات جا ڇوڏهن افراد آهن (2) صرف اثبات جو ذڪر آهي. هن جا ڏهہ قسم آهن. (3) اسم ذات جو ذڪر آهي. هن جا ڏهہ افراد آهن (4) اسم هُو جو ذڪر آهي هي ستن افراد ۾ منحصر آهي (5) ڪجهہ ذڪر جن جا نالا مرشدن ان جا آثار ۽ مناسبت ڏسي رکيا آهن. جيئن ذڪر لاهوتي- ذڪر ملڪوتي- ذڪر جبروتي- ذڪر ناسوتي- جنهن جا ثمرات انهيءَ عالم جي حقائق جو ڪشف آهي اُهي ڇويهہ آهن ۽ هي چار ملي ٽيهہ فرد ٿي ٿا وڃن (6) اُهي ذڪر آهن جن کي مشائخن ڪشف جي زور سان پڪين جي آوازن مان معلوم ڪيو آهي. هي چار فرد آهن ۽ انهن جا نالا انهن پڪين ڏي منسوب آهن جن جا اُهي آواز آهن. ذڪر چغد- ذڪر عنقا- ذڪر فاختہ ۽ ذڪر شڪر خواره.

پي جنس ذڪر خفيءَ جون ٽي نوعيتون آهن (1) پاس انفاس- هن جا ست قسم آهن (2) ذڪر قلب هن جا ٽي افراد آهن (3) ذڪر استيلا- هن جا ٻہ قسم آهن. جيڪڏهن هي ذڪر ضرب سان آهي ته ان کي استيلاءِ عشقيہ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن بغير ضرب جي آهي ته ان جو نالو استيلاءِ نقشبنديہ آهي.

ذڪر جون ٻہ جنسون جيڪي مٿي ذڪر ٿي چڪيون آهن. جلسہ- ضرب- ڪشش- ڪوب- تصور- الفاظ ۽ ثمرات جي اعتبار سان هنن جنسن جون نَوَ نوعيتون ۽ ستاسي فردين ٽين ٿا. انهن کي مشرب شطار جي جوهر سان مطالعو ڪري ياد ڪرڻ کپي. جي هڪ موزون ترتيب سان لکيل آهن. هن رسالي ۾ ته صرف درويشن جي ظاهري حالت ۽ ماجرا جو بيان نموني جي طور تي لکيو ويو آهي. ٻين علمن ۽ فنن جي مقصدن ۽ مسئلن جو جتي ذڪر اچي ٿو وڃي. اُتي صرف ضروري مقدار تي اکتفا ڪيو ٿو وڃي.

جڏهن ذڪر جي تحصيل جي بدولت صوفيءَ جو قلب ڪمال درجي تي پهچي ٿو وڃي ۽ صوفي اشغال ۽ مراقبن جي رياضت ۾ ڪوشش ڪري ڪمالات اسمائيءَ جو مظهر ٿي ٿو وڃي ۽ سِ ڪي پنهنجي ذات ۾ ۽ پنهنجي ذات کي سِ ۾ مشاهدو ٿو فرمائي ته پوءِ پنجين جوهر جو عمل شروع ٿو ٿئي.

www.maktabah.org

پنجين جوهر ۾ اشغال ورثہ الحق جو بيان آهي. واضع ٿئي تہ سالک کهڙي وقت ورثي کي پهچي ٿو ۽ اهي کهڙا سبب آهن جن جي بنياد تي سالک وارث حق ٿي ٿو سگهي. اُولٰٓئِکَ هُمُ الْوٰرِثُوْنَ جي خوشخبري وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ جي بشارت فرما زبان سان ان سالک جي باري ۾ خاص سمجهي وڃي. هاڻي معلوم کرڻ گهرجي تہ وارث جون ٻہ نوعيتون آهن. صوري ۽ معنوي- صوري وارث کي ورثي جو پهچڻ مورث جي موت سان مشروط ۽ موقوف آهي ۽ معنوي ورثي ۾ هيءَ صورت محال آهي. پوءِ ٻنهين قسمن جي ورثن ۾ جيڪا مناسبت آهي. اُها اِها آهي تہ بغير محنت ۽ ڪم جي شيءِ جو حاصل ٿيڻ ۽ آثارن ۾ تصرف کرڻ- صوري ورثي جي لاءِ ظاهري قبضو ۽ استفاده ٿيڻ لازم آهي ۽ معنوي ورثو باطني عطيات مان هک عطيو آهي. جنهن جو ادراک سواءِ ارباب دانش ۽ عرفان جي ٻئي کنهن کي نہ ٿو ٿي سگهي. اَعْطِيْ کُلَّ ذِيْ حَقٍّ حَقَّهٗ ۽ اَلْوَلَدُ سِرٌّ لِاَبِيْهِ اهڙي ئي وقت ۾ ۽ اهڙي ئي مقام تي ظاهر تا ٿين. اشغال ورثہ الحق جو شمار هن طرح آهي (1) صورت بند جي بيان ۾ (2) مشاهدي جي بيان ۾ (3) دل جي تصور کرڻ جي بيان ۾ (4) روحاني تصور کرڻ جي بيان ۾ (5) شين جي حقيقت جي معرفت جي بيان ۾ (6) فنا ۽ شهود جي بيان ۾ (7) صفات سبعہ جي بيان ۾ (8) وحدانيت ذات جي بيان ۾ (9) تصور عالم خفيءَ جي بيان ۾ (10) مبدءَ و معاد جي بيان ۾ (11) حضرات خمس جي بيان ۾ - اشغال جو بيان ختم کرڻ کان پوءِ توهان هن جوهر کي هک موحدانہ- عارفانہ- محققانہ ۽ عاشقانہ مناجات تي ختم فرمايو آهي. ان جا چند فقرا نموني جي طور تي لکيا تا وڃن:

احدا توحيد صرف وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ جي توحيد کي ما ۽ من جي صورت ۾ اسان تي ظاهر نہ ڪر. چو جو هي نشونما جيڪا ٻہ آهي تنهنجي صفتن جون تجليون آهن.

صمدا- غفلت جي سبب ڪري جيڪي ڪجهہ اسان جي سرن تي گذري ويو. ان کي هوشياريءَ ۾ قرار ڏئي گرفت نہ ڪر. خود ئي فَهُمُ الْغَافِلُوْنَ چئي قبول ڪر. ۽ لَا تَکُنْ مِّنَ الْغَافِلِيْنَ فرمائي اسانجي دستگيري ڪر

www.maktabah.org

عَلِيْمًا- جڏهن اسين پلجي وجون ٿا بحکم وَاذْكُرْ رَبَّكَ اِذَانَسِيْتَ هوشياريءَ ۾ اچڻ جي توفيق ڏي. ۽ انهيءَ هوشياريءَ کي نَسُوااللهَ فَانْسٰهُمْ اَنْفُسَهُمْ فراموشيءَ ۾ تبديل ڪري انسان کي وساري نه ڇڏ.

قَدِيْمًا- تو جيڪا شيءِ انسان جي بناوت ۾ رکي ئي نه آهي ان شيءِ تائين انسان جي انديشي کي پهچڻ ئي نه ڏي ۽ جيڪا شيءِ انسان جي استعداد ۾ داخل آهي اها شيءِ انسان جي سامهون ڪر."

مطلب ته جڏهن وڏن وڏن ماڻهن جي التماس سان ٻيو نسخو تيار ٿيو ته پاڻ فرمايائون ته پهريون نسخو جتي به هجي هن ٻئي نسخي سان تصحيح ڪري ان جي مطابق ڪيو وڃي. چون ٿا ته ان کان پوءِ تقريباً ڇهه سال گجرات ۾ قيام فرمايائون ۽ فيض جاري رکيائون. جڏهن هجري سن نو سؤ ٽيهه آيو ۽ همايون جا جهنڊا ملڪ هندستان ۾ وري اچي نصب ٿيا. همايون جي پٽ اڪبر بادشاهه شاهي تاج پنهنجي مٿي تي رکيو ته غوث الاولياءبه الله جل شانه جو شڪر بجا آندو ۽ گجرات کان گواليار ۽ گواليار کان دهليءَ ڏي تشريف فرما ٿيا. بادشاه گهٽيون ئي تعظيم جون رسمون ادا ڪري استقبال ڪيو. ان کان پوءِ پاڻ ست سال ٻيا به جسم سان تعلق رکيو. پوءِ هجري سن نو سؤ ستر ۾ زندگيءَ جي ٻيڑيءَ کي وحدت جي جزيري ۾ بيهاري ۽ هن قيد جي عالم جي سير و سياحت کان فارغ ٿي عالم اطلاق جي جنت ڏي روانو ٿيو.

اوراد غوث الاولياء ۾ لکيل آهي ته جڏهن حضرت شيخ ظهور حاجي حصور جن تعليم ۽ تلقين واسطي هن درويش کي قبول فرمائي خلافت جي خلعت عطا فرمائي ۽ ڪوهستان چنار ۾ رهي چله ڪشي ڪرڻ جي اجازت ڏني ته گنگا جي ڪناري تي مون هڪ سال چلي جي نيت ڪئي. جڏهن سال پورو ٿيڻ تي آيو ته هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ گهٽيون منٽون ڪيائين ته مونکي پنهنجو مريد ڪر. مون گهڻو ئي منع ڪيو ليڪن هو مسلسل اصرار ڪندو رهيو مجبوراً مريد ڪيومانس ان جو نتيجو هي ٿيو ته ٽن مهينن تائين مهلڪ بيماريءَ ۾ مبتلا رهيس. جنهنڪري گهڻا اعمال ۽ اشغال پورا نه ڪري سگهيس. اهڙي طرح ٽي دفعا بلا ۾ گرفتار ٿيس. هي حال ڏسي يقين ٿيم ته اجا مان خلافت

www.maktabah.org

جي تخت تي وهڻ جي لائق نہ ٿيو آهيان. ان ڪري هاڻي ڪنهن کي مريد نہ ڪندس. مگر هيءَ خلش دل ۾ ضرور رهندي هئي تہ دنيا جي اندر بي شمار مشائخ سلسلہ بيعت جاري رکندا آهن مگر انهن کي ڪو آزار نہ پهچندو آهي ۽ توکي هي آزار بيعت جي سبب پهتو آهي ان جو سبب ڇا آهي. هڪ هاتف مون کي اطلاع ڏنو تہ تون رسمي پير نہ آهين. ڪجهہ ڏينهن انهيءَ عمل تي صبر ڪر تہ جيئن حقيقتاً پير طريقت ٿي وجين. بيشڪ مان جڏهن سڀ قسم جون رياضتون ڪري چڪس ۽ باطني عالم ۽ مشائخ سلف جي ارواحن کان قدسنا الله باسرارهم بشير حقيقي ۽ نبي آخرزمان صلي الله عليہ وسلم جن جي اشاري سان خلافت جو خرقو پائي ورتم ۽ مريد ڪرڻ سان جيڪو آزار ۽ آفت ڏسندو هئس ان کان آزادي ملي وئي، تہ پوءِ هاڻي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ رسمي ۽ معمولي اصحابن کان علاوه جيڪي ماڻهو اهلِ حقيقت هوندا آهن. انهن کي جيستائين ظاهر ۽ باطن پيرن کان اجازت نہ ٿي ملي ان وقت تائين اهي حقيقي بيعت وٺڻ جي قابل نہ آهن. هن خلافت جي تفصيل شائقين انهن چند مڪاشفن مان معلوم ڪري تا سگهن جيڪي ذڪر ڪيل نسخي جي آخر ۾ لکيل آهن.

مٿي ذڪر ڪيل بن نسخن کان علاوه سندن حالات ۽ مقامات جي متعلق چند ٻيا ڪتاب بہ سندن قلم سان لکيل آهن جن جا نالا هي آهن:

(3) ڪليد مخازن: عجيب و غريب رسالو آهي. مبدءَ و معاد جي متعلق هن ۾ علوي ۽ سفلي شين جي متعلق حقيقتون توحيد صوفيہ جي مشرب ۽ ڪشفي تحقيق جي اصول تي بڏايون ويون آهن ۽ ارباب فنا ۽ بقا جي پسند مطابق- عيني ۽ علمي موجودات جي شناخت ڪشف ۽ معائنہ جي ذريعي ڪئي وئي آهي چون تا تہ احمد آباد گجرات ۾ هي ڪتاب مير عبدالاول جي هٿ اچي ويو هو. مير عبدالاول وڏو معرفت وارو عالم هو جڏهن مير هن رسالي کي پڙهيو ۽ رسالي جي مغز جو مزو ورتو تہ رسالي جي متعلق هن طرح غوث الاولياءجي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ حڪمت ۽ هيئت جا چند مسئلا جيڪي دشواريءَ سبب حل نہ پيا ٿين اُهي هن مشڪل ڪشا رسالي جي ڪري آسان ٿي ويا.

(4-5) بہ صحيفا ضمائر ۽ بصائر بہ سندن تحقيق جي قلم سان لکيل آهن هن ۾ تصوف جي علم جي موضوع- مبادي- مسائل ۽ مقصدن جو بيان آهي ۽ وڌيڪ هن علم جا حقائق ۽ معاملات ظاهر ڪيا ويا آهن.

www.maktabah.org

(6) هڪ ڪتاب بحرالحيوة- جريده دستور العمل طائفہ و سنياسيءَ جو ترجمو- هن ۾ باطني اعمال- تصوري اشغال باس انفاس جو ذڪر ۽ انهن ڪان علاوہ ٻين بہ ڪيترن قسمن جي رياضتن جو بيان ڪيل آهي. جن جي ڪري روح جي لشڪر ڪي جسر جي سپاھ تي فتح ملي ٿي. جوگين ۽ سنياسين جون بہ جماعتون رياضت مندون- گوشہ نشينون ۽ رهبانن جا سر گروہ آهن ۽ انهن ئي شغلن ۽ ذڪر جي برڪتن سان استدراج ۽ خرق عادات جي درجي تي پهچي سوال ڪندڙن جي ضميرن جا اطلاعات ڏيندا آهن. پاڻ هنن سيني معنائن ڪي سنسڪرت عبارت سان اخذ ڪري فارسي لباس پارايو آهي. هن ڪتاب جي مضمونن مان زنار ٽوڙي ان ڪي توحيد ۽ اسلام جي تسبيح گردن ۾ وڌي آهي. ۽ حقيقي ايمان جي قوت سان انهن مفهومن ڪي تقليد جي قيد مان ڪڍي صاحب تحقيق صوفين جي اذڪار ۽ اشغال سان ملايو آهي. هي بلڪل سچ آهي تہ قيمتي جواهرات وڏن تاجن ۾ لڳل هئا جيڪي اولائڪ كالانعام بل هم اضل جي مثل هئا. اُهي جواهرات پارائي پاڻ اکيڙي انهن جو ڇڪو بنائي انهن باعزت تاجن ۾ لٽڪايا آهن جيڪي انَ الدين عندالله الاسلام ۾ داخل آهن. لله الحمد دائماً- اميد تہ هن ڪتاب جا حالات ٻڌڻ وارن ڪي جيڪو گمان ان جي وصف ٻڌڻ سان پيدا ٿيندو ان ڪري ڪشش سبب ڪتاب کي ڏسڻ ۽ غور ڪرڻ ڪان بعد ۾ ڪيس يقين جي درجي تي پهچائيندو.

(7) هڪ ڪتاب ڪنزالوحدت آهي ۽ هي ڪتاب غوث الاولياءجو آخري ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ توحيد ڪشفي ۽ حقيقي ايمان جو هي بيان آهي:

"چون ٿا تہ ايمان جا قسم اهل ذوق جي نزديڪ پنج آهن.

(1) ايمان تڪليفي آهي. جيڪو سيني ڪي عام هوندو آهي ۽ جيڪو بني نوع انسان جي سيني فردن ۾ شامل آهي خواه اُهي مومن هجن يا ڪافر.

(2) ايمان تقليدي عام آهي، جيڪو هر مومن ڪي آهي خواه اُهو مقلد هجي يا محقق.

(3) ايمان استدلالي خاص آهي جنهن سان علما ۽ مومن خصوصيت رکن ٿا.

(4) ايمان حقيقي آهي جنهن ۾ ٽئين قسم جي ايمان ڪان وڌيڪ خصوصيت آهي ۽ هن ايمان سان اوليا مومنين متصف آهن.

(5) ايمان عيني ذاتي آهي هن قسم جو صاحب ايمان ولايت محمديہ سان

www.maktabah.org

خاص ۾ خلاقت حقيقت جي تخت تي وينل هوندو آهي. بصيرت جي اک سان احديته مطلقه کي ۾ سر جي اک سان وحدانيته خاص جو لحاظ رکي کري کثرت کي ڏسندو آهي.

واضع هجي ته هي جامع مقام جنهن شخص کي حاصل هوندو آهي اهو شخص انهيءَ دور ۾ سڄي روءِ زمين تي هک ئي هوندو آهي. پوءِ جيکي دور اسان کان اڳ گذري ويا انهن ۾ سلطان المحققين برهان العارفين شيخ محمد المخاطب الغوث هئا جيکي عطاري نسب ۾ شطاري مشرب جا هئا. الله تعاليٰ سندن اسرارن ۾ تقدس عطا فرمائي. پوءِ ان کان پوءِ رئيس المحدثين شيخ محمد ابن ابي الحسن بکري. شافعي مصري هئا.

الله تعاليٰ انهن بنهين پيءُ پٽن جي روحن کي مقدس فرمائي ۽ هنن بنهين اصحابن جي انفاس جي برڪتن کي اسان جي مٿان وهائي ڇڏي ۽ جنهن دور ۾ اسين آهيون ان ۾ **عين الزمان مسيح العاشقين شيخ عيسيٰ بن قاسم سندي** آهن. الله تعاليٰ جل شانهُ سندن هدايت جو پاڇو انهن اصحابن جي مٿان رکي جيکي هن مٿي ذکر کيل ولايت جامع (محمد مصطفيٰ صلعم) جي جمال جا مشتاق آهن. سندن مٿان ۽ انهن صاحبن جي مٿان درود ۽ سلام الاهي نازل ٿين. جن مع متعلقات قرآن جي حڪم جي بموجب عالم جمع ۽ عالم فرق جي ادراڪ ۾ ڪشف جي ذريعي سان سندن تابعداري ڪئي آهي.

شيخ عبدالمومن رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ محمد ابن شيخ جليل چشتيءَ جا فرزند آهن. ظاهري ۽ معنوي بنهين ملکن جو پاڻ سير ڪيو هئائون. خليل عليه السلام جي گهر ۽ جليل جي گهرن جا پاڻ حاجي هئا. چون تا ته سندن وڏي ڏاڏي شهر منڊو (مانڊوءَ) مان لڏي وڃي دهليءَ کي وطن اختيار ڪيو. شيخ عبدالمومن کي خلاقت جو خرقو پنهنجي والد بزرگوار کان مليو هو. کين بارهن سالن جي عمر ۾ خداشناسي ۽ خدا پرستن جي ديدار جي آرزو گهر مان ڪڍي اجمير ڏي وٺي وئي هئي. هتان کان پاڻ بيت الله شريف جي طواف جو احرام ٻڌي حج تي هليا ويا. حج جا ارڪان ادا ڪرڻ کان پوءِ بارنهن سالن تائين مختلف ملکن جو سير ۽

www.maktabah.org

سياحت ڪري وري اجمير واپس آيا ۽ چنڊ جا ڇهه مهينا خواجه معين الاولياءَ جي روضي جي آستاني ۾ اعتڪاف جي طريقي تي گذاريائون ۽ پنهنجي آرزوءَ ۾ ڪامياب ٿيا هتان کان آگري ۾ رهڻ جي هدايت ملي چنانچه انهيءَ بنياد تي پاڻ انهيءَ ئي فرمايل جاءِ (آگري) ۾ قيام جو بنياد قائم ڪيائون. ان وقت سلطان سڪندر لوڌيءَ جي سلطنت جو زمانو هو. سندن عمر نوي سال هئي. انهيءَ نوي سالن ۾ جيڪو عمر جو باقي حصو رهيو هو اهو آگري ۾ رهي درويشي ۽ خدائي پرستش ۾ گذاريائون. بي شوال هجري سنه نو سؤ ايڪهتر تي عنصري ويران سراءِ کي ڇڏي نوراني آباد بستي ڏي ڪوچ فرمايائون.

شيخ سراج رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ شيخ عبدالملڪ جا وڏا پٽ هئا. علم- عرفان ۽ معاني سندن ذات ۾ پريل هيون. جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪيائون. جڏهن خاڪ جي سپرد ڪيا ويا تہ سندن والد فرمايو تہ اڄ علم جو پيڪر خاڪ ۾ ملي ويو.

قاضي قطب مجذوب رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ قاضي ڪدن ابن قاضي سعدالله شرف جهانيءَ جا قريشي نسل پٽ هئا. سندس پيدائش جي جاءِ چنديري آهي. عيسوي ملڪ ۽ اويسي ولايت تي سندن قبضو هو. جنهن سال چتور جي رانا چنديري فتح ڪئي هئي. انهيءَ ئي سال پاڻ ڪالپيءَ ۾ اچي گهر ٺاهيو هئائون. جوانيءَ ۾ سڄو وقت نماز ۾ مصروف رهندا هئا. هميشہ نصيحت ڪرڻ ۽ حق چوڻ ۾ سخت ڪوڙي ڳالهه چوندا هئا ۽ ان ڪي مجائڻ لاءِ پٽر ۽ لٺ کان ڪر ونندا هئا. سندن انهيءَ قسم جي روش ۽ رفتار ڪري ماڻهن ۾ نفرت پيدا ٿي هئي. هڪ ڏينهن پاڻ حلوو ٻاهران گهر ڏي موڪليائون جڏهن گهر وجي پنهنجو حصو گهريائون جواب مليو تہ اُهو تہ ڪاڇي ويو. پاڻ فرمايائون تہ جنهن ڪاڏو آهي اُهو مري وڃي. ٽن ڏينهن جي اندر سڀ گهر وارا مري ويا. آخر ۾ سندس اهو حال ٿي ويو جو هوش جذبي جي ۽ جواني ڪراڙپ جي سپرد ڪري ڇڏيائون ۽ خاموشيءَ جي عيوض ڳالهائڻ وڪٽي ڇڏيائون. ليڪن نماز پڙهڻ جي سندن عادت نہ وئي. حالانڪ وقت ۽ رڪعتن

www.maktabah.org

جي خبر ۾ هوش نہ رهندو هئن هر روز صبوح جو گهر مان نڪري جهنگل ڏي هليا ويندا هئا ۾ پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ ڪاٹيون ڪري ايندا هئا. هڪ ڏينهن صبح جو درٻان جو تالو نہ کوليو تہ پاڻ قلعي جي ديوار تي چڙهي پاڻ کي هيٺ ڪيرايائون. درٻان خيال ڪيو تہ هڙو ڪمزور ڪراڙو هڙي مٹاهين قلعي تان هڪ اونهيءَ کڈ ۾ ڪرڻ کان پوءِ ڪاٹي ٹو زنده رهي سگهي. خير مٹي چڙهي ڏنائين تہ پاڻ اڳي کان وڌيڪ تيز هلي رهيا هئا. چون ٹا تہ هڪ دفعي گهٹي جستجوءَ کان پوءِ ٹن ڏينهن بعد جهنگل ۾ مليا. ڇا ڏنائون تہ پاڻ هڪ پٹر تي نماز پڙهي رهيا هئا. دريافت ڪيو ويو تہ توهين ڪٹان ڪائيندا رهيا. جواب ڏنائون تہ اُهائي ٻانهي ڪاڏو ڏيندي هئي جيڪا هر روز ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن ۾ جيڪڏهن ڪيترا دفعا ٻہ ڪاڏو ڏنو ويندو هو تہ ڪائي ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪيترا ڏينهن ڪاڏو نہ ملندو هئن تہ گهرندا نہ هئا. تجريد جي صاحب مبارڪ خان هرومي۽ جا دوست هئا. هجري سن نو سؤ ستر ۾ ماٹهن جي نظرن کان خضر ۽ وانگر مخفي ٿي رهيا. گهٹي ڳولا ڪئي وئي مگر ڪو پتو نہ پيو.

قاضي قطب مجرد رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

کين زمان ۾ مکان ط ڪرڻ جي قدرت حاصل هئي. مهوبہ قصبو سندن دائمي آرامگاه آهي. قاضي موسيٰ مجرد چشتيءَ جا مريد ۽ قاضي سعدالله شرف جهانيءَ جا پير آهن. هڪ ڏينهن قاضي قطب جي پير مريد کي گوڏ ٻڌندي پري کان ڏسي ورتو فرمايائون تہ تمام مضبوط ڪري ٻڌ گهرجي. پاڻ جواب ڏنائون تہ جيڪڏهن پير جو حڪم هجي تہ ٻنهين جهانن لاءِ ٻڌي ڇڏيان پير فرمايو تہ نہ صرف هن عالم ۾ جنهن ۾ تون ۽ مان ٻئي مجرد جي وصف کان مشهور آهيون. بهتر اهو آهي تہ تجرد جي چادر کي مجرد جي ڪنڌ تي ناز هجي ۽ احمدي ولايت جي مندبي ان جي آگر ۾ چمڪي. چون ٹا تہ گهٹن ماٹهن جي خواهش هئي تہ ساٹن گڈ نماز ادا ڪن. جڈهن پڇو ويندو هو تہ چوندا هئا تہ مون کي معاف ڪيو. جنهن مسجد ۾ گهٹي جماعت هوندي آهي اتي پهچي ويندو آهيان. مهوبہ ڳوٹ جي هڪ پوڙهي حج ڪرڻ وئي. مکي مان قافلو

www.maktabah.org

هليو آيو ۽ موسر گذري وئي ان کري مکي ۾ رهجي وئي. هڪ ڏينهن گهٽو تنگ دل ٿي ۽ رڙيون کري پکاريڻ لڳي ته کيئن پنهنجي وطن پهچندس. هڪ بزرگ مهرباني کري کيس چيو ته غم نه کر قاضي قطب پنج ٽي وقت حرم محترم ۾ ايندو آهي. توکي ٻڌائيندس. جڏهن پوڙهيءَ جي نظر قاضي صاحب تي پئي ته هن قاضي صاحب جو دامن پکڙيو ۽ اکين مان آب هاري فرياد ڪرڻ شروع کيو. ايتريقدر جو قاضي صاحب کي انکار ۽ بهاني جي گنجائش نه رهي. چيائون ته اک بند کر. بس اک بند ڪرڻ مکي ۾ هئي ۽ کولڻ پنهنجي گهر ۾ اهڙيءَ طرح هيءَ گذريل کيفيت پوڙهي ضبط کري نه سگهي ۽ ماٺهن جي زبان تي اچي وئي.

هڪ بزرگ سيد مينا هو. فنا في الله جو مرتبو حاصل هئن، جڏهن پاڻ جسماني زندگيءَ کي ڇڏي ابدي زندگيءَ ڏي هليا ته عام ماٺهن جون زبانون گهٽ وڌ بکڻ لڳيون ته هڪڙو بزرگ ٽي آخر وقت ۾ کلمو به نه پڙهيائين. سيد مينا جي پاڻ کي ماٺهن جي هيءَ ملامت سخت ناگوار گذري لهذا دل ۾ پکو پهه کيائين ته اهڙي پاڻ کي جلائي ڇڏيندس. ماٺهن منع به کيس مگر انهن جو کو خيال نه کندي ساڙڻ جو سامان گڏ کيو ايتري ۾ سيد مينا کفن مان کڻڻ کيي بلند آواز سان کلمو پڙهيو. ملامت کرڻ وارا حيرت ۾ رهجي ويا. سيد مينا اهو به چيو ته بلوغت جي حد کان وٽي جنهن شخص عصر نماز جون سنتون هميشه پڙهيون هجن ان شخص کي مينا جي جنازي جي نماز پڙهڻ گهرجي. مجبوراً قاضي قطب ۽ هڪ ٻئي شخص نماز پڙهي. ان کان پوءِ قاضيءَ چيو ته هاڻي راز بازارن ۽ گهرن ۾ عام طور کلي پيو آهي ان کري ماٺهن جي نظرن کان لڪڻ ئي بهتر آهي. انهيءَ عرصي ۾ پاڻ هن خاکي عالم کان دارالبقا ڏي روانه ٿيا.

شيخ برهان انصاري رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ کالپيءَ جا رهڻ وارا هئا. جواني جي شروعات ۾ شيخ عبدالملک جي شاگرديءَ ۾ حاضر رهندا هئا. انهيءَ غرض سان ته استاد ٻين جي نسبت کين زياده پسند کن. هڪ ڏينهن صبح جو اُٺي مدرسي ڏي وجي رهيا هئا ته

www.maktabah.org

رستي ۾ هڪ پير مرد سامهون ايندي ملين. چيائين تہ برهان ڪاڏي ٿو وڃين تنهنجو نہ اهو ڪم آهي ۽ نہ اهو رستو آهي. واپس ٿيءُ ۽ گوشي نشين ٿي وچ ۽ گوڏن تي ڪنڌ رکي ڇڏ چو تہ جيڪي ماڻهو ڪشائش گهرندا آهن اُهي گريبان جي رستي کان ويندا آهن. پاڻ پير مرد جي ڳالهہ ڏي ڪو توجہ نہ ڏنائون ۽ هليا ويا. ٻيهر وري بہ ساڳي طرح پير مرد کين روڪيو ليڪن اهو بہ ڪارگر نہ ٿيو ٽئين دفعي جيئن تہ گهر کان قدم ٻاهر رکيائون تہ انهيءَ مرد سندن گريبان پکڙي ڪيس زمين تي ڪٽي هنيو ان ڪري سندن پير پڄي پيو ۽ چيائين تہ جيستائين هيئن نہ ڪبو تيستائين پير وڃڻ کان نہ رکبا. ان کان پوءِ هوش پيدا ٿين ۽ اهڙي تہ تنگ حجري ۾ گهڙي ويهي رهيا جنهن ۾ پيرن کي ڦيلائڻ جي بہ گنجائش نہ هئي. نفس سان لڙڻ ۾ گهٽي ڪوشش ڪيائون. پڪل ڪاڏو بلڪل ترڪ ڪري ڇڏيائون. ڪجهہ ڪير ۽ ڪجهہ ڏونري تي گذر ڪندا هئا. سندن بدن جون رڳون ۽ هڏيون هڪ هڪ صاف صاف نظر ايندیون هيون. جيئن تہ سجدي ۾ گهٽو رهندا هئا انڪري سندن پيشانيءَ کي سِيمَا هُمۡ فِيۡ وُجُوۡهِهِمۡ مِنۡ اَثَرِ السُّجُوۡدِ .(انهن جي سڃاڻپ هي آهي تہ سجدن جا نشان انهن جي پيشانين تي آهن) جو درجو حاصل هئن. رحلت کان پوءِ اهوئي ڪمرو سندن قبر نهيو وٽندڙ تقرير جا دوست هئا ليڪن اڪثر شعر هندي زبان ۾ چوندا هُئا. سندن فراق نامي ۾ هڪ هڪ اکر درد ۽ سوز سان پريل آهي. ڪي ماڻهو کين مهديہ ٿا چون ليڪن اها ڳالهہ تحقيق نہ ٿي سگهي.

مخدوم عباس رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

پاڻ جلال سنڌيءَ جا فرزند آهن. بلند همتيءَ جي طاقت سان بيخوديءَ جي شيوي کي ڪرسيءَ تي ۽ سازوسامان ۽ خواهشات کي منڀءَ تي وهاريو هئائون. سندن ولادت ۽ پرورش ٻئي ڳوٺ پاتر (پاٽ) ۾ ٿيا. جڏهن زماني جي شورش جي پريشانيءَ کين اصل ڳوٺ کان ٻاهر ڪيو تہ تقدير جي فرمان موجب پاڻ ڳوٺ هنگورجہ ۾ سڪونت اختيار ڪيائون جيڪو بکر جي ويجهو آهي. ڪيترن ورهين تائين درس جو هنگامون گرم رکيائون ۽ سندن هدايت جي دسترخوان عام هو. قاضي عبدالسلام سنڌي دارالسلام برهانپور ۾ خاندیس

www.maktabah.org

جي فرمانروا علي عادل شاھ فاروقيءَ جي حڪم سان قضا جي عالي منصب تي سرفراز ٿيا. قاضي صاحب حڪيم عثمان بوبڪائيءَ جي شاگردن مان آھي. جڏھن قاضي صاحب سنڌ ۾ ھئا تہ مخدوم صاحب جي خدمت ۾ رھي علم حاصل ڪندا ھئا. قاضي صاحب جو بيان آھي تہ دين- ديانت- دانش- طبيعت جي نرمي وغيره جھڙا اوصاف يقيناً مخدوم صاحب جي خمير ۾ داخل ھئا. ھوش سنياليٽ کان آخر دم تائين طلب لاءِ ڪنھن جي گھر يا ڪنھن ڏي اچڻ وڃڻ ۾ قدم نہ ڪنيائون. ھاڻي جانشين جي حيثيت ۾ انھيءَ مسجد ۾ ۽ حال جي مدرسي ۾ مسيح القلوب شيخ حبيب الله آھن جيڪي ظاھري فضيلت ۾ سيني کان زياده ڪامياب ۽ سرسبز ۽ پرھيزگار آھن نہ رڳو ايترو پر اُتان جي سيني فاضلن کان وڌيڪ مشھور ۽ استحڪام وارا آھن.

شيخ شاھ علي احمد آبادي رحمۃ اللہ علیہ جي ياد ۾

سنڌن زبان مان توحيد جي اکر کان سواءِ ۽ سنڌن قلم سان موحدانہ شعرن کان سواءِ ڪوبہ حرف نہ لکبو ھو. سنڌن ھڪ ديوان ھندي زبان ۾ آھي. روش ۽ معنيٰ جي اعتبار سان شيخ محمد مغربيءَ جي ديوان جھڙو آھي. پاڻ سيدي احمد ڪبير رفاعيءَ جي نسل مان آھن قدس الله سرھما. ملڪ محمود بيارا جن جا عرفاني حالات سنڌن ياداشت ۾ لکيا ويا آھن. ۽ ملڪ الشرق گجراتي جن ھن جھان جي دولت جي سرمائي کي پنھنجي جزوي عملن جي ٻنيءَ جو ٻج بنايو ھو. ھنن ٻنھين صاحبن سنڌن عالم علويءَ ڏي ڪوچ فرمائڻ کان پوءِ ڪيس قطب عالم تبوھ جي پيرن طرف مزار وٺ ڏنو آھي ۽ احمد آباد ۽ تبوھ جي ٻين بزرگن بہ ھن خرق عادت جي متعلق گواھي ڏني آھي. ھجري سنہ نو سؤ ستر ۾ روحاني گلشن جي سير جو عزم فرمائي جسماني مسڪن کي ڇڏيائون. سيد احمد ڪبير رفاعي پنھنجي وقت جا وڏا بزرگ ۽ شافعي مذھب ھئا. ھجري سنہ پنج سؤ اناسيءَ ۾ سنڌن وصال ٿيو ۽ خوابگاھ معبوديہ يمن ۾ اٿن. کين ڪو فرزند ڪونہ ھو ۽ جيڪو فرزند سنڌن ڏي منسوب ڪيو ويو آھي اُھو سنڌن ياءُ جي اولاد مان آھي.

www.maktabah.org

شيخ شكر رحمة الله عليه جي ياد ۾

سندن تعلق نائتہ قوم سان هو. جمڻ ۽ تدفين ٻئي پيمنديءَ ۾ اٽن داپول بندر جي طرف احمد نگر دکن کان ٽي منزلون پري جيڪو نظام الملک جو دارالسلطنت هو. چون ٿا تہ پاڻ گهڻن سالن تائين ٻين جي درس ۾ وينا ۽ فضائل جي تحصيل ڪيائون. اهڙي طرح ٻيا ماڻهو ٻہ سندن مدرسي ۾ آيا ۽ پاڻ تعليم ڏئي فيض پهچايائون. آخر ۾ قيل ۽ قال کي خدا طلبيءَ جي درد ۾ ڇڏي پير طريقت جي رهنمائيءَ جي بدولت سلوڪ ۾ آيا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ وحدت الاهيءَ جي جذبي جي باهہ اهڙي تہ ٻڙڪي جنهن دوربين عقل جي خزاني کي جلائي رک ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ ئي سوختگي ۽ بيخوديءَ جي عالم ۾ هجري سنہ نو سؤ ستر کان ڪجهہ وڌيڪ هو جو هن نيستيءَ جي عالم کي خيرباد چيائون.

شيخ وهبان سنڌي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ شيخ ابراهيم ڪلهوڙي جا مريد آهن. حقيقي وحدت ۽ ايزدي غيرت جو تمام وڏو جلوو ۽ تمام وڏو ظهور سندن ذات ۾ هو. هڪ ڏينهن هلندي هلندي رستي تي هڪ حور جهڙي خوبصورت جي منهن تي سندن نظر پئي فوراً دل مان ندا آين تہ اجا غير جي حسن تي نظر وجهڻ تي مائل آهي. انهيءَ وقت اکين مان بينائي ختم ٿي وئي. اهڙيءَ طرح پاڻ دل کي محنت ۽ سوز سان ۽ جان کي شوق ۽ غيرت سان مالا مال ڪري ڳائيندا ڦرندا هئا. هيءَ عادت آهي تہ هلڻ مهل هٿن کي ٻہ آمدورفت رهندي آهي. سندن هٿ گهٽو هلندو هو. فرمايائون تہ اي هٿ! تون اسان کان اڳ پهچڻ جو خيال نہ ٿو ڪري سگهين. اهو چوندي ئي انهيءَ وقت هٿ سکي پين ۽ جنبش ٻہ هلي وئي. سندن خوابگاه برهانپور ۾ آهي.

شيخ ڪمال الدين رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سليمان قريشيءَ جا فرزند هئا. ۽ پيدائش جي جاءِ ڪالپي هئن تقويٰ- توڪل- تسليم ۽ رضا جو مقام سندن عمل هئا. پاڻ شاهہ ارغون ماريءَ جا

www.maktabah.org

مريد آهن. کين اسماءَ الاهي ۾ ذکر جي اجازت شيخ ابوالفتح هديتہ الله سرمست جي فرزند ۾ خليفي شيخ رکن الدين شطاريءَ کان مليل هئي. باز بهادر افغان ولد سجاول خان جو زمانو هو. جڏهن پاڻ منڊو (مانڊوءَ) ۾ آيا هئا. کتاب جي مصنف جي والد بزرگوار سان دوستي ٿي وئن. پري رهيل هئا. پاڙي ۾ وڃي آين. پنجن سالن جي عمر هئي جو مصنف (غوث محمد شطاري) قرآن پاڪ جي تعليم لاءِ سندن سپرد ڪيو ويو. ٻن سالن جي عرصي ۾ سندن توجہ سان قرآن پاڪ ختم ڪيائون. مطلب تہ هڪ سؤ سال جي عمر توڪل ۾ گذاري ڇڏيائون ڪنهن بہ شخص جي سامهون پنهنجو راز ۽ نياز ظاهر نہ ڪيائون. ڪنهن بہ پنهنجي يا پرائي جي سامهون حرص ۽ خواهش پيش نہ ڪيائون. هجري سنہ نو سؤ ٽيهتر ۾ آخرت جو سفر اختيار ڪيائون. آخري آرامگاہ منڊو (مانڊوءَ) ۾ مصنف جي والد جي مزار جي قريب آهي. ٻنهين جهانن جا رفيق ملي ويا.

شيخ فضل اللهؒ جي ياد ۾

پاڻ شيخ حسين چشتي ملتانيءَ جا فرزند آهن. انجي باوجود جو تعلقات جا صاحب هئڻ سان گڏ آزاد دل بہ هئا. پنهنجي همٿ سان تونگريءَ کي درويشيءَ سان گڏ رکندا هئا. سڀ شيون وقتي ضرورت جي موافق بہ پنهنجي قبضي ۾ نہ رکي محتاجن تي نثار ڪرڻ لاءِ پيش ڪندا هئا. ضرورت مطابق رسمي علم حاصل ڪري هوش جي ذريعي علم ارواح ۽ عالم اجسام جي وچ ۾ موافقت پيدا ڪئي هئائون. جڏهن سندن والد هجري سنہ نو سؤ پنجيتاليهہ ۾ آخري سفر اختيار ڪيو تہ سن چاليهن ۾ کين حج جو شوق حجاز مقدس ڈي وٺي ويو. اتي حج اڪبر ڪري مدينتہ نبي ﷺ جو بہ ديدار ڪري انهيءَ شرف کان بہ مشرف ٿيا. وري مدينہ منوره کان واپس خانہ خليل جي خاڪ بوسي ڪري ان جي بدولت بيدار دل حاصل ڪيائون. هجري سنہ نو سؤ پنجاهہ هو جو هندستان واپسي ٿي ۽ پنهنجي گهر پهچي پنهنجي بزرگن جو طريقو اختيار ڪيائون. هجري سنہ نو سؤ ٻاهتر ۾ الاهي وصال جو پيغام اچي پهتن. ظاهري دوريءَ کان نجات حاصل ڪري نعلجہ ۾ جيڪو منڊو (مانڊو) جي قريب آهي خوابگاہ قبول ڪيائون.

مصرع: فضل بيچون قرين جانش باد-

www.maktabah.org

شيخ علي شير بنگالي رحمة الله عليه جي ياد ۾

پاڻ سيني علمن مان مستفيد- ۽ سيني عقلي فنن جا ماهر هئا. نورالهديٰ ابوالڪرامات جي نسل مان آهن. جيڪو شيخ جلال الدين مجرد جو خليفو هو. ۽ شيخ جلال الدين مجرد اهو هو جنهن ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ ترڪستان کان هندستان جو سفر ڪيو ۽ راجا گرنڊ ڪوند کي مارڻ کان پوءِ بنگال صوبي جي هڪ ڳوٺ کي نورالهديٰ جي حوالي ڪيو هو. هي حالات شيخ مجرد جي ياداشت ۾ به لکيل آهن. هڪ ڪتاب شرح نزهته الارواح شيخ علي شير جي تصنيف آهي. مصنف شيخ علي شير جا گهٽا حالات انهيءَ ڪتاب جي خطبه تان اخذ ڪري لکيا ويا آهن.

هي درويش جڏهن جوانيءَ کي پهتو ته خدا طلبي- حق پرستي ۽ خداشناسيءَ جي درد، دل کي گريبان کان پکڙي اهڙي داناءَ جي جستجوءَ ۾ وطن کان ٻاهر ڪڍي سفر تي مجبور ڪيو. جيڪو رهنمائيءَ جي ذريعه علاج ڪري. اتفاق سان جنهن سان به اندر جي درد جو حال بيان ڪيائين ان جي تلقين دل جي درستي نه ڪئي. هڪ رات ڳوٺ اوڏ ۾ انهيءَ ئي فڪر ۾ غنودگي پيدا ٿين ۽ انهيءَ حالت ۾ غوث الاوليا قدس سرهُ جي مثالي صورت جو مشاهدو ٿيو ۽ انهيءَ مشاهدي مونکي عاشق بنائي ڇڏيو. هاڻي آرزو ٿي ته بيداريءَ ۾ به خدمت ۾ حاضريءَ جي دولت حاصل ڪئي وڃي. انهيءَ دوران خبر ملي ته غوث الاولياءَ دهليءَ آسودگانِ جي زيارت لاءِ تشريف فرما ٿيا آهن. مان بنا دير دهليءَ ڏي روانو ٿيس. جڏهن ڪيلو کهري ڳوٺ ۾ پهتس ته هتي بيداريءَ جي عالم ۾ اُهائي صورت نظر آئي جيڪا مان مثال جي عالم ۾ ڏسي چڪو هئس جڏهن بيعت جو شرف حاصل ٿيو ته ملي ويو جنهن جي ڳولا هئي. ۽ ڏسي ورتم جيڪو مليو نه ٿي. ان کان پوءِ مون چند سال سندن خدمت ۾ بيهي گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو. ايتري ۾ پير بزرگوار ماڻهن جي بدباطني ڏسي گجرات جي طرف هجرت فرمائي. درويش به ساڻن گڏ پيروچ تائين ويو هو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ احمد آباد ۾ رهڻ جي اجازت مليس. چنانچه مان انهيءَ اسلامي شهر ۾ پهتس ۽ ملڪ عمادالملڪ روميءَ جي مسجد ۾ هڪ

www.maktabah.org

ڪنڌ ۾ گوشي نشين ٿي ويس. جيئن ته عالم باطن ڪان حجاز جي سفر جو اجازت نامو نه مليو. لهذا چند ڏينهن کان پوءِ پير بزرگوار به پروچ ڪان واپس ٿي احمد آباد ۾ تشريف فرما ٿيا. هتي ڪي گهٽ ڏهن وارا عالم ۽ ننڍي نظر وارا خرقي پوش ساٿن دشمني جا بهانا ڳولڻ لڳا ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهيون سندن نسبت چئي انهيءَ ذريعي سان سندن صاف ۽ شفاف دل ڪي اڃا وڌيڪ روشن ڪيائون. ليڪن ان جاءِ تي رهڻ ڪين ناگوار گذريو هڪ دفعي آسمان مان خوشخبري آئي ته هجرت جو جيڪو سبب هو. اُهو پري ٿيو ۽ واپسي جو باعث ٿيو. اهو ٻڌي پاڻ گواليار ڏي ڪوچ فرمايائون مگر هن درويش ڪي اتي ئي ڇڏيائون. ۽ سندن حڪم موجب شرح نزهت جو خلاصو تصنيف ڪيو ويو.

چون ٿا ته هجري سنه نو سؤ ستر ڪان ڪجهه مٿي شيخ علي شير ناسوتي تنگ ۽ تاريڪ ڪوچي ڪان لاهوت ڏي روانه ٿيا. آرامگاه احمد آباد ٿين.

شيخ حسين پورملڪ محمد رحمة الله جي ياد ۾

جڏهن سندن سلوڪ جي شروعات هئي ته گهٽن سالن تائين بيخودي رهي ۽ پکن وانگر رات ڏينهن هڪ وڻ تي چڙهيو وينا هوندا هئا. انهيءَ ئي جذبي جي حالت ۾ خشڪيءَ جي رستي سان حجاز مقدس ڏي ويا. هڪ رات جو ذڪر آهي ته حرم محترم ۾ خواب جي اندر حضرت خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم جن هندستان ڏي وڃڻ جي اجازت ڏنن ۽ فرمايائون ته سرڪار قنوج ۾ سائي پور جي مقام تي وڃي شيخ زمان صفي الدين چشتيءَ سان بيعت ڪر. پاڻ چون ٿا ته جڏهن مان سائي پور پهتس ته منهنجي دل ۾ اها ڳالهه آئي ته جڏهن مان خانقاه ۾ پهچندس ته شيخ مونکي اڪيلائيءَ ۾ اندر سڏائيندو. ۽ جيڪا ڪلاه سندن مٿي تي هوندي بغير منهنجي التماس جي مون کي پارائيندا. ۽ منهنجي عبادت جي لاءِ حجرو عنايت فرمائيندا. مطلب ته جڏهن مان خانقاه جي دروازي تي آيس ته شيخ خادم کي چيو ته شيخ حسين جيڪو دروازي تي بينو آهي ان کي اندر اچڻ جي اجازت آهي. خادم سڏ ڪيو ته شيخ حسين ڪير آهي. اندر اچي. مون جيئن ته قلندرانه لباس پاتو هو ان ڪري چيم ته مان شيخ نه آهيان. ليڪن منهنجو نالو حسين ضرور آهي. خادم واپس ويو ۽

www.maktabah.org

جيڪي ڪجهہ ڏنائين ۽ ٻڌائين وجي عرض ڪيائين. حڪم ٿيو تہ اهوئي شخص گهرجي. اندر اچي چنانچہ مان اندر هليو ويس ۽ جيڪي ڳالهيون منهنجي ضمير ۾ هيون اهي سڀ جون سڀ ظاهر ٿيون. مون انهيءَ خانقاهہ ۾ ٻہ چلا ڪيا. ان ڪان پوءِ اجازت ملي تہ عمادالملڪ جو سڪندره دهليءَ ڪان هيتري فاصلي تي آهي. ان ۾ وجي رهڻ گهرجي ۽ خدا جي طالبان جي هدايت ڪرڻ گهرجي. چنانچہ حڪم جي تعميل ڪئي وئي.

چون ٿا تہ شيخ عبدالعزيز يحيٰ مندريءَ جڏهن ظاهري عالم ڪان سفر ڪري آخرت جو رستو اختيار ڪيو تہ پاڻ شيخ عبدالعزيز جي فاتحہ لاءِ دهليءَ ويا ۽ شيخ عليہ الرحمتہ جي فرزندن جي طرف متوجہ ٿي تلقين فرمايائون تہ روح راڙو ڪرڻ درويشيءَ جي شان جي خلاف آهي. ان ڪري سندن ڪلام مان سواءِ تسليم ۽ سڪون جي ڪا ڳالهہ نظر نہ آئي. جيڪي ماڻهو رسم جا گرفتار هئا اُهي وڏيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا. پاڻ فرمايائون تہ رئڻ انهن لاءِ زيب ٿو ڏئي جيڪي پري آهن. ليڪن مونکي تہ تمام جلد شيخ عليہ الرحمتہ سان ملڻ جو موقعو درپيش آهي. ٻن ڏينهن جي اندر دهليءَ جي رهواسين جي زيارت ڪان فارغ ٿيا. ان ڪانپوءِ پاڻ سڪندره جو رستو اختيار ڪيائون. جڏهن سڪندره پهتا تہ پنهنجي مسجد جي اڳڻ ۾ هڪ جاءِ تجويز ڪري قبر کوٽڻ واري ڪي گهرائي چيائيون تہ تمام وڏي قبر کوٽ ۽ ان لاءِ جيتري بہ عمارت لازم هجي اُها بہ تيار ڪر. قبر کوٽڻ واري ڪي انهيءَ ڪم تي لڳائي پنهنجي دوستن ۽ عزيزن ڪان آخري الوداع ڪرڻ لڳا سيني ڪي حيرت لڳي جڏهن قبر تيار ٿي ۽ الوداع ڪرڻ ڪان فارغ ٿيا تہ خوشيءَ ۾ ڪليل پيشانيءَ سان هجري سنہ نو سؤ چاهتر ۾ دوست جي وصال جو رستو ورتائون. هڪ شخص آزادون جو عاشق شيخ محمد يوسف ڪاتب ڪول جو باشندو آهي ۽ خداشناس بہ آهي. شيخ حسين جي خدمت ۾ پهچي چڪا آهن. انهن مٿين حقيقت مصنف ڏي لکي موڪلي.

شيخ عبدالملڪ بنباني عباسي رحمۃ اللہ عليہ جي ياد ۾

سندن ولايت ۽ تدفين ٻئي احمد آباد ۾ آهن. پنهنجي وڏي ياءُ شيخ قطب الدين جا شاگرد آهن جنهن حديث ۾ سند شيخ سخاوي مصري جيڪو شاگرد هو شيخ ابن حجر عسقلانيءَ ڪان حاصل ڪئي هئي. علم تفسير ۽ علم حديث ۾ ترقي حاصل ڪري عام اهل زمانہ جا استاد ٿي ويا هئا. صحيح بخاري ۽ قرآن

www.maktabah.org